# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۸] [نمبر ۴

## فهرست

"گذارش" — ادارو (ص ۱)     سنڌ جو لافاني شعر: بيت — شاهه لطيف

شعر: بيت (ص ۹)؛ دوها (ص ۱۱)؛ ڪافيون (ص ۱۳)؛ وايون (ص ۱۹)؛ گيت (ص ۲۲)؛ لوڪ گيت (ص ۲۹)؛ نظم (ص ۳۰)؛ سيحرفي (ص ۳۹)؛ آزاد نظم (ص ۴۵)؛ نيون طرزون (ص ۴۶)؛ غزل (ص ۴۸)؛ قطعا (ص ۵۴)؛ رباعيون (ص ۵۸)؛ ادب لطيف (ص ۶۲).

افسانا — صفحو

۱. هڪ سچ، هزار پاچا — سراج ۷۵
۲. ڪيني آگر — نسيم ڪرل ۸۴
۳. جواب — موهن ڪلپنا ۸۹
۴. زندگي حسن جي حڪايت آ — حنيف حملاٽي ۹۲
۵. امير — ڪمل 'پيامي' ۹۸
۶. خوابن جو مسافر — سيد ذوالفقار راشدي ۱۰۴
۷. چا اهو خواب هو (ترجمو) — علي بخش ميمڻ ۱۱۰
نوجوان ساٿيءَ ڏانهن — جمال رند ۱۱۵

ناٽڪ

۱. جهڪندڙ اوچائيون — موهن ڪلپنا ۱۲۰

مضمون

. ادب ۽ زندگي — علامه آءِ.آءِ. قاضي ۱۳۱
۲. فن جي اهميت (ترجمو) — مراد علي 'اختر' ۱۳۹
۳. فن ۽ ثقافت — غلام علي الانا ۱۵۴
۴. مضمونَ — ڊاڪٽر علي احمد قاضي ۱۰۹
۵. مضمونَ — لعل بخش ٽالپر ۱۶۹
۶. "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" — سراج ۱۷۷
۷. آخري حل (ترجمو) — رشيد آخوند ۲۱۸
۸. "مهراڻ" جا موتي — ادارو ۲۵۳
۹. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا ۲۵۷
۱۰. علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون ۲۶۰
۱۱. "آديسي آئي ويا..." ۲۶۴
۱۲. تبصرا ۲۷۳
۱۳. پڙهندڙن جا پيغام ۲۷۵

تصوير: "انسانيت، موت ۽ حيات جي ٻه واٽي تي"

ايڊيٽر: غ. م. گرامي     اسسٽنٽ ايڊيٽر: شمشير الحيدري

# مهراڻ

ـ تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

---

| ساليانو چندو | | في ڪاپي | |
|---|---|---|---|
| پاڪستان لاءِ | ٠-٠-١٠ روپيا | پاڪستان لاءِ | ٠-٨-٢ روپيا |
| ولايت لاءِ | ٠-٠-١٢ روپيا | ولايت لاءِ | ٠-٠-٣ روپيا |

اشتهار في صفحو ٠-٠-١٠ روپيا

---

Printed and Published by Mohammed Ibrahim M. Joyo, B. A., B. T., Secretary, the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book-stall, Station Road, Hyderabad, Sind.

جا عمر تو سل عيد، سا اسان سُوءِ ورتي سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خـوشي ۽ خريـد،
سِڪڻ ڪيا شهيد، سـارو جـي ملير جـا.

— شاهه عبداللطيف رحه

تُنَ تُنيندو آهه، مَکُ ڏيهائي مَکُڙي،
سالباهي سمونڊ جي مَنان مُور مَ لاهه،
اڄ ڪ سنجهه صباح، اُهرندي آنانکهه تَڙين.

اچي سو ڏنوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪَنن مين،
سُئي لوڪ، ’لطيف‘ چئي، ياد نه ڌرو ڪوءِ،
غافل ٿي غوراب ڪي، اوڙاهه تي آندوءِ،
سو چيتَرُ چوُهي ڪان رکين، جو ٻُراٽو ٻوءِ،
جهاز ضعيفن جو، ٻانئيءِ ۾ ٻرتوءِ،
سيد، ساٿ سندوءِ، ’ٻُر‘ بندر پهچائيين.

ڏُنکي وچ دريا، کي ٻَڏي کي اٻري،
هو جي وادي وائيا، سي سوهڻ سب سڙٻا،
معلم ماڳ نه اکٿين، فرنکي منجهه قريا،
ملاح تنهنجي مکڙيءِ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڏينگ ڏريا، تيتي تاريءِ تُنهنجي.

ڏُنکيءِ ۾ داٿا، وني وجهه، وکر جا،
وٻر ورندءِ ويسرا، ويهه م ويڳالا،
هيءِ لنبڊ نه چاٿا، ڪڏهن هٿندءِ ڪَن ۾.

وکر وٿجارا، ٻاٿ ٻرائو چاڙهيو،
اچي لهريون لڳيون، ٻيڙيءِ ٻه ٻارا،
جاکو جي ٻارا، نه تڙ توائي نه ٿئي.

بندرُ جان پئيي، ته سُکائيا م سُمهو،
ڪپر ٿو ڪَنُ ڪري، جيئن مانيءِ منجهه مَهي،
ايڏو سُور سَهي، لنبڊ نه ڪجي، ناکئا!

— شاهه عبداللطيف رحه

# گذارش

## سنڌي زبان ۽ تعليمي ڪميشن جي رپورٽ.

هن انقلابي حڪومت جتي ملڪ جي مختلف مسئلن متعلق صحيح معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ڪميشنون ۽ ڪاميٽيون مقرر ڪيون هيون، اتي هڪ ”تعليمي ڪميشن“ به مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن کي اهو ڪم سونپيل هو ته هوءَ پاڪستان جي تعليمي مسئلن بابت رپورٽ پيش ڪري ۽ هن دور ۾ تعليم کي وڌائڻ لاءِ سفارشون پيش ڪري. چنانچه اها رپورٽ تازو شايع ٿي چڪي آهي، ۽ اهل فڪر حضرات ان جي مختلف سفارشن متعلق مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ تبادلہ خيالات ڪري چڪا آهن.

ڪميشن جي مختلف سفارشن سان اتفاق ۽ اختلاف جي قطع نظر، جي سفارشون تعليمي سرشتي ۾ علائقائي ٻولين جي مقام ۽ استعمال متعلق ڪيون ويون آهن، اهي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿيون ڪري سگهجن. انهن سفارشن جي تعميل ۽ تڪميل کان پوءِ جي دوررس نتيجا نڪرڻا آهن، اهي اسان جي تعليم ۽ ثقافت لاءِ ڪيتريقدر مفيد ۽ صحتمند ٿي سگهن ٿا، ان متعلق هر اهلِ فڪر کي سوچڻ گهرجي.

هت تفصيلي طور سفارشن کي بيان ڪرڻ کان بچندي، فقط ايترو ظاهر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهجي ته انهن سفارشن موجب سنڌ جي ثانوي اسڪولن ۾ سنڌي زبان کي ذريعه تعليم هجڻ جي درجي کان به محروم ڪيو ويو آهي، ۽ ان جي جاءِ تي ’اردو‘ کي ذريعهء تعليم بنائڻ لاءِ سفارش ڪئي ويئي آهي. سفارش جي ان غير مفيد ۽ غير مدلل حصي سان سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ دانشورن اختلاف ظاهر ڪيو آهي. چنانچه سنڌي اخبارن ۾ ان قسم جا مطالبا، ٺهراءَ، پريس بيان ۽ خطَ ڪافي انداز ۾ شايع ٿي چڪا آهن، ۽ سنڌ جي سڀني روزاني اخبارن — ’مهراڻ‘، ’نواءِ سنڌ‘، ’عبرت‘، ’هلال پاڪستان‘ — نهايت پرمغز ۽ زوردار ايڊيٽوريل نوٽ پڻ لکيا آهن، ۽ هفتيوار اخبارن به ان مطالبي جي تائيد ڪئي آهي. اهڙي همہگير علمي ۽ فني مطالبي جو رد عمل ڪهڙو ٿئي، ان متعلق ڪجهه چوڻ قبل ازوقت ٿيندو، تاهم اميد اها آهي ته اهڙي متفقہ طور ڪيل تقاضا کي هيءَ انقلابي حڪومت نظر انداز ڪري، قبوليت جي شرف کان محروم نہ ڪندي

ان تقاضا جا ڪي علمي ۽ ثقافتي پهلو اهڙا آهن، جن تي شايد غور نہ ڪيو ويو آهي:

۱. سنڌي زبان نهايت قديم ۽ تاريخي زبان آهي. برصغير هند و پاڪ ۾ هن کان وڏيڪ جهوني زبان ٻي ڪانہ آهي. ڪن عالمن لکيو آهي تہ خود سنسڪرت بہ سنڌي زبان کان پوءِ پيدا ٿي آهي.

۲. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمائيدار زبان آهي، جنهن کي پنهنجي لغت آهي، ۽ اندازي طور منجهس ۲ لک لفظ آهن. چيو وڃي ٿو تہ انگريزي زبان ۾ بہ ۲ لک کن لفظ مس ٿيندا. اصطلاحات ۽ محاورات جو وڏو انداز انهن کان سواءِ آهي.

۳. هن ٻوليءَ کي پنهنجو رسم‌الخط آهي، جنهن کي عربي-سنڌي رسم‌الخط چيو وڃي ٿو. اهو پوري اسلامي دنيا — ايران، مصر، افغانستان، بلوچ ايراضي، ملايا، انڊونيشيا، ترڪي — جي ٻولين ۽ انهن جي رسم‌الخط کان تاريخي طور قديم رسم‌الخط آهي، جو خالص عربي رسم‌الخط تان ورتل آهي. ان جي مقابلي ۾ فارسي ۽ اردو، پشتو ۽ بلوچي رسم‌الخط ۾ وڏو فرق آهي. فارسي نستعليق خط آهي، ۽ اردو ان تان ورتل آهي. گويا پوريءَ دنيا ۾، عربي رسم‌الخط وانگر، محفوظ ۽ علمي رسم‌الخط فقط سنڌي زبان جو رسم‌الخط آهي، جنهن ۾ هزارها ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اهو بہ ياد رهي تہ برصغير هند و پاڪ جي تهذيبي ۽ تعليمي تاريخ ۾ اهو سنڌي-عربي پهريون رسم‌الخط آهي، جو ديوناگري خط جي جاءِ تي، خالص ديني ۽ قومي اثرات کي قبول ڪندي، بحال ڪيو ويو، ۽ جو ڏهين صديءَ کان وٺي هلندو اچي ٿو.

۴. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو گرامر آهي، جو هر حيثيت سان مستقل ۽ سائنٽيفڪ آهي، جو سنسڪرت ۽ عربي صرف ۽ نحو وانگر ڪامل بہ آهي، پر ڪن حيثيتن سان انهن کان بہ وڌيڪ علمي ۽ فني آهي.

۵. سنڌي زبان کي پنهنجي عظيم تاريخي حيثيت سان گڏ، رکو ٻوليءَ جي وجود ۽ ان جي لساني تشڪيل، لغت جي ترتيب، صرف ۽ نحو جي اصولن متعلق وڏو علمي ۽ تاريخي ذخيرو موجود آهي. سنڌيءَ کان سواءِ هندي، سنسڪرت، فارسي، انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ علم‌الالسنہ متعلق تمام گهڻا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ادب ۽ لغت متعلق علمي طرح ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

۶. سنڌي زبان ذريعہ تعليم رهندي آئي آهي. سنڌ ۾ ادبي ۽ شعري ذخيرو اگرچہ سمن جي راڄ ۾ پيدا ٿيو، پر ڪلهوڙن جي دور ۾ ٺٽي جي عالمن ۽ بزرگن سنڌي ٻوليءَ کي ديني تعليم لاءِ ذريعہ تعليم ڪري استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. محمد هاشم ٺٽوي ۽ ابوالحسن ڏاهري، ملا معين، مخدوم صادق نقشبندي، مخدوم

# ا

## بيت

مخدوم محمد زمان 'طالب المولا'; محمد خان 'غني'; سرو پچندر 'شاد'

**دوها:** ذوالفقار راشدي; سرو پچندر 'شاد'

## ڪافيون

مصري شاهه; مرزا قليچ بيگ; حافظ شاهه 'حافظ' ٽڪڙائي; مخدوم محمد زمان 'طالب المولا'; ميران محمد شاهه 'مير'; محمد خان 'غني'; حافظ محمد احسن; حسين بخش 'خادم'; مير محمد 'ميرل'، جويو; پير محمد 'پياسي'; نياز علي شاهه 'محسن'; احمد خان 'آصف'; علي بخش 'رضا'

**وايون:** مخدوم محمد زمان 'طالب المولا'; محمد خان 'غني'; عبدالجبار 'شام'; احمد خان 'آصف'

## گيت

شيخ محمد ابراهيم 'خليل'; گوورڌن محبوباڻي; 'نياز' همايوني; نارائڻ 'شيام'; عبدالڪريم گدائي; سراج; سرو پچندر 'شاد'

## لوڪ گيت

م. ع. ڏيپلائي

## نظم

گوورڌن محبوباڻي; 'تنوير' عباسي; سرو پچندر 'شاد'; 'ذوالفقار' راشدي; 'درد' دريشاڻي; امين 'فهيم'; 'برده' سنڌي

## سي حرفي

مير محمد 'ميرل'، جويو

## آزاد نظم

سرو پچندر 'شاد'

## نيون طرزون

سرو پچندر 'شاد'; 'پروانو' پٽي

## غزل

'سرشار' عقيلي; شيخ 'اياز'; عبدالحليم 'جوش'; علي محمد 'مجروح'; 'برده' سنڌي; عبدالڪريم 'گدائي'; عبدالله 'خواب'; شيخ 'راز'; شبير 'هاتف'; 'درد' دريشاڻي; 'ذوالفقار' راشدي; محمد علي 'جوهر'

## قطعا

احسن الهاشمي; سرو پچندر 'شاد'; 'ذوالفقار' راشدي

## رباعيون

مرحوم مراد علي 'ڪاظم'; ا.ح. جسڪاڻي

## ادب لطيف

جهامنداس پاٽيا; ا.ح. جسڪاڻي; هريڪالت

"قباحت ۽ حسن هڪ ڀيري سمنڊ جي ڪناري تي اچي ملاقي ٿيا. هڪٻئي کي چيائون، اچو ته سمنڊ ۾ وهنجون. پوءِ ڪپڙا لاٿائون، ۽ وڃي پاڻيءَ ۾ تڙڳيا. ٿوريءَ دير کان پوءِ قباحت موٽي ڪناري تي آئي، ۽ حسن وارا لٽا اوڍي رسندي رهي. حسن به سمنڊ مان نڪري ٻاهر آيو، ۽ ڏٺائين ته سندس ڪپڙا هئا ئي ڪونه؛ اگهاڙپ سبب نهايت شرمايو پيئي، سو قباحت واري وڳي سان ئي ڪٽي پاڻ ڍڪيائين. پوءِ حسن پنهنجي واٽ وٺي هليو ويو.

"بنهه اڄ سوڌو، ماڻهو حسن کي قباحت ۽ قباحت کي حسن ڪري پيا سمجهن. ته به، ڪي آهن، جن حسن جو مُکڙو ڏٺو آهي، ۽ اڌاري ويس ۾ به ان کي سڃاڻن ٿا؛ ۽ ڪي آهن، جن کي قباحت جي مکروهه مهانڊي جي ڄاڻ آهي، ۽ حسن وارو ويس قباحت کي سندن اکين کان لڪائي نٿو." ــــ خليل جبران

سالن تائين ساک پريسين تنهنجي سونهن سندي،
ڦٽکي پيئي تنهنجي سک ۾ دلڙي دردوَندي.

عنبر جي دونهين جيان آيو دل ۾ تنهنجو نُور،
مَن-مندر ۾ هي ڪا مُورت مون نه سجائي مور.

## سرو پچندر 'شاد'

ڪَرَ موڙي پيئي جاڳي دل ۾ تنهنجي ايئن آڪير،
پاڻيءَ جي ماٺيڻي ڳل کي چُمي ويئي جڻ هير.

منهنجن چپڙن تي، او منڙا، تُنهنجو ايئن آه نانءُ،
ڪوئي سانگيڻڙو پيو ڳائي بيت 'شاه' جو پانءُ.

تنهنجن چپڙن تي اڄ مُرڪن ايئن ڪيو آ وس،
تازن تازن انگورن مان جڻ پيو ٽپڪي رس.

ڦوهارو ٽِيي تنهنجين اکڙين مان ايئن لڪري پريت،
وڻ جي تارين تي جڻ ڳائي چانڊوڪي پٺي گيت.

ڇرڪي، مُرڪي، هٻڪي، تنهنجو ڳالهائڻ جو ڍنگ،
ڇُڪڙي پي، اوسائين، پيو جڻ چارڻ چوري چنگ.

تنهنجن رخسارن تان ايئن ٽِيي چانڊوڪي ٽِيرڪي،
جيئن تي سنگمرمر پيو جڻ مُرڪي ۽ ڇِرڪي.

تنهنجين نظرن کي ايئن چميو منهنجين نظرن آهه،
ملي چڪور کي ويو جڻ، سُهڻا، چنڊ چرئي جو چاهه.

تنهنجي منهنجي پريت پراڻي، پنهنجو هڪڙو ماڳ،
مان مستانو شاعر آهيان، ۽ تون منڙو راڳ.



# ڪافيون

## مصري شاهه

بِرهه بيرنگ بيحساب، تو مَيَن جي مَتِ مُنجهائي!
جت هٺي نيزا نظارا، ناز ناوڪ نينهن ناب،
ان اثر عيلاج جي طاقت طبيبن ناهه تاب:
ڪڏ ڪٺي ڏ پڙا ڏڪائي...
هوش جي ات ناهه حاجت، ٿيون مٽيون سڀ مهٺيءَ هاب،
عقل ات اوجهو ٿيو، ڪنهن رمز جو وڄيو رباب:
نظر سان نوئي نچائي...
عشق جون آڏيون آڙائي، تت نه هوئي ڪو حجاب،
درد در پردا وڃايا، ڏوهه ٿيا هاٺي ثواب:
ڪفر ايءُ ڪلمو پڙهائي...
جئن بدل بجليون ٿيون پڙڪن، تئن لڪيو لاهي نقاب،
سرّ صحيح جاڃ سو 'مصري'، منهن مقابل ماهتاب:
منجهه مُنجهائي مت مَڇائي...

## مرزا قليچ بيگ

جَسُ جوڳيڙن ڪي آهي، جي ويڙا توڙ نباهي!
جُنگ جوان لڏيا لاهوتي، نفي ڪيائون سنگ ثبوتي،
خاڪ ملي ڪيئون انگ ڀڀوتي، ويس وڳا سڀ لاهي؛
— جس جوڳيڙن ڪي آهي،...
سفر سنيريا سورهيه سامي، سانگ ستي ٿيا نانگا نامي،
ديسي ٿيا پرديس مقامي، ساڳ مڻيءَ جا ناهي؛
— جس جوڳيڙن ڪي آهي،...

احمد خان 'آصف'

ووڻ وندر کي ووڻ ور ريءَ ويهه ۾ ويسلي!
ماڙيون محل ڦٽا ڪري، خيما ٻر ۾ کوڙ...
ڪاهي هل تون ڪيچ ڏي، ميٽن ڪان سنهن موڙ...
ڏيرن توڙي ڏاڍ ڪيو، تون ته نباهج توڙ...
آنڙا آريءَ ڄام جا، ٻانهي ٿي ٻڌ ڇوڙ...
'آصف' آريءَ ڄام لءِ، ڄايون جيءَ ۾ جوڙ...



# گيت

## شيخ محمد ابراهيم 'خليل'

ٻڌجي سنڌءَ پُڪار، پپيها، ٻڌجي سنڌءَ پڪار!

تنهنجيءَ لَيءِ ۾ خنجر آهن، تنهنجا گانا نشتر آهن،
تنهنجي ڪُوڪ ڪنار — پپيها، ٻڌجي سنڌءَ پڪار.
سال ڏيئا ساجن ڪي آئي، ور ور ڏيئي ياد ستائي،
هيءَ هيءَ تنهنجي تنوار — پپيها، ٻڌجي سنڌءَ پڪار.
رات جهڙالي، ٻجلي چمڪي، ڌڪ ڌڪ ڌڪ دل منهنجي ڌمڪي،
من ۾ مَچَ هزار — پپيها، ٻڌجي سنڌءَ پڪار.

## ڪوورڌن محبوباڻي

# ساوڻ ۽ وڇوڙو

آيون ساوڻ جون برساتيون —
هاءِ، سهيلي! آءٌ اڪيلي، ڪئن ڪاٽينديس ڪاريون راتيون؟...

اُڏندا لُڏندا بادل آيا —
ڪارن ڪارن، ڪاجل وارن نيڻن ڪيڙا وس جا سعيا!...

ٺهڪ ڏيئن ٿا بادل ڪارا —
ٿي ويڳاڻي، پريت نماڻي، هاءِ پري ويٺي ٺوڪارا!...

ڪِلندي ٽِلندي ٻجلي آئي —
منهنجي مَنَ ۾، منهنجي تَنَ ۾، هاءِ وڇوڙي آڳ لڳائي!...

رمجهم رمجهم بولدون برسيون —
عاجز آهُون، دردي دانهون، سِسڪيُون سيني منجهه نه ترسيون!...

منهنجي اکين جي هن ساگر ۾
هاڻ ته ڪو به ڪنارو ناهي،
ڀوءِ پلا هي تنهنجي اکين ۾
طوفانن جو اشارو ڇا هي؟
ياد ته هوندءِ...
نينهن نهوڙي، تو منهن موڙي،
مون کان هو ڪيئن پلئه ڇڏايو!

آپ ۾ ڪارا بادل ڏسندي،
وارن کي هي ڪولڻ ڇا جو؟
ڇيڙا ڇوري، مُرڪ سجائي،
اِندلٺ کي هي ڳولڻ ڇا جو؟
ياد ته هوندءِ...
مُرڪ کسي، تو دل کي توڙي،
مون کان هو ڪيئن پلئه ڇڏايو!

چنڊ به هائي، دل جو ويري،
داغ پرائڻ ٿو سيڪاري!
گهاوَ پراڻا ناسور بڻيا –
هاءِ، سي منظر ساري ساري!
ياد ته هوندءِ...
گهنڊ وجهي، تو چپ پڪوڙي،
مون کان هو ڪيئن پلئه ڇڏايو؟

سرو پچند ر 'شاد'

## آءُ ته پريتم گيت سڻايان

مٺڙا مٺڙا، پيارا پيارا، آءُ ته پريتم گيت سڻايان!

منهنجن گيتن جا پوڇاري، سُندرتا ۽ اُلفت آهن؛
مُنهنجن گيتن جي درياءَ جي لهوارين ڇولين تي چڙهندي،
جيون جا هنج، سينو تاڻي، ڇولين سان پيا سينو ساهن؛
مُنهنجن گيتن تي، او سائين، جوين گهوريو ايئن وجي ٿو،
ڇيڙن تي جيئن پيالو ساڻين!
گيتن جي ماڻ ڌوم مچايان، ... آءُ ته پريتم گيت سڻايان.

تو ٻن منهنجا، او مٺي، ڳوڙها ڳاڙن ڳيت،
منهنجي جيت هار آ تو ٻن، اڙي پريت!
تو لئہ منهنجي ماندي آهي اڄ پرک؛
— ماري ويئي مون کي، الا، تنهنجي اک!

مون کي وري بہ پيار اکين جو انب-رس،
پلي ڀوء سُور ڏي، پلي دل ٻہ، ڪس:
مون تي تنهنجا، او مٺي، ٿيندا ٿورا لک!
— ماري ويئي مون کي، الا، تنهنجي اک



# نظم

**گووردڻ محبوباڻي**

## هاريءَ جي نينگري

ڪيتن ۾ ڇانيو جڻ خمار، سنگن سر ڏوڙيا ٻار ٻار!

ٻاغن ۾ جڻ آئي بهار—
جڏهن لڏندي، لمندي، ٽلندي،
وروڪڙ پيچري تان ڪلندي،
هلندي، پيهي تائين پهتي،
البيلي اينگر هاريءَ جي!

ڪجهه ڪڻڪ رنگي، سهڻي سڊول،
لب لال لال، گويا گلاب،
نانگڻ جهڙي چنچل چوٽي،
آزاد مُرڪ، جڻ چانڊوڪي،
اکڙيون ۽ ٻانهون گول گول؛
نظرن پيتو آ جڻ شراب؛
لهرن وانگر لڏندڙ پوتي؛
بيڌڙڪ ٽهڪ، جڻ آبشار!
— سنگن سر ڏوڙيا ٻار ٻار...

هڪ هٿ ۾ ڏوڏو، ساڳ ذرو،
ڪڇ ۾ ڪا ٻڪري يا وڇڙو،
بيچين اکيون مچڪائيندي،
بيخوف اچي ٿي ڳائيندي،
۽ ٻئي ۾ ڇاڄ پريو لوٽو؛
۽ سر تي ٻارُ ٻريل مٽ جو:
مضبوط ڪمر لچڪائيندي،
جڻ ڇيڙي ڪنهن ڪومل ستار!
— سنگن سر ڏوڙيا ٻار ٻار...

کيتن جي رکوالڻ بنجي،
زر سان ڀيرائي ڪانياڻي،
ڇوليءَ هيٺان اُڀريل ڇاتي،
جڻ ڇيري بادل برساتي،
آڻي ٿي جهول ڳُليان جي؛
هوءِ ڀڳهري ٿي ٻاٽي ٻاٽي:
آلي ٿي ٻاڻي ٿي جهاتي،
وٽ ڪاڻي ٿي وڃ بيقرار!
— سنگن سر ڏوڙيا ٻار ٻار..

ٻيار سهاري، نفرت لائق جڳ سان ناتا ڪين ڇنامين،
سونهن سهاري، ڪَرِيَ پرائي هن جڳ کي ڪيئي گيت ڏنامين.

منهن موڙي، سڀ ناتا ٽوڙي، ويامين هئي جيئن موت جي ڏيري،
سونهن ڪيو سڏ، پيارَ پڪاريو، موٽي آيامين منهن ڦيري!

سروپچندر 'شاد'

## اُلجهن

نيري آڀ ۾ گدلا بادل ائين ٿا ڊوڙن، جڻ ڪي چوريون،
گهڙا مٿن تي کڻي تِلن ٿيون، ٿهڪ لڳائي؛
جوڀن جي ٻي سُرڪي قُدرت ائين ٿي جهومي،
ڳوٺاڻي ڪا نينگر هئي جڻ 'ڍهوڪو' ڳائي!

سينو تاڻي، ڇال لڳائي جو وڄ ٿهڪي،
ساونڻ جي بيتاب جگر جا ڦٽ اٿلن ٿا؛
مُنهنجيءَ ماٺ ۽ ويران دل ۾ تنهنجي ياد جا،
گيتن کان به وڌ پيارا سپنا جاڳن ٿا.

ڪنهن ناڪاره عاشق جان، منهنجو اوجاڳو،
تُنهنجي اوسيڙي ۾ وينو راتيون جاڳي:
آهه وڇوڙي جو تون، مٺڙا، دريا جهاڳي.

تون مُنهنجن سپنن جي آهين جان، او سائين!
تو بِن مُنهنجا گيت، او سائين، ڇريا ٿيندا:
تو بن مُنهنجا سپنا ڦٿڪي مرندا!

آهي سونهري سپنا جنهن ۾ سون، او سائين،
توکي دل جي سيج ۾ ڪُنئيءَ جان ڪِڙندي ڏٺو آ؛
توکي تارن جان ڪِلندي، اک ڀڄندي ڏٺو آ؛
توکي جهنگ جي هرڻيءَ وانگي ٽِلندي ڏٺو آ.
توکي ڦُٽين جان پاڪر ۾ ڪلندي ڏٺو آ؛

مون کي ھھڙي معصوم جي عصمت پياري آھي،
محترم جي شوخ لڪڻ جي غيرت پياري آھي،
پاڪيزه جي پاڪ ھٿن جي محنت پياري آھي،

مون کي ھن جي پيار جي، ساٿي! دولت پياري آھي:
راڄ- ڏياڻي ناھ ته ڇا ٿيو، دل جي آھه ڏياڻي!

(٢)

## دعوت نگاه

لباس حسينُ مان ھي خوشبو اچي ٿي،
ڪ عطرن عنبرن جي بارش وسي ٿي،
گلابي نگاھن جي پلڪن مان گويا،
لذي باده ڪھنه جي لهريون ھڻي ٿي:
ڪ دنيا و عقبيٰ رڳو رنگ و بو آ،
ڏسان ٿو ته ماھون ڪائي خوبرو آ.

ھو مُسڪڙين جي سرتيي، ھو غنچن جي جيڏي،
مشابھ آ صبحِ بھاران سان ڪيڏي!
ذري جيتري ھو سبڪبار سھڻي،
وڏي ٿي نگاھن جي آڏو آ ايڏي:
ھو راتين جي پرپور چاندوڪي چٽجي،
ڪ شامن جي نوخيز نوراني سڏجي!

ھو نازن پري ناز جي آ اپايل،
بهشتِ برين جي فضائن ۾ پاليل؛
ستارن جي جھولين ۾ جھوٽي ٿي جائي،
ڪنول جيان محبت جي سمنڊن جي ساڃيل:
ڏٺم نُورُ نرمل جي شيرين جبين تي،
ڪٿين چنڊ مُرڪن ٿا چهرهٔ حسين تي.

ھو جنت جي حورن جي ثاني آ، جائي!
حسينن جو سُنهن، ليڪ فاني آ، جائي!

هو سيمينءَ بدن، ماه پيڪر جواني،
پري ناهه تہ حسن زماني آ، جائي!
دلاويز سهڻن جي دنيا جي راڻي،
بسنتن بهارن جي آهي ڏياڻي!

هو خالق جي خوبين جو تفسير آهي،
ڪ آذر جي خوابن جو تعبير آهي،
ڪہ آتشڪده جو آهي سرخ شعلو،
خليلي گلستان جي تصوير آهي:
دلين جي دنيائن جي تنوير، جنهن سان،
ٿين سرخرو يعني دلگير جنهن سان.

پريان مه جبين سا ڏسي پئي چتائي،
بهارڻ گهڙي ٿي اجايل، الائي!
سڏي پئي، چوي پئي، ڪائي حورمون کي،
شرابي، هلي آ هتي سرسهائي:
اسان ٿا مئي ارغوالي وراهيون،
هلي آ تہ توکي اکين سان پياريون!

'درد' دريشاڻي

## هڪ قصو

رات جي ليري چُپ ۾ اڪثر،
پنهنجي نازڪ هٿ سان
دل جي تاريءَ تان پڻ غم جا،
چڻ چڻ ڪيرندا آهن هيٺ،

دل جي تاريءَ کي ڪو ڏيري
لوڏيندو آ شرمائيندي.
پيلا پيلا وهم جا گنيڙا،
مون کي بنائي سُک جو سيٺ!

مخدوم محمد امين، 'فهيم'

## نئون سال، نئون ڏينهن

نوان ڏينهن راتيون، ليون روشنايون، نوان شعر ڪافيون، لوان بيت وايون،
لوان باغ بنگلا، هي بستيون ۽ جايون، لئين سال ۾ سپ نيون بنجي آيون:
پرين، هو پُرائيون چڏي ڏي جدايون،
لئين سال ۾ اچ، لئون لينهن لايون!

تنهنجي صدقي ڪوجهيون ڪاريون مهنديءَ ڪجل مُساڳ هنڊائن؛
ڳهوٽي لونگ ڪپور لڳن ڪي لائن، پنهنجو رُوپ وڌائن؛
وَرَ جي ٻرم ۾ ويهي سُرڪن، سُهج منجهان ڪن مست اِشارا:
سنڌو ڌارا، سنڌو ڌارا!

لُڙهي سِجڻ لهوارا تو ۾ رِيت پريت نڀاهيندا پيا؛
هيرَ ۾ سِير سنڌوءَ جي گڏجي، گيت پيارا ڳائيندا پيا؛
موتي ماڳ مسافر ايندا، تري تري سي تار اوڀارا:
سنڌو ڌارا، سنڌو ڌارا!

اڇي اسان جا عيب اوڏايون تنهنجي پوتر پاڻيءَ ڌوتا؛
سِڪ جي سُرڪ پياري، تو سڀ ديسي هڪ لَڙهيءَ ۾ پوتا؛
جيڏا سَرتا پاڻ ۾ پَرتا، وڃهي ڳراٽيون ’برڊي‘ پارا:
سنڌو ڌارا، سنڌو ڌارا!

ع۔ اساڈي آه و فغان دا اثر تيا جو يار ماهي،
آيا آپ دلاسا ڏيوڻ، دُکي کون دلدار ماهي؛
من دي مُکڙي مرجهايل کون کيتا باغ بهار ماهي؛
مهر ايڏي اِتهے 'ميرل' تے کيتي هے منٺار ماهي،
قُرب سندس جو نال کميٽي کيتے کرم آپار ماهي.

ي۔ يگانا يار ميکون شل دائم اهڙا دان ڏيوے؛
نان نہ منگدا هان مَين هرگز، منگدا هان بس مان ڏيوے؛
مان آهو جو محبت والا، سِک والا سو شان ڏيوے؛
الفت عشق سچے دي ڏيوے، ماهي محب امان ڏيوے؛
وقت لاڏائے، 'ميرل'، ميکون کلمے دي تہ زبان ڏيوے؛
— لا اِلٰه اِلا اللّٰه محمّد الرّسول اللّٰه.



# آزاد نظم

سرو پچند ر ”شاد“

## آئي رات سهائي

ڇم - ڇم ڇم - ڇم، ڇم - ڇم ڇم - ڇم ...
ڪرڻن جي ڏاڪن تان لهندي،
آئي سُهائي رات!

ڌرتيءَ تي چانڊوڪي پنڪي مست حسينہ جان؛
ٽڙن پيا وڻ مدهوشن جان نور جون سُرڪيون پي؛
سونهن جي چنڊ ڏي آڏري منهنجو چڪور ٻڌجي جيءُ:
تنهنجي گلن تان، مٺڙا سائين،
نور چورائي،
چنڊُ ڌرتيءَ جي سرلهن جرڪائي،
جرڪائي فڪرات ...
— آئي سهائي رات ...

منهنجن پياسي نيڻن ۾ تو جاڳي اوجاڳو؛
سونهن آئي ڪرَ موڙي تنهنجي اک پُوراليءَ ۾؛
چانڊوڪيءَ جي پَري نچي ٿي منهنجي پيالي ۾:
رات اچوڪي مون آ، سائين، چورائي جڳ ڪان:
اڄ، چپن جي پيالي مان پيون چُڪڙيون امرت جون؛
مَي جو پيالو آهہ حياتي، اڄ هلي ڪي پيؤن —

اڄ، متان بيرحم وقت هي وڃي چورائي رات،
اڄ، متان جاڳائي جڳ کي حسد وچان پرڀات!
— آئي سُهائي رات ...

# نيون طرزون

سروپچندر 'شاد' [ترائيل]

## عرض

آءُ آجايل آهيان، مون کي زهر ٻه ڇڏ اڄ پياري،
تُنهنجين اکڙين ۾ جي مون لئہ امرت ناهي، منڙي!
منهنجي پيالي ۾ جو هو مون ڇڏيو لالچ تي هاري،
آءُ آجايل آهيان، مون کي زهر ٻه ڇڏ اڄ پياري!
ٻاکُ ڦيِٽل آ، جان ٽُٽل آ، ڪنهن جي وجان پَناري؟
منهنجين اکڙين توسان ئي ڪئي محبت آهي، منڙي!

آءُ آجايل آهيان، مون کي زهر ٻه ڇڏ اڄ پياري،
تنهنجين اکڙين ۾ جي مون لئہ امرت ناهي، منڙي!

'پرواني' ڀٽي [سانيٽ]

## نئون پيغام

مون تہ تارن جي سهارن تي اُتي پنڌ ڪيو،
منهنجي منزل هئي ڪٿي، مون کي خبر ڪانہ هئي؛
اهڙي گهُگهہ رات ۾، ڪجهہ حوصلي دم توڙي ڏنو،
جيڪا منزل ڪي ڏسي، اهڙي نظر ڪانہ هئي.

مون کي هـرطـرف انـڌارو ڏسـي ڏسـڻ ۾ آيو،
مون کي هرسمت ڏنگڻ لاءِ اٿيا وقت جا نانگ؛
اهڙي ماحول ۾ ڪجهہ مـان بہ پريشان ٿي پيس،
مان اڃا سوچي رهيو هوس، ملي صبح جي بانگ.

هو تہ ڏس پرهہ ڦٽي، صبح چـوي پـيـو توکي،
اڄ جـو پـيـغـام نـئـون بـادِ صـبـا آندو آ؛
منهنجا ساٿي، اٿـي هل، رات تہ پوري ٿي وئي،
هـهـڙو آسـان سـمـو تـوئـي خـدا آنـدو آ:

پنهنجن ساٿين جيان جهٽ ما ڳـ تي تون پهچي وڃ،
هن نئين دور جـي هر ڳالهہ سان بس مرچي وڃ.



# غزل

'سرشار' عقيلي

●

خدا را، ڪَش وري سون ڏي اهو تيرِ نظر، ساقي،
جو ترڪش تي پوي منهنجي ڪمانِ چشمِ تر، ساقي!

لبِ تشنہ سرِ پيمانہ 'سُمُسڪ' جيئن رکان ٿو تيئن،
ڇڏيندو منهنجو سر هرگز نہ تنهنجو سنگِ در، ساقي.

منقّش ڪعبہءِ رُخ تي ڏٺم آياتِ آبِ زر،
تہ پيتم آبِ زمزم جي بجاى آبِ زر، ساقي.

تلاشِ ميڪده آهي تلاشِ حق جي مترادف،
گهڻي مشڪل سان تنهنجو سون لڌو اڄ آهہ در، ساقي.

لباسِ فقر ۾ ملبوس مستان کي ڇا پياريئہ،
رکن ٿا جي سڪندر کان بہ وڌ هي ڪرّ و فر، ساقي؟

ڪمالِ قطرهٔ مَي جو ڇا اندازو ڪري ڪوئي،
نظامِ عقل و هوش آهي جتي زير و زبر، ساقي!

عجب آهي، پري تائين سخا جو هٿ ڊگهيرين ٿو،
رڳو جي در جهلي بيٺا، ٿيا سي بهره ور، ساقي!

مليم جو گوهرِ مقصود همرنگِ ميءِ گلگون،
نہ ڇو تو کهوٽ تان گهوري ڇڏيان لعل و گُهر، ساقي.

پري کان ڏي نگاهِ ناز مان 'سرشار' کي سُرڪي،
سرِ ميخانہ آهي ميڪشن جو شور و شر، ساقي.

## شيخ ’اياز‘

●

گل ٽڙن تا ڇٽي وڇڻ جي لاءِ،
مُدّعاي صبا، خدا معلوم!

موجِ خواب تي روان آهيون، الـتـهـا آ نـــہ ابـتـدا معلوم.
ڏس، ٿين تا آفق ۾ ڪجهہ آثار ڪـاروانِ بـهـار جـا معلوم.
هـي لـڳـاتـار جستجو ڇـا لاءِ؟ نـيـت ڇـا آ نجات، نـا معلوم!
ڇـڻ ابـد تائين آ جلڻ ۽ جاڳ، خـوابِ هستي جـي انتها معلوم!

●

بي خبر ناهہ، پـر مرڻ کان پوءِ، توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.
جام و مينا رهي، رهي نـہ رهي، منهنجي اکڙين جون عادتون رهنديون.
زندگي تـلـخ آ، هجي تـہ هجي، روح ۾ سـَـوَ ملاحتون رهنديون.
سرحدِ غم قريب آ، اي دوست، سـاٿ ڪيسين محبّتون رهنديون!
تنهنجي پهلوءَ ۾ ڪيستائين، دوست، ابنِ آدم جـون جنّتون رهنديون!

’شاهہ‘ کان پوءِ اي ’اياز‘، ٻڌاءِ،
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون؟

## شيخ عبدالحليم ’جوش‘

●

عشق تـہ هـر حال بانياز رهـي ها، حسن ٻـي اي ڪاش دلنواز رهـي ها!
لطف نہ باقي ڪو آهہ هاڻ جيئڻ ۾، ظلم جو ڪجهہ سلسلو دراز رهي ها!
ڪين ڪرين ها جي بند هي تہ چڱو هو، خانهءِ مي، ڇا هو جي تہ باز رهي ها!
درد و الم ڪنهن کي هاءِ پنهنجو ٻڌايان، ڪو تہ سندم دوست دلنواز رهي ها!
موسمِ گل، ڪاري رات، بادِ بهاري، اڄ تہ ڪو هڪ جامُ دلگداز رهي ها!
’جوش‘، روانيءِ طبع تنهنجي غضب ٿي، درد بنا ڪيئن هي سوز و ساز رهي ها!

## علي محمد ’مجروح‘

●

ڪڏهن نغمو، ڪڏهن فـريـاد آهيان، نتو وسران، جـهـان کي ياد آهيان!
تمنا بس ڪـيـم هـڪـوار تنهنجي، خدا شـاهـد، اجـا بـربـاد آهيان.

# قطعا

## احسن الهاشمي

( ١ )

شرحِ غم جو مون اختصار ڪيو،
ڪجهہ تہ هلڪو غمن جو بار ڪيو؛
چاڪِ دامن نہ ٿيو ڪمالِ جنون،
مون ڦٽيل دل کي تار تار ڪيو.

( ٢ )

ياد ٿم عهدِ وصل واري رات،
مون ۾ قسمت ڪٿي جا ڪاري رات؛
آءٌ تہ جاڳيس پئي يار تنهنجي لئہ،
ڀاڳ منهنجو ستل هو ساري رات.

( ٣ )

ٿيندو ڪڏهن نہ فڪرِ پريشان جو فيصلو،
چا، موت آهہ عظمتِ انسان جو فيصلو؟
'احسن'، بروزِ حشر بہ شايد نہ ٿي سگهي،
دستِ جنون ۽ چاڪِ گريبان جو فيصلو.

( ٤ )

زندگي انسان لئہ دشنام ٿي،
موت آيو مژدهٔ آرام ٿي؛
قبر ۾، 'احسن'، اڪيلايون مليون،
آءٌ ٿيس آزاد زيرِ دام ٿي.

( ٥ )

ڪوا هڙو جام ڏي، ساقي، جو ڪا ڪسر نہ رهي،
غمن جي رات کي اندازهٔ سحر نہ رهي؛
قدم تون عرش تي رک جو اتي بہ سجدو ڏيان،
سرِ نياز ۾ تقليدِ سنگِ در نہ رهي.

( ٦ )

وصلِ دلبر ضرور ٿيڻو هو،
دل کي دردن کان دور ٿيڻو هو؛
غمِ فرقت سڄي سهي آخر،
حاصل ابدي سرور ٿيڻو هو.

( ٧ )

حسن نعمت نواز ٿيڻو هو،
ناز کي اڄ نياز ٿيڻو هو؛
حسن خود عشق وٽ هلي آيو،
ربّ کي ڪارساز ٿيڻو هو.

سرو پچند ر 'شاد'

## پڙلاءُ

بيچينين کي آٿت ايندو، سُورن کي دلداري ملندي،
روحن جي رشتن ۾ خود ئي سر جا سودا طي ٿي ويندا:
آئي، آئي، او چريا چارڻ! چنگ تہ چور اڄ، تند تہ سور اڄ،
هڪ ڇا، ڪوڙين راهِ خوشيءَ سان تو تان پنهنجو سر گھوريندا.

...

ڪيسين هي طلسم هي جادو، ڪيسين جيئڻ تي پابنديون،
ڪيسين معصومن کي پيڙهيندا رهندا هي ظلم جا گھاڻا:
پنهنجن ماڻن کي اڄ، مومل، لولي ڏيئي جڏ تون سمهاري،
گيت عزم جا جهونگاريندا آيا ڪِي آيا ڏس راڻا.

...

سچ هميشہ شهيدن وانگي سُوريءَ تي ٿو ماڻي حياتي،
ڏنڊلا ڏنڊلا بادل ڪيسين سچ جي ڪرڻن کي روڪيندا؟
تو لئہ قيد تہ ڪٿ بہ ناهي، تون آهين آزاد پکيڙو،
پڃرن جا پاڇولا ڪيسين تنهنجن رستن کي روڪيندا؟

...

چهرو پئي چيرڙات ڪندو، ڏس، هِن وڻ تان هُن وڻ ڏي آڏريو،
زهريلا سُر آلاپيندو، ساز وچي پيو ڏائين ڏائين:
هار ڪري، سينگار ڪري، ڏس، 'ڪؤنرو' هار ڪٺي بيٺي آ،
موهجي مٿين تي، او ليلان! متان 'چنيسر' اڄ بہ وڃائين!

( ۱ )

اوهان جي درد ۾ دل جي ضعيف حالت آهه،
اکين ۾ آيا اذيت ۾ لال ڳوڙها تري؛
اوهان جي ڪاڻ ٿي ڳوڙهن جا ڏيپ ٻارياسين،
اوهين نه ايندا ته ويندو اکين جو نُور ٻري.

( ۲ )

توکي ته منهنجي نانوَ کان نفرت به ٿي وئي،
منهنجون ته تنهنجي ياد ۾ راتيون لنگهي ويون؛
تو گيت هڪڙو ڳايو، اسان داد لکَ ڏنا،
هڪ ٻول جي ٿي داد ۾ راتيون لنگهي ويون.

( ۳ )

هي حسن جي خيرات پنڻ لاءِ سدائين،
تو در تي رهي سيڙ فقيرن جو زياده؛
آباد رهي شال سو هنگامهءِ الفت،
الله ڪري حسن حسينن جو زياده!

( ۴ )

ٻرايو اشڪباريءَ مان خزانو پيار جو آمون،
اکين جي لڙڪ هاريا، مي سيٽي ٿي پيا مٽيا موتي؛
ٻلا ڪهڙي اها اربع خطا ٿي، شوخ رو ساقي،
اسان تنهنجي صراحيءَ مان چُڪو لپ جي ڪٺي اوتي!

( ۵ )

نگاهِ يار جي سامهون نگاهه ته کڻ،
اڙي او سائين، اهو هڪ گناهه ته کڻ؛
اسين به آهيون ازل کان ٻه پٽڪيل روح،
ڪهڙي ته ويهه هتي، ساٿي، ساهه ته کڻ.

( ٦ )

بيهو تہ زندگيءَ کان ذرا زلدگي وٽان،
ترسو، اي يار، مان بہ گھڙي پل تہ جيي وٽان؛
اڄ رات چشمِ ناز مان، او شمعِ ضوفشان،
ٿوري گھڙي نهار تہ مان روشني وٽان.

( ٧ )

ڪي مدتون فراق جي شعلن ۾ دل ٻري،
تون آءُ، منهنجي خوابي جزيرن جي جلپري!
نمناڪيون بہ ديد جون والله ڇا چوان،
ڪائي سراپا سونهن ستارن ۾ ٻڏي تري!

( ٨ )

هيڏو حسين ساقي، ۽ هي آتشِ سيال،
والله، منهنجي ساهہ کي ويو آ ملي قرار!
هن سال دل ٿي دردجي دولت ڪان مالامال،
هن سال چڻ مزاج کي آ پاڻ پيو بهار.



# رباعيون

## مرحوم مراد علي 'ڪاظم'

( ۱ )

در در تي دراز هٿ ۽ فقيريءَ تي ڏڏي،
مرد آهه، خوديءَ کان جو خدا کي نه سڏي؛
هستيءَ ۾ ته مستي ٿي رهي هر ڪنهن کي،
لطف آهه، جو هستيءَ ۾ به مستي نه ڇڏي.

( ۲ )

ٿئي ابر جي سايي کان جهان تي ظلمات،
ظلمات مان برسات، انهيءَ مان باغات؛
غم، جنهن کان خفا آهين، اهو ابر طرح،
ايندو ۽ هليو ويندو، ڇڏيندي برڪات.

( ۳ )

دولت جي وڃائڻ تي ڪمائي سگهبي،
صحّت جي خراب آهي ته پائي سگهبي:
غفلت ۾ ويل عمر، ۽ جا باقي آ،
موٽائي نه سگهبي، نه وڃائي سگهبي.

## ا. ح. جشنگهاڻي

( ۱ )

هڪُ آهه آهو يار، اٿس رنگ گهڻا،
هڪ آهه سندس ذات، اٿس ڍنگ گهڻا؛
پڌرو ٿو ڪري پاڻ، اٿس روپ ڪئين،
هڪ هڪسان رکي دل ٿو، وجهي ونگ گهڻا.

( ٢ )

دل ۾ ڪا رَلِي رهي ٿي مَي جي مستي،
هي جام الستي، ته مي آ مستي؛
هن مي ۾ مزو آهه نرالو اهڙو،
جت ڀاڻ سمائي، نه رهي ٻي هستي.

( ٣ )

مون تن من هِن مي کي سدا آربيو آ،
عزت ۽ لقب، مانُ، سڀئي ترڪيو آ؛
گمنام رهان شال، رهي ڪو نه غرض،
هي راز سچو مي ۾ ئي مون پرکيو آ.

( ٤ )

ساغرُ مان ڪري پُر ٿو غمن کي ٽاريان،
جڳ کي به مان ساڳي پيو مي پيئاريان؛
افسوس رڪان ڪين ٿو ڪنهن ڳالهه سندو،
صحبت ڪان سوا چيز نه ٻي ڪا ساريان.

( ٥ )

ٻيرِ کي مون چيو، وٽ جو به آهي مون وٽ،
سَرڪي نه پيالي ۾، ڀرين، ڪر تون گهٽ:
دنيا به ڏيان، دين ۽ ايمان ڏيان،
هيءَ ريت ڀرت جي نه فقط ساجن مٽِ.

( ٦ )

ڪوثر کان مٺو آهه، محبت جو سرَ،
جنهن ۾ نه ذوئيءَ جو ٿو رهي ڪوبه اثر؛
ڪوثر جو ڀيئن آب فقط روحَ چڱا،
ناپاڪ ڪري صاف، ڪيڏي مي آرگر.

( ٧ )

آهن هو شريعت کان گهڻو ڪي ڪجهه دور،
جاڻن نہ طريقت جو بنهہ ڪو دستور؛
ڪاهي هو پون اڳتي، حقيقت نہ پڄن،
تيڏانهن ٽپي پون، پوي جيڏانهن پور.

( ٨ )

منزل آ معرفت جي نيت سامهون صاف،
جت وات سڌي سک جي، نہ ڪو آت اعراف؛
ٿا ’نالهہ‘ جي ميدان مان نانگا تہ هلن،
ڪن دل ۾ سچڻ ڪي هو ڏسي روز طواف.

( ٩ )

آزار مان جنت ۾ رهڻ ٿو سمجهان،
جنهن ۾ نہ رهي روح چمُن حرصن کان؛
ميخانو مگر آهہ مکان هڪ آزاد،
جنهن ۾ ٿا رهن مست، پيئي ڦندن کان.

( ١٠ )

ويئاسين اچي هاڻ، چڏي سڀ سالڳا،
ڪنهن رمز ڪيا روح اسان جا نانگا؛
سهڻي جي ڪيو ديد اسان کي بہ خريد،
خود پاڻ ڏيئي پرَ کي، ٿياسين پانگا.

( ١١ )

جمشيد ۽ قارون سڪندر بہ ويا،
محلات انهن ساڻ ۽ مندر بہ ويا؛
گهر عشق جا آباد، بي سڀ ڊاٿ ڏسو،
ٿي ناس ’دڙا مڻن جا‘ بندر بہ ويا.

( ١٢ )

هڪ ٿي تون رکج وٽجُ، جي ٿين خمر فروش،
مستن کي پيارج، ۽ ٿي تون پڻ مدهوش؛
ڪر صبح جو ۽ شام جو تون ڪِرت اها،
دل دل جي پيالي مان سدا ڪر مي نوش.

( ١٣ )

چنڊ سنگ سياڻن جو، چرين سان گڏ ٿيءُ،
جيئن هو ٿا چون 'پيءُ'، چئج تون پڻ 'پيءُ'؛
سُرڪي تون وٺي دل سان، سدائين رهه مست،
ساقيءَ کي ڏسي چئو تون 'پرين، نت نت جيءُ'!



# ٢

## افسانا


١. هڪ سچ، هزار پاڇا — مراج
٢. ڪيني آگر — نسيم کرل
٣. جواب — موهن ڪلپنا
٤. 'زندگي حسن جي حڪايت آ' — حنيف حملاٽي
٥. امير — ڪمل ڪيولراماڻي 'پيامي'
٦. خوابن جو مسافر — ذوالفقار راشدي
٧. ڇا اهو خواب هو؟ — موپسان
سنڌيڪار: علي بخش ميمڻ
٨. نوجوان سائيءَ ڏانهن — جمال رند


## ناٽڪ


١. جهٽڪندڙ اوچائيون — موهن ڪلپنا

”اوهو، خط ته ڪالهه سوٽ ۾ ئي وسري ويو... ڪالهه مون وارو گلابي ’شارڪ اِسڪن‘ وارو سوٽ پاتو هوم. خير، سو ڳالهه ٿي ڪيم ته خط ۾ لکيائين ته ’ڊيئر منصور، دل اڪيلي اڪيلي ٿي پئي آهي، ڇو نه اڄ رات ڪلفٽن تي هلون‘. سو، گاڏي ڪنيم، ڪيس گهران وڃي ’پڪ اپ‘ ڪيم. يار، ڪا رات گذري — وڃي خير ٿيا! ميريءَ جو ڪو جسم آهي، — جهڙو چقمق! سڄي رات ڪلفٽن تي گذاري ڇڏيسون. پوليس وارا ته هونئن ئي پنهنجا دوست آهن، تن جو ڪار جو نمبر ڏٺو، سو ويجها ئي ڪونه آيا. ميري ته صبح جو به اصل نه پئي ڇڏيم. سندس ڪنواري جسم جي خوشبو اڃا تائين پيو محسوس ڪريان!“ ائين چئي، هن هڪ اونهو ساهه کنيو — ڄڻ ته ميريءَ جي خوشبو کي هضم ڪرڻ جو ارادو هوس.

راڄ جي چهري تي سُرخي وري واپس اچي چڪي هئي. هن به مرڪندي چيو: ”يائو، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين ... مونا ته بنهه گلاب جي گلن سان ٺهيل ٿي ڏسجي! ڪو جسم اٿس، ...... دل ٿي چوي ته ڪچو ڪائي ڇڏ يانس — ڏاڍي لذيذ هوندي! جڏهن منهنجن وارن ۾ آڱريون ڦيرائي چوندي آهي ’راڄ ڊارلنگ‘، تڏهن آءٌ ائين سمجهندو آهيان ته سموري ڪائنات منهنجين ٻانهن ۾ اچي ويئي آهي!“

شيخ ۽ صديقي، جيڪي اڃا تائين ماٺ ڪريو ويٺا هئا، سي به رڙهي آيا، ۽ پنهنجن پنهنجن داستانن ٻڌائڻ لاءِ آتا نظر اچڻ لڳا. پر منصور ۽ راڄ ته محفل جا موڙ هئا. جڏهن هو ڳالهائين، تڏهن ٻين کي چپ رهڻو پوندو هو. راڄ کي به ڪڏهن ڪڏهن واري ڏيڻ لاءِ چپ رهڻو پوندو هو، پر اڄ راڄ شايد ’موڊ‘ ۾ هو. ميز تي پيل سگريٽ جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکائيندي هن چيو: ”يارو، هڪ صلاح ته ڏيو ته ڇا ڪريان. مونا اصل شاديءَ لاءِ بنهه بيچين ٿي رهي آهي. مون ڊيڊيءَ (بابي) کي خط لکيو، پر ڊيڊي ته ماڳهين مچي ئي لٿو: چوي ٿو ته جي تو اتي شادي ڪئي ته ملڪيت مان پائي به ڪانه ملندءِ! يائو، آءٌ ته پريشانيءَ ۾ اچي ويو آهيان. هڪ طرف مونا آهي، ٻئي طرف ملڪيت. ملڪيت به ڪا ٿوري هجي — بلڊنگون، موٽرون، زمينون — اڃا تازو ٥٨- ماڊل جي ’شيو‘ (شيورليٽ ڪار) ورتي اٿس!“

شيخ کي سڀ ڏاڍو سنجيدو سمجهندا هئا؛ ان ڪري سڀني پنهنجون نظرون هن ڏانهن موڙيون. شيخ موقعو ڏسندي، هلڪي مرڪ چپن تي آڻيندي، چيو: ”جي مون کان پڇو ته آءٌ جيڪر پنهنجيءَ محبوبه لاءِ دنيا کي ڇڏي ڏيان. دولت ڇا آهي، هٿن جي مَرُ؛ پر دل جي دولت آهي، دل جي رونق ۽ روشني! ’ملٽن‘ ڪونه پنهنجن ڪتابن ۾ — ها ها، اهو ڪتاب، جيڪو صديقيءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هوم — چيو آهي ته دل جي رضا رکڻ سڀ کان وڏو ثواب آهي. منهنجي صلاح مڃ، ۽ تون ماٺ ميٺ ۾ مونا سان شادي ڪري ڇڏ — ۽ پوءِ پيءُ کي لک ته تو شادي اڳيئي ڪري ڇڏي آهي.“

صديقيءَ به لقمو ڏنو: ”آءٌ ته شاديءَ جي بنهه خلاف آهيان. ’بابر بعيش ڪوش‘ وارو مقولو مون کي پسند آهي. ڇا جي شادي، ڇا جي ڳالهه — عيش ڪجي، ۽ بس!“

چانهه به اچي ويئي. چانهه پيئندي، سگريٽ جو ڪش هڻندي، منصور راج کي اک ڀڳي. راج اشارو سمجهي، دروازي ڏانهن ڏٺو. ٻه جوانڙيون، کلنديون مشڪنديون، اچي سندن ڀرواريءَ ٽيبل تي ويهي رهيون. سيني جي چهرن تي يڪلخت سنجيدگي ڇانئجي ويئي. سڀ نهي ٽڪي ويهي رهيا. گفتگو سنڌيءَ بدران انگريزيءَ ۾ ٿيڻ لڳي، ۽ خاص طور منصور ۽ راج ته ڪجهه عجيب بيچينيءَ جي عالم ۾ هئا. راج پنهنجيءَ بشرٽ تي نظر وجهي، پنهنجي وارن جي فصل تي هٿ گهمائيندي ڇوڪرين ڏانهن ڏٺو. منصور به پنهنجي ٽاءِ ٺيڪ ڪندي انگريزي ڌُن جي سيٽي وڄائڻ لڳو، ۽ سندس هڪڙو پير ميز هيٺان زمين تي ٺپ-ٺپ ڪرڻ لڳو. پنج ئي ڄڻا هڪٻئي سان اشاري بازيون ڪندا رهيا، ۽ هلڪي آواز ۾ ڪجهه چوندا به رهيا. سندن انداز اهڙو هو، جو ٻئي ڇوڪريون به ڪجهه عجيب دهوني سان کين ڏسڻ لڳيون. کين پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي، راج منصور کي ٺونٺ هنئي. سندن دلين جو رنگ منهن تي اچي ويو هو. سندن سرگوشيون وڌنديون ويون؛ ۽ منصور سيٽي وڄائيندو رهيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ ڇوڪريون اٿيون. کين اٿندو ڏسي منصور ۽ راج به اٿيا، ۽ دوستن کي چيائون ته هو اجهو ته آيا. ڇوڪريون اڳيان، هي ٻئي پويان. انگريزي ڌُن جي سيٽي اڃا تائين منصور جي چپن تي هئي. وڪٽوريا روڊ جي چوسول وٽ، ٻنهي ڄڻن، ٽرئفڪ بتيءَ جي اشاري ملڻ شرط، ڇوڪرين سان ملي هلڻ لاءِ قدم تيز ڪيا. هاڻي هو ڇوڪرين سان ڪلهو ڪلهي ۾ لائي هلڻ لڳا. اڃ جو ڏينهن، ماڻهن کي به شايد ڪو ڪم ڪار هوئي ڪونه، سو رڳو ٻئي فُٽ پاٿ وَسايائون. فٽ پاٿ تي پهچي، ڇوڪرين "آنڊر گرائونڊ" (پيادن جي سهوليت لاءِ، ٻن رستن کي ڳنڍيندڙ زمين دوز رستو) ڏانهن رخ رکيو. هي ٻئي ڄڻا به تڪڙا تڪڙا زمين دوز رستي جي ڏاڪڻ لهي، وري ڇوڪرين سان جسم جسم سان لائي هلڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. راج ته خاص موڊ ۾ هو: خيالن ئي خيالن ۾، هو ٻنهي ڇوڪرين جي جسمن مان وڏيڪ گداز جسم جي چونڊ ڪري رهيو هو. سندس نڪ جي ڇهنب ۽ ڪنن جون پاپڙيون ڪنهن عجيب احساس کان ڳاڙهيون ٿي ويون هيون؛ سندس اکين ۾ نيم فاتحانه چمڪ اچي ويئي هئي.

اوچتو زمين دوز رستي جي پوري وچ تي کيس ڪا رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. رڙ ٻڌڻ کان هڪ ساعت پوءِ، هن منصور کي ڌڪ پائيندو، ماڻهن وچان گهٽيون هڻندو، ڀڄندو ڏٺو؛ ۽ ٻيءَ ساعت ۾ هڪ ڇوڪريءَ اچي کيس ٻانهن کان ورتو: "مٺا، شرم نٿو اچيوَ! پنهنجون مائون ڀينرون ڪونه اٿوَ! ..." ڇوڪريءَ اهي لفظ چئي بس ڪيا ته هڪڙي راهگير کيس زوردار ٺڪاءُ وڄائي ڪڍيو، جنهن هن کي مٽي ۾ ڀنواٽي وجهي ڇڏي. ۽ پوءِ ...... پندرهن منٽ کن هو راهگيرن هٿان ڪُٽبو رهيو. هن کي ڪو هوش حواس نه رهيو—صرف سندس وات مان هري هري اهي لفظ ادا ٿيندا رهيا: "سائين، مون ڪجهه به نه ڪيو آهي! مان بيڏوهي آهيان!" سندس بشرٽ ڇيهون ڇيهون ٿي چڪي هئي، ۽ سندس وارن جا وانگوڙا ڪلي اکين تي پئجي رهيا هئا. سندس اکين ۽ ڳلن تي ڌڪن جا نيل گهرا ٿيندا ٿي ويا.

ڪنهن ڇوڪري جو روح سٽ ڏيندو هو، ساڻس به حرف ڳالهائيندي هئي، ۽ خدا به ڪري خير، جي اها خبر ان ڇوڪري جي ڪنهن وڏي ڀاتيءَ کي پوندي هئي، ته گهڙي ڪن ان گهر ۾ پرڙات پئجي ويندي هئي، ڇوڪري گيسيون ڪري توبهه ڪندي هئي. ويچارا مائٽ به ايترو خيال ڇو نه ڪن؟ ڪريمت جو مثال سندن اکيان هو. زينب سان ساهيڙپ رکڻ کان اڳ هو ڏاڍي شريف ڇوڪري هئي، مجال جو ڪنهن مرد ماڻهوءَ ساڻ اک کڻي ڳالهائي؛ پر جڏهن کان زينب جي صحبت ۾ آئي ته ڪري خراب ٿي پيئي. اهڙيءَ ڳالهه کان پوءِ ڳوٺ جي پرين مؤمن کي نانگ ته ڪونه ڪاڏو هو جو پنهنجين جوان جماڻ زائفن کي زينب ڏانهن وڃڻ ڏين!

زينب عمر جي اڌ، رنگ جي سانوري هئي. سندس چپ مساڳ هڻڻ ڪري هميشه ڳاڙها نظر ايندا هئا. پنجن ٻارن جي ماءُ هئي. چار ته پنهنجن نالن سان سڏبا هئا، پر پنجون 'منڊو منڊو' ڪري سڏبو هو. ان ويچاري کي به الله منڊو ڪيو ۽ زينب ڪيو. ڳالهه ٿيي هيئن، ته راند ڪيڏندي پنهنس هڪ يتيم ڇوڪري کي مار ڏني. اهو ڇوڪر روئندو وٽس آيو ۽ ڪيس دانهن ڏنائين. ٻارن جي فطرت، گهڙيءَ ۾ وڙهڻ گهڙيءَ ۾ پرچڻ. ڀلا ان ۾ ڪهڙو قياس تو ٿهي؟ پر هن پنهنجي پٽ کي اچي ڏنڊن سان ورتو. ڪي ڏک رحماني ڪي ڏک شيطاني؛ وري ٻار جو به ڪهڙو قوت... لڳي جو ڇوري کي اولوڏڪ، ته ڄنگهه سڄي هيٺ ٿي وئي! ڪنهن ڏاڍيون لٻريون ٻڌيون پر ڄنگهه ڪانه ٿهي، ڇوڪر هميشه لاءِ منڊو ٿي ويو. سندس ٻارن جا رنگ به عجيب هئا. ڪي ڀُورا باهه جهڙا، ته ڪي ڪارا ٺڪر. انهن ٻارن جي نسل بابت هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ڪريمت کي ٻڌائيندي هئي. مثال طور، جڏهن ڪيس پريل ڄائو هو ته ڪريمت ڪانئس پڇڻ آئي هئي. ڇوڪري کي ڏسي چيو هئائين، "ڇوري، پٽ ته واه جو ڄڻيو اٿئي!" زينب ڪلندي جواب ڏنو هو، "ڇو نه سهڻو هوندو، پٽس به ته سهڻو آهي!" ۽ پوءِ ڪريمت کي ڪن ۾ ٻڌايو هئائين ته صديق سان رستي رکڻ بعد مهيني اندر ئي ڪيس پيٽ ٿيو هو. ڪريمت کي اها ڳالهه دل سان لڳي هئي، جو صديق ڳوٺ جي ٺاهوڪن جوانن مان هڪ هو. اهڙيءَ طرح، جڏهن ڪيس فريد ڄائو ته هن ڪريمت کي چيو هو، "مڙئي ليک لکيل هو، ادي ڪريمت، نه ته امين ڪو منهنجو هيسي جيسي هو! هي ڇورو به هن تي ويو آهي." وري نفرت سان پر ۾ سمهيل فريد کي ڏسي چيو هئائين، رنگ کي ته ڇڏ، جو مان به سانوري آهيان، پر منهن جي تختي ۽ ڇُنجهين اکين کي تڪي ڏسينس ته سُود امين آهي!" ڪريمت ٿوري دير ڇوڪري کي تڪي چيو هو، "هائو ڙي، برابر، تر به ماريي امين مان نه لاٿو اٿس!" ڪريمت جو جواب ٻڌي، زينب پڇڪ ڪري زمين تي ٿُڪ اڇلائي هئي. ڪريمت کي خبر هئي ته زينب اها ٿڪ زمين تي نه پر حقيقت ۾ امين جي زال صفوران جي منهن تي اڇلائي آهي، جو هوءَ ان وقت زينب سان گڏ هئي،

وڏيري جي ڌيءَ جوڻ اکيون ٻه اهو ٻڌي پرجي آيون. وري گهڙي کن سانت ٿي ويئي.

"هڪ ڳالهه ٻه ته اهو چڱو ٿيو، ناني مسلياڻي!" هڪ زائفان چيو.

"ڪهڙيءَ ڳالهه ٻه؟"

"زينب ڪان جند ته ڇٽي پئي!"

"ها، اها ڳالهه چئه؛ هولئن ٻه ڪيني آگر وڍي پلي!"

وڏيري جي ڌيءَ شوڙر سان ملياڻيءَ کي ڏٺو. سندس ذهن ۾ ورورڪري 'ڪني آگر' جا لفظ ڦرڻ لڳا. هن سوڙ کي ڇڪي ڪٽي پنهنجي مٿان وڌو. هن جي اکين مان شڪرگذاريءَ جا ڳوڙها وهي، وهاڻي کي پسائڻ لڳا. هن جي چپن پڪو: "زينب، ماسي زينب...!"



موهن ڪلپنا

# جواب

وات تي لنڊي ٻڍيءَ چيو: ”ڪيئن پاڻي، مليئه ڪا نوڪري؟“

”نه.“

”ڪوشش ڪندو آهين؟“

”ڪندو آهيان.“

”پوءِ به نوڪري لڳي مليئي؟“

”لڳي ملي.“

”توکان پوءِ جن ميٽرڪ پاس ڪئي آهي تن کي ته ملن پيون، توکي ڇو نه؟“

...... مان چپ.

”تون سچيءَ دل سان ڪوشش نه ڪندو آهين!“

......چپ.

”توکي ته وات ۾ گرھه کپي!“

...... چپ.

*   *   *

ٻئي ڏينهن ڏاڏيءَ چيو: ”رات رڪميءَ ٿي ڳالهه ڪئي ته تنهنجو منهن لٿو پيو هو!“

”ڪالهه سائس چرچا ڪونه ڪيا هئم.“

”پلا، اڄ تنهنجي شڪل روئڻ جهڙي ڇو آهي؟“

”منهنجي شڪل ئي اهڙي آهي.“

”ماني کائيندو آهين؟“

”ڪالهه هڪ دفعو کاڌي هيم.“

”توکي ڏسي روئڻ ٿو اچيم!“

...... چپ.

*   *   *

ڪجهه ڏينهن پوءِ، وڏيءَ ٻڍيءَ چيو:

”نرمل!“

”هون.“
”پڙهائيندين ته توکي نوکري ڇو نٿي ملي؟“
”توهين پڙهايو.“
”ان ڪري، جو تون آهو نٿو ڪرين جيڪو هڪ ميٽرڪ پاس ڪيل کي ڪرڻ کپي.“
”دادي!“
”ڇُپ.“
”ڪالهه ڪميٽيءَ ۾ ٿي چيو ته مون کان پوءِ جن ميٽرڪ پاس ڪئي آهي، تن کي ته نوڪريون ملن پيون.“
”صحيح آهي.“
”۽ جن مون کان اڳ پاس ڪئي آهي؟“
”تن کي به ملن پيون.“
”۽ جن مون سان گڏ ڪئي آهي؟“
”تن کي به.“
”گهٽائيءَ کي يا ٿورائيءَ کي؟“
...... هوءَ چپ.
”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا!“
...... چپ.
”جيڪو جبل چڙهي وڃي ٿو، ان کي ڏسو ٿا!“
...... چپ.
”جيڪي ڪِرن ٿا، تن کي نٿا ڏسو!“
...... چپ.
”ڏسو ٿا، پر نظرانداز ڪريو ٿا!“
...... چپ.
”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا، ۽ گهٽائيءَ کي نظرانداز ڪريو ٿا!“
...... چپ.
”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا اها سٺي ڳالهه آهي؛“
...... چپ
”مگر مڪمل طور سٺي نه.“
”ڪيئن؟“
”توهين انهن ٿورن کي وساري ٿا ڇڏيو، جيڪي نوڪريءَ نه ملڻ ڪري اڳهات ڪن ٿا!“
...... چپ.

”جن مون کان اڳ ميٽرڪ پاس ڪئي آهي، تن مان ڪيترن ئي آپگهات ڪيو آهي.“
...... چپ.
”جن مون سان گڏ ڪئي، تن مان ٻه.“
...... چپ.
”جن مون کان پوءِ ڪئي، تن مان ٻه.“
...... چپ.
”توهان جي ماروٽ پارٽيءَ پنهنجي پٽ جي ماني بند ڪئي، ڇو ته هو ميٽرڪ پاس هوندي به بيروزگار هو. ياد اٿوَ ته ترين جي پٽن تي سمهي آپگهات ڪرڻ کان اڳ لڪيل چٺيءَ ۾ هن اها ڳالهه صاف لکي هئي!“
...... چپ.
”سڀ نوڪيندا هئس.“
...... چپ.
”مون کي به ٽوڪيو ٿا!“
”نرمل...!“
”مون کي وات ۾ گرهه کپي!“
”نرمل!“
”چاڪاڻ جو سچيءَ دل سان ڪوشش نٿو ڪريان!“
”نرمل، چپ ڪر!“
”ڇو ته گهر ۾ ويٺي کي بک مرندي ڏسي ڪلان ٿو!“
”بس، نرمل!“
”ڇو ته روٽي نٿو سگهان!“
”نرمل، تون چريو ٿي پيو آهين!“
”نوڪري نٿي ملي!“
...... چپ.
”دادي!“
”چئه.“
”نوڪري نه ملندي.“
”ڇو؟“
”اڄ هندستان ۾ چريا (بيروزگار) وڌي ويا آهن!“
”تنهنجو مطلب؟“
”هندستان ۾ چرين جون اسپتالون ٿوريون آهن!“
”تون سچ پچ چريو آهين!“
”اسپتال ۾ جڳهه ڇو نٿي ملي!“
...... چپ.

ڏسندي آهيان، دل ائين چوندي آهي، ساريءَ دنيا کي پٺتي رکي تو وٽ پهچي وڃان؛ مگر هي زنجيرون ڪوئي توڙي نٿو سگهي. مان گهڻي ڪوشش ڪئي ته تنهنجو خيال دل تان لاهي ڇڏيان، پر ڇا اهو ممڪن آهي ته ڪوئي لوح و قلم کي ميساري ڇڏي؟ اڄ، اڄ عهد ڪريون ته اسين هڪٻئي کي نظرن کان دور ڪنداسين، ۽ دل ۽ روح جي قريب رهنداسين.
— تنهنجي صفي، جا پرائي آهي."

خط ۾ پيل فوٽوءَ کي ڏٺائين، ۽ چوڻ لڳو: "آلا سائين! ... روح خستگيءَ سبب ٽٽي رهيو آهي. چاهيان ٿو تنهنجو پيار ملي، جو منهنجن نيڻن کي لينڊڙيءَ سان سرچائي سگهي! خدا توکي روح جو چين به ايترو ڏئي، جيترو توکي حسن ڏنو اٿس!" ائين چوندي، هن چادر مٿان ورائي ۽ سمهي پيو— ائين، جيئن ڪ هجيس ته نه صبح ايندو، ۽ نڪي پاڻ اٿندو.



روٽيون کائيندا سين! ڪجهه پاسيرو هوندءِ، ته ڪٿي هٿ ٽنگڻو ڪين پوندءِ'. چاچا، دادا ٿورو گيهه وڌيڪ ڪاڍو ته چا ٿي پيو؟ سچو ڏينهن ته لوڪري ٿو ڪري، ... امڙ ڪٿي مون کي اڻ مڪيل لولي ڏئي ها!" ۽ پوءِ ويهندو هو منهنجي منهن ۾ تڪڻ، ته مان ڪيس ان جو کهڙو ٿو جواب ڏيان. مان ڪيس جواب به کهڙو ڏيان. چيا، ڪيس ائين چوان ته 'تون، تنهنجو دادا، تنهنجو چاچو، ۽ اسين سڀ نوڪريءَ وارا شخص، وچينءَ منزل ۾ اچي ٿا وڃون؛ جنهنڪري نه مزوري ڪري ٿا سگهون، ۽ نه موٽرن ۾ سير ڪري ٿا سگهون. اسان جي بدن جو هرهڪ عضوو مشين جو پرزو آهي. ٽنگهن ۽ ٻانهن جو ٽڪ ته لهي وڃي، پر دماغي ٽڪ لهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي؛ ۽ آنديءَ-نيديءَ وارا انسان ته هر مهيني خرچن جا چٽا ٺاهي ٺاهي پنهنجي زندگي خرچ ڪري ٿا ڇڏين'. سمجهيم ته منهنجو اهو چوڻ هن جي ڪچڙي دماغ تي برو اثر ڪندو، تڏهن ڳالهه کي ڪل ۾ ئي ٽاهڻ جي ڪوشش ڪيم.

"امڙ توکي ڪين اڻ مڪيل لولي ڏيندي، تون سندس 'امير' جو آهين! امير ماڻهو ته وڏا ٿيندا آهن نه!"

"چا امير ماڻهو للائو ٿيندا آهن؟"

"نه، للائو نه، پر لاٽ صاحب ٿيندا آهن."

"لاٽ صاحب چا کي چئبو آهي؟"

"جنهن وٽ نوڪر هجن، جيڪو گيهه-ٻڌل لوليون کائيندو هجي، جنهن وٽ موٽرون هجن."

"پر، چاچا، مون کي جو سڀ امير ڪري چوندا آهن!"

"تو اجا ننڍڙو امير آهين."

"مان وڏو امير آهيان، چاچا، تمام وڏو!" ۽ پوءِ ميز تي بيهي قد پڇائيندي چوندم:

"ڏس، چاچا، مان توکان به وڏو آهيان!"

سندس آهي ٻول مون کي لاجواب ڪري ڇڏيندا هئا.

"چاچا، ڏسجانءِ"، مٺڙ پڪوڙي، پوريءَ همٿ سان چوندو، "مان به جڏهن وڏو امير ٿيندس ته پاڻ وٽ نوڪر رکندس، مال مليدا کائيندس، موٽر به رکندس! ڀلا ٻڌاءِ، چاچا، ته مان وڏو امير ڪين ٿيندس؟" ۽ مان پيار مان پوءِ ڪيس هڪ مٺي ڪٽي ڏيندو هوس.

هو پوءِ هليو ويندو هو ٻارن جي جهنڊ ۾. مان ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويندو هوس. ٻار ڪهڙا نه پيارا ٿا ٿين! پنهنجي طوطيلي ٻوليءَ سان هنيانءَ ئي ٺاريو ڇڏين. واقعي ٻار هنئين جا هار آهن. ٻار خدا جي نعمت آهن. ٻارن کي خلقيندڙ به ايشور، ته پاليندڙ به ايشور؛ ۽ جڏهن ايشور سڀني ٻارن سان پهچي نه سگهي، ته 'ماتا' جي روپ ۾ هر ڪنهن جي ٻرگهور لهي!

ڪيترو نه منڙو ٻار هو آهو امير! ملوڪ هو ملوڪ! ڍولائتو بدن، گول گول چهرو، منڙو منڙو آواز؛ ڳالهائيندو هو ته ڇڻ دل پيئي ٺرندي هئي. سدائين پيو ٽڙندو ۽ ٽهڪندو

امير هينئر پورن وقتن تي دوا پيئندو هو، هر ڪنهن جي چئي ۾ هو، ڪيري ڪندو هو— چڻ ته ڏنگاين ۽ اڙٻنگاين ڪان هن بلڪل ئي پاسو ڪري ڇڏيو. ائين ئي هو نوبنو ٿيندو ويو. هو نوبنو ته ٿيو، پر سندس جيون ۾ مون کي هاڻ ڪافي تبديل نظر آئي. هاڻ هو نه ڪنهن کي چيڙائيندو هو، ۽ نه سائيڪل لاءِ ٻين سان وڙهندو هو؛ نه ڪنهن گاڏيءَ واري کي تنگ ڪندو هو، ۽ نه ڪنهن جي ڪنڌ ۾ ماڪوڙيون وجهندو هو. گهر ۾ سانت، ته ٻاهر به سانت. البت پڙهڻ تي وڌيڪ چاهه ڏيندو هو. سمجهيم ته هن پنهنجيءَ منزل جي راهه ڳولهي لڌي آهي. اهو سڀ ويچاريندي، مون کي امير جا اکر ياد اچي ويندا هئا: ”مان به جڏهن وڏو امير ٿيندس ته پاڻ وٽ نوڪر رکندس، سال مليدا کائيندس، موٽر رکندس!“

شيوڪرام ٿنهن ڏينهن امير کي چماٽ هنئين. سندس انهيءَ چماٽ امير جي آئيندي کي ناهڻ لاءِ هڪ ڪيرٿو بڻي. شيوڪرام خود به هڪ ڏينهن چئي ويٺو: ”منهنجو امير ضرور هڪ ڏينهن وڏو امير ٿيندو!“ ۽ ائين چوندي، سندس اکين مان آلسو ٽپڪندا، سندس ڳلن ڪان ٿيندا، سندس خميس ۾ غائب ٿي ويا. مميءَ هيءَ سڀ ڏٺو، ۽ ممتا وچان چئي ويٺي: ”ست وچن!“



ذوالفقار راشدي

# خوابن جو مسافر

ننڊ پڻ جي يادن مان خوبصورت يادون منهنجا خواب آهن. ٻالجتيءَ کان خوبصورت خواب ڏسندو ٿو اچان. خوابن جو مريض آهيان مان. جڏهين ڪُڱهه انڌيرين راتين ۾ آسمان تي تارا ٽمڪندا هئا ۽ ماحول جادوئي بڻجي ويندو هو، ناني آکاڻي ٻڌائيندي هئي — پول راڻي پريءَ جي آکاڻي.

—"ڪنهن زماني ۾ هڪ بادشاهه هو. بادشاهه پاڻ الله آهي، پر هو زماني جو بادشاهه هو. ان کي هئا ست پٽ. هڪ ڏينهن بادشاهه ستن ئي جوان شهزادن کي چيو ته ست ئي ڄڻا تير ڪمان کڻي تير اڇلايو. جنهن گهر ۾ جنهن جو تير ڪِريو، ان کي اتان شادي ڪرائيندس. گل منير شهزادي جو تير وڃي هڪ ڍير ۾ ڪِريو. سڀني شهزادن، گل منير شهزادي تي چٿرون ڪيون. غمگين شهزادي جيئن ڍير مان تير ڇڪي ٻاهر ڪڍيو، تيئن هڪ ڀولڙي ٻاهر نڪري آئي، ۽ لڳي شهزادي گل منير جي پنيان. شهزادو ويچارو ڀولڙي وٺي گهر آيو، ۽ ڪوندر ۾ گذارڻ لڳو. ٿورن ڏينهن پڄاڻا شهزادي کي معلوم ٿيو ته پول راڻي پري آهي، جيڪا ڀولائون ويس مٽايو وتي. هڪ ڏينهن جيئن پول راڻي ڀولائون ويس ٻاهر رکي حمام ۾ وهنجڻ ويئي، تيئن شهزادي وڃي وٺي اهو ويس کڻي باهه ۾ اڇلايو. پول راڻيءَ کي جو ان تان مٺيان لڳي، ته وٺي پڙڪو ڏنائين. جيڏانهن جي هئي، تيڏانهن هلي ويئي. شهزادي جو ماني پاڻي وهه ٿي ويو..." مون کي شهزادي سان سخت همدردي ٿي ويندي هئي. ناني اڳتي ٻڌائيندي هئي: "پوءِ شهزادو جهنگ جبل لتاڙيندو، بحر بر جهاڳيندو، برن پٽن ۾ ٻڪون ڪائيندو، ٻر منهن ڏيئي هلندو رهيو. ورهين جي جاکوڙ بعد وڃي پول راڻيءَ جي ديس پهتو. پول راڻي وري راضي ٿي. شهزادي کي پنهنجي وارن جي سينگ ڏنائين. شهزادو موٽي پنهنجي ملڪ آيو، ۽ جڏهين به سينگ کي ماهڻ ڏيندو هو ته پول راڻي ستر سهيلين سميت هڪدم اچي حاضر ٿيندي هئي."

مون کي شهزادي تي بيحد رشڪ ايندو هو. ڪيڏو نه خوش قسمت هو اهو شهزادو، جنهن کي پنهنجن ڪشٽن ڪشالن جو ههڙو حسين ڦل مليو! ڪاش، مان به شهزادو گل منير هجان ها، منهنجي به ڪا پول راڻي هجي ها، منهنجو به تير ڪنهن اهڙي ڍير ۾ وڃي ڪِري ها، مان به ڪنهن جي لاءِ ڪوهقافن جا سينا لتاڙيان ها، مون کي به ڪا پول راڻي پنهنجن وارن جي

راتا، او دل جا راتا، موٽي مان وٽ آ: او سھڻا، ساھ سيباتا،
موٽي مان وٽ آ!
موٽي مان وٽ آ، توکي آئيندو الله: راتا، او دل جا راتا،
موٽي مان وٽ آ!

’نہ نہ، مان موٽي نہ ايندس! ھوءَ مون کي خوابن جي طرف سڏي ٿي؛ مان ھاڻي خواب نہ ڏسندس؛ خواب مون کي اذيت پهچائين ٿا، ملال بخشين ٿا؛ خواب مون کي ھردم ويڳاڻو رکن ٿا؟...... مگر، نہ معلوم، منھنجو اھو فيصلو بہ خواب جي حالت ۾ ھجي — ڇو تہ منھنجي زندگي آھي ئي خواب.



موپسان

سنڌيڪار: علي بخش ميمڻ

# ڇا، اهو خواب هو؟

مون هن سان محبت ڪئي.

محبت! ڪوئي محبت ڇو ٿو ڪري؟ ڇو؟ آخر ڇا لاءِ اسين محبت ڪريون ٿا؟ ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي! صرف هڪ انسان، صرف هڪڙي صورت، هن جهان ۾ پسڻ! هڪ خيال، اهوئي دل ۽ دماغ ۾ سمايل! هڪ خواهش، هڪ آرزو، ۽ صرف هڪ تمنا جي تسلي! هڪ هستيءَ جو ذڪر، هڪ چيز لاءِ جدوجهد! هڪ نالو، صرف اهو نالو هر وقت هي چپ چئمن! نالو، جو سواءِ ڪنهن ڪوشش جي، خود بخود دل ۽ دماغ سان چشمي جي پاڻيءَ وانگر چڙهندو ۽ اپرندو نظر اچي؛ اهو نالو جو هر وقت آچاريو ۽ پچاريو وڃي، هر ساعت ۽ هر گهڙيءَ عبادت سمجهي حفظ ڪيو وڃي!... ڪاش، ڪوئي مون کي ٻڌائي!

مان اوهان کي هڪ داستان ٻڌايان ٿو، ڇو جو محبت جو داستان صرف هڪ ئي آهي — هر هنڌ ۽ هر وقت ساڳيو.

مان هن سان مليس، هن سان محبت ڪيم، ۽ بس. سارو ئي سال ان جي محبت جي سهاري جيئندو رهيس. هن جي آغوش ۾، هن جي ڪپڙن ۾، هن جي لفظن ۾ ويڙهيل سهيڙيل، جذب ۽ غرق، هن دنيا مافيها کان بيخبر، دک ۽ سک کان بي نياز، موت ۽ زندگيءَ کان غافل، — پيو رهيس، سندس صحبت ۾ سرشار ۽ مگن!

هڪڙي ڏينهن هوءَ آئي — ساري پاڻيءَ ۾ پسيل. سردي سندس رگ رگ ۾ گهڙي ويئي هئي. برسات ۽ ٿڌ جو اهو اثر ٿيو جو ٻئي ڏينهن هن کي کنگهه ٿي، ۽ اهو سارو ئي هفتو تڪليف ۾ مبتلا رهي. مون کيس اسپتال ۾ آندو. ان کان پوءِ مون کي خبر نه آهي. مان اوهان کي ٻڌائي نه سگهندس — صرف ايترو ياد اٿم ته ڊاڪٽر پئي آيا، نسخا پئي لکيائون، دوائون پئي آيون، ۽ ڪن عورتن اهي دوائون پئي هن کي پياريون. هن جا هٿ گرم هئا. هن جو مٿو باهه جي ڪوري جيان جلي رهيو هو. هن جون اکيون بلب وانگر چلڪيدار مگر غمگين هيون. جڏهن مون سان هن گفتگو پئي ڪئي، تڏهن سندس اکين ۾ ڳوڙها تري ٿي آيا. هن ڪجهه چيو ٿي، مگر مون ڪجهه نه ٻڌو. اهي داستان مون وساري ڇڏيا آهن. مون کي

ڪجهه به ياد نه آهي. هوءَ مري ويئي. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته هن هڪ ٿڌو ساهه کنيو...... نرس دانهن ڪئي ۽ مان سمجهي ويس — سڀڪجهه سمجهي ويس. مون کي وڌيڪ خبر نه آهي. صرف هڪ مولوي ڏٺم، جنهن چيو: ”او هان جي گهر واري ...“ ۽ مان ائين سمجهڻ لڳس ڄڻ هو اهي اکر چئي هن جي بيعزتي ڪري رهيو هو؛ ڇو جو هوءَ مٿل هئي، ۽ ڪنهن کي به اهو اختيار نه هو ته ان کي اڃا به مون ڪمبخت سان ملحق ڪري. مون هن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. پيو آيو، جو هن کان وڌيڪ مهربان ۽ مشفق پئي نظر آيو. هن اڃا ڪجهه چيو به ڪونه، ته منهنجين اکين مان ڳوڙها ڪري پيا. هن مون سان ڪفن دفن بابت صلاح مصلحت ڪرڻ پئي چاهي، مگر مان ڪجهه به سمجهي نه سگهيس. حواس باخته ۽ غائب دماغ هوس. مون کي صرف ايتري يادگيري آهي ته اهڙي حسين جسم کي هنن مٽيءَ جي حوالي ڪيو — تاريڪ ۽ خاموش غار ۾! او خدا، او الله ...! هن کي دفن ڪيو ويو، سو به ان اونداهي ۽ اڪيلي غار ۾! گهڻيئي عورتون ۽ مرد همدردي ظاهر ڪرڻ آيا، مگر آءٌ ڀڄي ويس. گهٽين ۾، رستن تي ڀڄندو ۽ ڊوڙندو رهيس. ٻئي ڏينهن مسافريءَ تي سنبريس — اهڙي مسافري، جنهن جو ڪو به پتو ۽ نشان ڪونه هو ته ڪٿي ۽ ڪڏهن ختم ٿيندي. ڪالهه واپس موٽيس، ۽ جڏهن ان ڪمري جي نزديڪ آيس ۽ انهن سڀني شين جي ويجهو آيس — ڪمرو، بسترو، فرنيچر ۽ اهو سڀڪجهه جو ڪنهن جي موت کان پوءِ به زنده رهي ٿو — ته مون کي الائي ڇا ٿي ويو. اهو غم جنهن کي دفن ڪرڻ لاءِ ايڏا ڪشالا ڪڍيا هئم، تازي زخم جي عذاب وانگر لسَ نسَ مان اڀري ۽ ڦاٽي نڪتو. مان ترسي نه سگهيس، ۽ نه وري اهي ديوارون جن هن کي پناهه ڏني هئي ۽ جن تي اڃا تائين هن جي وجود جا ڪيترا نشان موجود هئا، تن کي ڏسڻ جي همت ساري سگهيس. يڪدم پنهنجي ٽوپي سنڀالي ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيم؛ مگر دروازي وٽ پهچندي ئي قد آدم آئيني تي نظر پيئي، جو هُن وڏي حال ۾ پاڻ کي روزانو پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏسڻ لاءِ رکايو هو — صرف ان لاءِ ته هوءَ ٻاهر وڃڻ کان اڳ هڪ نظر پنهنجي لباس ۽ چهري تي اڇلائي سگهي — فقط ان لاءِ ته هوءَ پين جي سامهون اچڻ کان اڳ ڏسي ته هن جي حسن ۽ شان ۾ ڪمي ته ڪانه رهجي ويئي آهي! مون کي ڄڻ ته بريڪ لڳي ويو. آن آرسيءَ جي سامهون بيٺو رهيس، جنهن تي هُن جو ڪيئين دفعا پرتوو پيو هو — ايترا دفعا، جو ضرور هن سندس حسن مان ڪجهه نه ڪجهه پاڻ وٽ محفوظ رکيو هوندو. مان بيٺو رهيس، ڏڪندو ۽ ٿڙڪندو، اکيون شيشي مٿان کتل، ايڏي وڏي ڀرپور ۽ خالي شيشي مٿان، جنهن ۾ هوءَ ساري سمايل هئي — ايتري، جيتري منهنجي اکين ۾. مان ائين محسوس ڪرڻ لڳس ڄڻ ان شيشي سان منهنجي دل جون تُنتل تارون ڳنڍجي رهيون هيون. مون ان کي ڇُهيو. اهو برف جيان ٿڌو هو. اف، ماضيءَ جي ياد! غمگين آرسي، خوفناڪ ۽ ڀوائتي آرسي، تون ڪيئن اسان کي آئيو ماضيءَ ۾ وجهين! خوش نصيب آهي اهو انسان، جنهن جي

حقيقتن کي ڍاهي ۽ مٽائي رهيو هو. مون ڏٺو ته هو ڪجهه لکي رهيا هئا. مون پڙهيو ته هو سڀ پنهنجن پاڙيسرين جا خوفناڪ دشمن هئا. هنن جي لکيتن مان معلوم ٿيم ته هو سڀ بي ايمان، بيوفا، ڪوڙا، حاسد، وطن دشمن، نشئي، زاني ۽ دغاباز هئا. وفادار دوست، ايماندار واپاري، عصمت ماب ۽ عزت ماب — سڀني پنهنجي حياتيءَ ۾ ٺڳيون، دوڪا، چوريون ۽ زوريون ڪيون: ڪوبه اهڙو گناهه نه هو جيڪو انهن زاهدن ۽ شريفن پنهنجي زندگيءَ ۾ نه ڪيو هو. اهي سڀ هڪ ئي وقت پنهنجي زندگيءَ جا شاهڪار چٽي رهيا هئا. هو پنهنجي زندگيءَ جي حقيقت، واحد ۽ آخرين حقيقت، پنهنجي هميشه رهڻ واري مڪان مٿان لکي رهيا هئا — جيئن هت اسين پنهنجن بنگلن ۽ محلاتن تي لکندا آهيون "قصرِ ناز"، "ايوانِ رفعت"، "دارالسرور"، وغيره. ڪهڙو نه خوفناڪ هو انهن جو سچ!

مون کي سُجهي آيو ته ضرور 'هُن' به ڪجهه نه ڪجهه لکيو هوندو...... پنهنجي زندگيءَ جو سچ! مون ۾ همت ۽ جرات اچي ويئي. مون ۾ ڄڻ ته تازو خون ڊوڙڻ لڳو. يڪدم انهن اڌ ڪُليل قبرن، لاشن ۽ هڏن وچان اٿي ڊوڙڻ لڳس. مان هُن ڏانهن وڃي رهيو هوس، انهيءَ ئي محبت ۽ پيار سان. مون کي خاطري بلڪ يقين هو ته مان هن کي يڪدم سڃاڻي وٺندس. منهنجو يقين آخر يقين ئي نڪتو. مان هن کي ٻري ڪان ئي سڃاڻي ويس. سندس صورت ڏسڻ کان سواءِ ئي ڪيس سڃاڻي ويس. اهو پٿر به ڏٺم، جنهن تي ٿورو وقت اڳ مون هي ڪتبو پڙهيو هو: "اها هتي آهي، خاموش ۽ لاچار، جنهن پنهنجي مڙس سان محبت ڪئي، اهڙي محبت جنهن جي موت صرف محبت ئي ٿي سگهي ٿي." پر هاڻ مون ڇا ڏٺو؟....
"— اها هتي آهي، خاموش ۽ لاچار، جيڪا هڪ ڏينهن پنهنجي وفادار مڙس کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي، برسات وسائيندي، پنهنجي جهوني عاشق سان ملڻ ويئي، رستي ۾ ٿڌ لڳڻ ڪري بيمار ٿي، ۽ مري ويئي"!

ٻئي ڏينهن مقام جي رکوالن مون کي ان قبر پر سان بيهوش ۽ بيسُرت لڌو.



جمال رند

# نوجوان ساٿيءَ ڏانهن

پيارا ساٿي، شال جُڙيو رهين!

ڪراچيءَ مان ڪوهاٽ وڃڻ جي تار ڪري پنهنجي انجام کي پهتين، ڏاڍي خوشي ٿي. گاڏيءَ اچڻ کان اڳ ئي اسان پليٽفارم تي پهچي تنهنجو انتظار ڪرڻ شروع ڪيو. پليٽفارم تي ڏاڍي رش لڳي پئي هئي. ڪي سامان آڻيو پيا رکن، ڪي پنهنجن پارن ٻچن سان گاڏيءَ جي اچڻ جو انتظار پيا ڪن، تہ ڪي وري اسان وانگر پيا هيڏانهن هوڏانهن جون ڦيريون پائين ـــ شايد انهن کي بہ پنهنجن دوستن سان ملڻ جو انتظار ڪرڻو هو. گهورڙين بہ طرح طرح جا آواز بدلائي، ٻارن ۽ وڏن جون دليون ڪجهہ خريد ڪرڻ لاءِ پئي هرڪايو، چيا ڪن، هنن جو تہ گذران ئي انهن ٽيندو آهي.

ٽيشن تي رش سان گڏ رونق بہ گهٽي هئي. جيڏانهن نهار، ڪنهن نہ ڪنهن نوجوان نينگر جي سنهڙن سريلن ٽهڪن جا پڙلاءَ پئي ڪنن کي سيبايا. چٽني پاسن، ٻري ٻري تائين، آواز جو ڄڻ هڪ وسيع جار وڇايل هو. هرڪو ماڻهو انهيءَ جار جي ڪنهن نہ ڪنهن خاني ۾ گرفتار پئي پاسيو. کل هئي، مُرڪ هئي، خوشيءَ جي اٿاهہ ساگر جون اڇڪيُٽ موجون ۽ مستيءَ پريل ڇوليون هيون. آءٌ مٿي ٽيشن ٽپڻ واريءَ پل تي بيٺو هوس. نظارا ئي نظارا هئا. احساس جي هڪ عجيب ڪيفيت منهنجي دل مان گذري رهي هئي. ٻري ٻري جا منظر اچي نگاهن ۾ سمايا هئا. سيمنٽ جي اوچيءَ چمنيءَ مان، آڇي پٽ جڙو آڇو دونهون، گهُنبَ هڻندو، مٿي چڙهندو، وري ٽوريءَ ٽڌ لڳڻ ڪري هيٺتي ٽڙندو پکڙندو پئي ويو. انهيءَ دونهين جون ڪي لنمبيون لاٽون، گلن جي هار جيان، مزورن جي پورهيي پريل سگهند ڪٽي، هيڏانهن ٽيشن ڏانهن پئي اڳتي وڌنديون آيون. دونهين جي ورن وڪڙن ۾ ڪا عجيب هلچل هئي، خوشي ۽ محبت هئي ـــ معصوم ٻارن جي، زالن توڙي مردن، جوانن ۽ ڪراڙن جي، جي آتي مزور هئا، ۽ پنهنجي ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪري رهيا هئا

دوست، اهو دونهون پوءِ ايندي ريل جي پٽن تي وڇائجي ويو. اها پورهيتن جي پونجي بہ ڄڻ توتان نڇاور ٿيڻ آئي هئي، تنهنجو استقبال ڪرڻ آئي هئي؛ جنهن ريل تي تون چڙهي پئي آئين، انهيءَ کي زمين تي بيهڻ کان اڳ پنهنجي نرم ۽ نازڪ سيني تي سوار ڪرڻ آئي هئي. ويچارا مزور، الائي ڪهڙيون ڳريون ڇپون پنهنجن سينن تي ڌريو گهمندا وتن،... هي تہ انهن لاءِ فخر جو موقعو هو جو سندن ديس جو هڪ نوجوان،

تنجيو، تنهنجي آجيان لاءِ بيٺو آهي...... ۽ ها، جڏهن تون هتان اڳيرو ويندين، ته توکي هڪ ٻيو سورمو ملندو. هو به تنهنجي انتظار ۾ هوندو. دوست، تون هن جو بيحد احترام ڪج! هو اسان جي تاريخي ڪردار جو هڪ ٻيو بهترين مثال آهي. تو سمجهيو ته آءٌ ڪنهن ڏانهن ٿو اشارو ڪريان؟ اهو اٿئي راجا پورس، قديم سنڌ جي آترئين حصي جو راجا، جنهن يونان جي مغرور بادشاهه سڪندر جو مقابلو ڪيو هو. سڪندر، جنهن کي هڪ محب وطن جي مقابلي ۾ اسين سڪندر اعظم ڪوٺيون ٿا! هر ٻاهرئين فاتح کي اسان اعظم ۽ معظم جي خطاب سان ٿي نوازيو آهي. ڪيڏا نه وسيع دل آهيون اسين...!

اڙي، آءٌ ته تنهنجي اڳيان تاريخ جا دفتر کولي ويٺو آهيان! تون گهٻرائجي ته نه ويو آهين؟ دوست، منهنجا ساٿي، اڄ جو حال، سڀاڻي جو ماضي ٿيڻو آهي؛ ۽ مستقبل جون ٻاڙون ماضيءَ ۾ پيوست هونديون آهن. تون نوجوان آهين. ماضي ۽ حال، حال ۽ مستقبل — تنهنجي نظر تاريخ جي سموري سلسلي تي هئڻ گهرجي.

خيالن جي دنيا منتشر ٿي ويئي. گاڏي اچي پليٽفارم کي اوڏي پهتي هئي. آءٌ تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي آيس. تون ته ڪو پوئين گاڏي ۾ هئين! ڊوڙي اچي توکي لڌم. توکي ياد هوندو، پهرين مون ٿي اچي توکي ٻاڪر پاتو هو. پوءِ ٻين سيني ساٿين توکي گلي ملي ڪيڪاريو هو. خوشيءَ جو وقت ڏاڍو مختصر معلوم ٿيندو آهي. واسينگ جيان شوڪارو هڻي، گاڏي هلڻ لڳي. تون دروازي تي بيٺو هئين. گاڏي ويئي تيز ٿيندي،... ۽ ليٽ اکين کان اوجهل ٿي ويئي. گهوٽ-ڪنوار مون ڪلندي ڏٺا — ڄڻ ته توکي پيرين لڳي، ٻاڪ سهاڳ ٿي ٻائي چڪا هجن. ڪنجي ٽڪر تي سج جي روشني وڏيڪ گهري ٿي ويئي هئي. چمنيءَ جو دونهون هاٿي سڌو آسمان جي رُخ تي وڃي رهيو هو. قلعي جي ديوار به مون کي هينئر زياده بلند ۽ زياده مضبوط معلوم ٿي رهي هئي. گاڏي هلي ويئي. اسين به گهر موٽياسين. ٻاهر ٽيشن جو بورڊ ڏٺم — "حيدرآباد سنڌ جنڪشن". ائين محسوس ڪيم، ڄڻ انهن لفظن جي منشا ٿي اها هئي ته منهنجا نوجوان فوج ۾ ويندا رهن، ۽ اسين هتي هميشه مُرڪندا ۽ مُشڪندا رهون.

گاڏي توکي ڪوهاٽ ڏانهن کڻي رمندي رهي. اسين سڀ اچي جيپ ۾ ويٺاسين. ننڍڙن ننڍڙن ٻارن جو جلوس، "پاڪستان زنده باد" جا نعرا هڻندو ٿي ويو. اسان به 'پاڪستان زنده باد' جا نعرا لڳايا. بيشڪ پاڪستان اسان جو آهي، ۽ اسين ئي ان جا محافظ ۽ معمار آهيون.

دوست، خط ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي. ميل ملاقات جو اهو به هڪڙو طريقو آهي. جواب ضرور ڏج!

چڱو، ساٿي، سدائين ڪَٺا!

تنهنجو پنهنجو،......

انڪٽر. هتي ته هرڪو حاضر جواب آهي!

نيو ايڪسٽرا. ('آداب عرض' ڪندي). اوهان جي ذره نوازيءَ لاءِ شڪريو.

(درد لئين بوتل کولي سيني جي گلاسن ۾ شراب ٿو وجهي.)

درد. (اٿي، جام چاڙهي)

دلِ نادان، تجهي هوا کيا هي،
آخر اِس درد کي دوا کيا هي!
هم هين مشتاق اور وه بيزار،
يا اِلاهي، يه ماجرا کيا هي!
جب که تجه بن نهين ڪوئي موجود،
ڦر يه هنگاما يا خدا کيا هي!
مين ني مانا ڪ ڪُڇ نهين، غالب،
مفت هاٿ آئي تو بُرا کيا هي!

سڀ. (اداڻ سان) واه واه! آه آه! هاءِ هاءِ!

(دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز. درد ويهي ٿو رهي.)

شبنم. ڪير؟

آواز. پوليس!

(سڀ هراسيل منهن سان گردنون اوچيون ڪري دروازي ڏانهن نظر ڪن ٿا.)

انڪٽر. (اٿي) مون کي اڳ ۾ ئي ڏپ هو. پنيان دروازو آهي؟ ...... اڙي، هيءُ ڪير!

(چندر اندر اچي ٿو. انڪٽر ويهي ٿو.)

چندر. ڊڄو نه، پوليس ڪونهي، مان آهيان. جيڪڏهن پوليس جو ايڏو ڏپ اٿوَ ته اهي ڪم ڪريو ڇو ٿا؟

درد. مگر ائين ڏڪائڻ جو مطلب؟

چندر. (طنز ڀريءَ مُرڪ سان) مطلب؟ اهو تماشو ڇا توهان کي سولهي ٿو؟

شبنم. پاڻ کي سماج جو ٺيڪيدار ٿو سمجهين؟

چندر. ڪجهه شرم ڌاريو، ٻين شاعرن کي بدنام نه ڪريو. هي ته اڻويهين صديءَ جي شاعرن جا ڪارناما آهن.

شبنم. Get out, you idiot, you shallow idealist! don't poke your dirty nose!

چندر. (ٻئي هٿ ٻڌي) معاف ڪجو، مون توهان جي محفل ۾ دخل ڏنو. مون سوچيو، اڄ جڏهن اديب زندگيءَ جي جدوجهد ۾ سڀ کان اڳيان آهي، تڏهن توهين سماج ۽ سنسار جي ڪلياڻ جو ڪو خيال نه ڪري، زندگيءَ جي ڪشمڪش کان ڀڄي، پنهنجي خوبصورت زندگيءَ سان هڪ ناپاڪ کيل کيلي رهيا آهيو!

شبنم. سماج، سماج، سماج! ڇا ڪيو آهي تنهنجي سماج اسان لاءِ؟ شوڪ کان پڇي ڏس، کيس نوڪري ملي ٿي؟ غم ڀُلائڻ لاءِ پيئون ٿا، مگر اهو به نٿا سهو!

شوڪ. مگر پيئڻ سان ته غم اڃا به وڌي ٿو. شراب سگهه نٿو ڏئي، صرف توڙي ٿو.

شبنم. اهو تنهنجو شخصي رايو آهي.

شوڪ. جيڪو مون ايمانداريءَ سان ڏنو آهي.

شبنم. (ٺهڪ ڏيئي) شراب، ۽ ايمانداري!

چندر. شايد مون هتي اچي غلطي ڪئي آهي!

شبنم. 'Fools rush there, where angles fear to go!'

درد. اها چوڻي شايد هين درويش شاعر لاءِ نهي هئي!

چندر. شايد اهو ٺيڪ آهي. اصل ۾ مون کي هتي اچڻ نه کپندو هو. اڄ جي اديب جو آستان 'ڪميونٽي پروجيڪٽس' ۽ 'ڊئمس' ۾ آهي،

# ٣


١. ادب ۽ زندگي — علامہ آءِ. آءِ. قاضي
٢. فن جي اهميت — سي. اي. ايم. جوڊ
سنڌيڪار: مراد علي 'اختر'
٣. فن ۽ ثقافت — غلام علي الانا
٤. مضمونَ — ڊاڪٽر علي احمد قاضي
(١) عشق ۽ عقل، (٢) فلسفو ۽ سائنس، (٣) آسائي - نراسائي، (٤) سچ ۽ ڪوڙ
٥. مضمونَ — لعل بخش ٽالپر
(١) ضمير شاهہ جو مڪان، (٢) نفس، (٣) دل جا افسانا، (٤) تنهنجون اکڙيون
٦. "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (هڪ تنقيدي جائزو) — سراج الحق، ايم. اي.
٧. آخري حل — سيد امجد علي
سنڌيڪار: رشيد آخوند
٨. "مهراڻ" جا موتي — ادارو
٩. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا
١٠. علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون:
(١) "سنڌي ادبي سنگت" جي سنڌ - ڪانفرنس
(٢) گورنمينٽ گرلس ڪاليج، حيدرآباد، جو "يوم لطيف"
١١. "آدمي آئي ويا..."
١٢. تبصرا
١٣. پڙهندڙن جا پيغام

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

# ادب ۽ زندگي

> علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب، سابق وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي، گذريل ۱۸-آل سنڌ ادبي ڪانفرنس (حيدرآباد، ۳۱-مئي ۱۹۵۸ع) جي موقعي تي هيءَ صدارتي تقرير ڪئي هئي، جيڪا مهراڻ جي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجي ٿي. — ادارو.

جيتريقدر مون کي ياد آهي، ڀهريون ڀيرو هن ادبي ڪانفرنس جي دادوءَ واري اجلاس جي موقعي تي مون پنهنجي موڪليل صدارتي تقرير* ۾ لفظ "ادب" جي معنيٰ تي روشني وڌي هئي، ۽ ٻڌايو هو تہ لغت جي لحاظ سان لفظ 'ادب' جي معنيٰ آهي "ريڙهيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ"؛ يا، پنهنجي سنڌي اصطلاح موجب، چڻ "اڻگهڙيل ڪاٺ کي رلدو هٽي سڌو ڪرڻ". انهيءَ مقصد سان ئي اسان جي معاشري ۾ استاد مقرر ٿيندا هئا، جن کي 'اديب' سڏيو ويندو هو؛ ڇاڪاڻ تہ تعليم سان گڏ ٻار جي 'تاديب' بہ سندن ئي ذمي هئي. ٻئي ڪنهن موقعي تي آءٌ اهو پڻ واضح ڪري چڪو آهيان تہ 'علم ادب' جي صحيح معنيٰ آهي— "اها تحرير جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري، ۽ انهن (خوبين) جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري."†

حقيقت هيءَ آهي تہ قدماءَ جي نظر ۾ ادب ۽ ان جي مفهوم ۽ مقصد کي وڏي اهميت حاصل هئي، ڇاڪاڻ تہ انهن ادب کي جملي انساني علم تي حاوي ٿي سمجهيو. اصولي طور، 'ادب' جو مفهوم انهيءَ ڏينهن کان واضح ٿي چڪو، جڏهن کان "لا تقربا هذه الشجرة" وارو حڪم پهتو؛ پر هن موجوده دور ۾ ادب جون سڀيئي راهون ايتريقدر تہ متجي مسخ ٿي چڪيون آهن، جو لفظ 'ادب' جي معنيٰ ئي پوريءَ طرح پروڙي نٿي سگهجي.

**فڪر ۽ ذڪر.** ڪانفرنس جي دادوءَ واري اجلاس کي خطاب ڪندي، مون اهو پڻ واضع ڪيو هو تہ علم ادب جي واڌاري جو مدار "فڪر" تي آهي، ڇاڪاڻ تہ فڪر ئي هر مضمون ۽ بيان جو سرچشمو آهي. انهيءَ حقيقت کي هن مجلس ۾ اڃا بہ قدري واضح ڪرڻ

---

* چوڏهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس، دادو، ۱۹۵۴ع، لاءِ موڪليل صدارتي خطبي ڏانهن اشارو.

† ڏسو مضمون "علم ادب": "مهراڻ"، ۲/۱۹۵۵ع.

بيان هزارن اکين ۾ ڳوڙها آڻيندا. اسين پنهنجن ڪن سچن واقعن بيان ڪرڻ سان پنهنجي وقعت وڃائي نٿا سگهون: اهي سچا بيان وري به اهوئي ثابت ڪندا ته ماڻهو ايترو بلند به ٿي سگهي ٿو جو خود کي وساري ويهي! "وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو" وارو شرط جيتريقدر عبادت سان لاڳو آهي، اوتروئي تحرير سان به لاڳو سمجهڻ کپي.

مطلب ته وسيع معنيٰ ۾ تاريخي جستجو ذريعي—جنهن ۾ سوانح نگاري، قبائلي ۽ قومي تاريخ، توڙي جماعت ۽ گروهه جا ڪارناما اچي وڃن ٿا—علم ادب لاءِ ايترو ته گهڻو مواد گڏ ٿيندو جو جلدن جا جلد ڀرجي ويندا، ۽ هڪ نه ٻه ڪيئي مطبع ان کي صاف ڪرڻ ۽ شايع ڪرائڻ ۾ مشغول رهندا.

آخر ۾ وري به منهنجي استدعا آهي ته ٻيءَ ڪانفرنس کان اڳ اسين ڪم از ڪم انهن ٻن تجويزن تي عمل ڪريون، جن کي اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون. وڏن خيالن ۽ خوابن جي بجاءِ جيڪڏهن اسان انهن ٻن آسان تجويزن تي عمل ڪيو، ته به مون کي يقين آهي ته اسان مان ڪيترائي مصنف بڻجي پوندا، ۽ سندن قلمي ڪارناما اهڙو ته قيمتي مواد مهيا ڪري وجهندا جو وڏن فيلسوفن توڙي سائنسدانن جي مطالعي لاءِ مفيد ٿيندا. ڏٺي شال اسان کي عملي قدم کڻڻ جي توفيق ڏئي؟



سي. اي. ايم. جوڊ
سنڌيڪار: مراد علي 'اختر'

# فن جي اهميت

تهذيب جي خاص خوبي هيءَ آهي ته اُن انساني ذهن ۽ روح کي آزادي بخشي؛ ۽ اهڙيءَ طرح انسان کي موقعو مليو ته هو انهن شين جي ڳولا ڪري سگهي، جيڪي بذات خود فائديمند آهن. ٿوري غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پوءِ خبر پوندي ته ڪي شيون اهڙيون ضرور ٿين ٿيون، جن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش ان ڪري پيدا ڪين ٿي ٿئي ته آنهن جي ذريعي ڪنهن ٻيءَ شي کي حاصل ڪيو ويندو، بلڪ انهن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش خود انهن لاءِ ئي ڪئي وڃي ٿي. گهڻيون شيون اهڙيون نظر اچن ٿيون، جن جي طلب فقط ان لاءِ ڪئي ويندي آهي جو آهي ٻين شين جي حاصل ڪرڻ جو وسيلو ٿينديون آهن. فرض ڪريو ته اوهان کي بخار آهي. ان جي علاج لاءِ اوهان کي ڪوئنين جي گهرج بلڪ خواهش آهي. پر ڇو؟ — ان لاءِ ته اوهين بخار جو علاج ڪرڻ گهرو ٿا. اوهين بخار جو علاج ڇو ٿا ڪرڻ چاهيو؟ — ان لاءِ ته اوهين بيمار رهڻ نٿا چاهيو. اوهين بيمار رهڻ ڇو نٿا چاهيو؟ — ان لاءِ ته صحت بيماريءَ کان وڌيڪ بهتر شي آهي. صحت بيماريءَ کان وڌيڪ بهتر شي ڇو آهي؟ — ان لاءِ ته صحت خوشيءَ، يا شايد قابليت، کي حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي. پر خوشيءَ جي طلب ڇو ڪئي وڃي ٿي؟ گهڻا ماڻهو ان جو جواب اهو ڏيندا ته خوشي بذات خود هڪ مقصد آهي؛ يعني اهڙي شي آهي، جيڪا پنهنجو قدر پاڻ آهي. جيتري قدر قابليت جو تعلق آهي، گمان ڇوي ٿو ته اهو به هڪ ذريعو آهي؛ يعني ڪنهن ٻيءَ شي کي حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي. آخر ڪو قابل ڇو ٿئي، جيستائين ان جي اڳيان ڪو مقصد يا مطلب نه هجي؟ اهو مقصد يا مطلب ڇا آهي؟ ان سوال جا ڪيترا ئي جواب ڏيئي سگهجن ٿا؛ پر ظاهري طرح ائين ڏسجي ٿو ته قابليت جي طلب ڪٿي ڪنهن به شي لاءِ ڪئي وڃي، اها خود قابليت لاءِ ئي ڪئي ويندي، پوءِ ڪٿي ان کي ان جي ذات کان پري ڪنهن ٻيءَ شي جي حاصل ڪرڻ جي وسيلي جي حيثيت سان استعمال ڪيو وڃي يا، خوشيءَ والگر، بذات خود هڪ مقصد جي حيثيت سان. اها هڪ مزيدار ۽ اچرج جهڙي ڳالهه آهي ته انهن شين جا مسئلا صاف ۽ واضح هجڻ بدران منجهيل آهن، جن جي طلب انهن جي پنهنجيءَ ذات لاءِ هوندي آهي — يعني آهي شيون، جيڪي ٻئي ڪنهن مقصد جو ذريعو ڪين آهن بلڪ پنهنجو مقصد پاڻ آهن. مجموعي

سان، جو انهن مان نڪرندڙ آواز "باش" (Bach) جي نغمي جو موضوع ٺهي ٿا پون. هينئر به آهي ٿي اڳوڻيون جسماني حالتون واقع ٿيون آهن، پر هن دفعي هڪ نئين ڳالهه به پيدا ٿي آهي: يعني بي‌انداز خوشيءَ ۽ سُرور جو احساس، جيڪو اسان کي نغمي جي ٻڌڻ کان پوءِ حاصل ٿيو. عظيم موسيقيءَ جي صورت ۾، آوازن جو اهو سُر-تار جيڪو اسان کي خوشيءَ ۽ سُرور جي قريب پهچائي ٿو، حَسين ٿئي ٿو. تڏهن به، پهرينءَ صورت ۾ جڏهن سُرن تي بيخياليءَ سان آڱريون رکيون ويون هيون، ۽ ٻيءَ صورت ۾ جڏهن انهن ٿي سرن 'باش' جو نغمو پيدا ڪيو، فرق صرف نظم ۽ ترتيب جو آهي. انهيءَ فرق تي ٻيءَ صورت جي خوبصورتيءَ ۽ پهرينءَ صورت جي بدصورتيءَ جو دارومدار آهي. ياد رکڻ گهرجي ته نظم ۽ ترتيب ڪا ماديّ يا طبعي شي ڪانه آهي، يعني اسين ان جي ڄاڻ پنهنجن حواسن جي وسيلي ڪونه ٿا ڪريون: تنهنڪري معلوم ٿيندو ته حسين هجڻ جي خوبي، جيڪا هن مثال ۾ آوازن جي خاص نظم ۽ ترتيب تي دارورمدار رکي ٿي، ڪا مادي يا طبعي خوبي نه آهي.

ساڳيو حال تصويرن جو آهي. جنهن خام مواد مان تصويرون ٺهن ٿيون، اهو ڪاغذ وغيره ۽ رَنگ آهن. جيڪڏهن رنگن کي ڪاغذ وغيره تي بيخياليءَ سان پکيڙيو وڃي، ته سواءِ هڪ رنگين مٿاڇري جي ٻي ڪابه شي ڪانه ٺهندي؛ پر جيڪڏهن انهن ئي رنگن کي ساڳئي ڪاغذ وغيره تي هڪ خاص طريقي سان — مثلاً "ريمبرانٽ" (Rembrandt) جي طريقي سان — پکيڙيو ويندو، ته هڪ سولهن پيدا ٿيندي، جيڪا انساني روح تي گهرو اثر ڇڏيندي. جڏهن ٻنهي حالتن ۾ هڪڙوئي خام مواد استعمال ڪيو ويو آهي، ته پوءِ انهن ٻنهي ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ — ڪاغذ وغيره تي رنگن جو خاص نظم ۽ ترتيب! اهو نظم ۽ ترتيب ڪا طبعي يا مادي شي ڪانه آهي: تنهنڪري، جيڪو حُسن مادي جي نظم ۽ ترتيب سان پيدا ٿئي ٿو، ۽ جيڪو مادي جي بدران نظم ۽ ترتيب جي خصوصيت آهي، سو ڪنهن اهڙيءَ شي جي خصوصيت آهي، جا بذات خود مادي يا طبعي ڪين آهي.

انهيءَ نقطه‌نگاه کان جڻ ته حُسن شيشي جي هڪ اهڙي ٽُڪري وانگر آهي، جنهن مان انسان جو روح هڪ ٻئي حقيقت جي نظام جو نظارو پَسي سگهي ٿو. اهو حقيقت جو نظام غير مادي آهي؛ ۽ جيئن ته حُسن شين بلڪ شين جي هڪٻئي سان تعلق جي خوبي آهي، تنهنڪري اهو هر وقت پاڻ ٻڌري ڪرڻ لاءِ بيقرار رهي ٿو، ۽ ان موقعي جي ڳولا ۾ رهي ٿو ته ڪو ان جي جلوي جي صحيح تعريف ڪري ٿو يا نه. هي خارجي نقطه‌نگاه آهي؛ ڇاڪاڻ ته ان جو اصل مقصد هي آهي ته حسنُ شين جي — يا، وڌيڪ صحيح لفظن ۾، شين جي ترتيب جي — خوبي آهي، يا ان خوبيءَ سان متعلق آهي.

## ٽالسٽاءِ جو نظريو.

'انهن شين ۾، جن کي اسين فن‌پارا چئون ٿا، عام قدر ڪهڙو آهي؟' ان سوال جي هڪ ٻئي جواب ۾، روس جي عظيم ناول‌نويس 'ٽالسٽاءِ' (١٨٢٨ع - ١٩١٠ع) جو نظريو به

پڙهڻ لائق آهي. ٽالسٽاءِ جي خيال ۾، "فن ٻين تائين پهچايل جذبو آهي". فرض ڪريو ته ڪو فنڪار (موسيقار يا مصور يا شاعر) پاڻ ۾ ڪنهن شي بابت سخت جذبو محسوس ڪري ٿو. اهو به فرض ڪريو ته هو انهيءَ جذبي کي رنگ يا آواز يا پٿر يا لفظن جو ويس پهرائي ٿو. وري اهو به فرض ڪريو ته اهو جذبو ٻين تائين پهچي ويو آهي. اهڙيءَ صورت ۾، ٽالسٽاءِ جي خيال موجب، چئبو ته فن پيدا ٿي ويو، ۽ اها صورت اصل ۾ فن پارو آهي. انهيءَ لحاظ کان، سڀني فن پارن ۾ عام قدر 'شديد جذبي جي مڪمل اظهار (communication) جي قوت' آهي.

هن نظريي جي خلاف ڪيترا ئي اعتراض ڪيا ويا آهن.

پهريون ته هي نظريو اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته فن جي تخليق لاءِ ڪهڙي قسم جي جذبي جو اظهار ضروري آهي. شايد شديد جذبي جو سڀ کان وڌيڪ سٺو اظهار جيڪو اسين ڏسون يا سوچيون ٿا، اهو هيءُ آهي ته ڪو شخص شڪنجي ۾ ڦاٿل هجي، ۽ سخت اذيت ۽ تڪليف جي حالت ۾ دانهون ۽ ڪُوڪُون ڪري رهيو هجي. ان وقت، انهيءَ شخص پنهنجي جذبي جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي — يعني جيڪي ڪجهه هو محسوس ٿو ڪري ان جو نس ٻس اظهار ڪري ٿو. پر ڪو به شخص ائين ڪونه چوندو ته اها دانهن ڪوڪ، جذبي جي اظهار ڪرڻ جي باوجود، 'فن' پيدا ڪري ٿي. ان جو سبب هي آهي ته اهو جذبو، جنهن جو اظهار ٿيو، صحيح قسم جو ڪونه آهي.

ٻيو اعتراض به گهٽ سخت نه آهي. سڀئي قبول ڪندا ته فن پارا درجن جي لحاظ کان مختلف ھوندا آهن. ڪي اعليٰ ۽ عظيم هوندا آهن ۽ صدين تائين زنده رهندا آهن، ته ڪي وري پنهنجي پيدائش جي پهرئين مهيني ۾ ئي فوت ٿي ويندا آهن. عام طرح هن ڳالهه تي سڀ متفق آهن ته ٻن فن پارن ۾ هڪڙو ٻئي کان وڌيڪ اهميت وارو هوندو آهي: مثلاً موزارٽ (Mozart، ١٧٥٦ع-١٧٩١ع) جا اوپيرا، سَلِيوَن (Sullivan، ١٨٤٢ع-١٩٠٠ع) جي اوپيرن کان، ۽ ليونارڊو ڊاوِنسي (Leonardo davinci، ١٤٥٢ع-١٥١٩ع) جون تصويرون 'رايل اڪيڊميءَ' جي موجوده صدر، ميوننگز (Sir Alfred Munnings، ١٨٧٨ع)، جي تصويرن کان گهڻو اعليٰ ۽ عظيم آهن.

اها حقيقت آهي ته ڪنهن خاص موقعي تي اڪثر انسان جنهن شي جي تعريف ۽ توصيف ڪندا آهن، اها سدائين ڪا عظيم فن پارو ڪانه هوندي آهي. گهڻا ماڻهو يا ته پريشان ٿي فن کان پاسو ڪندا آهن، ۽ يا ته ان سان ڪو واسطو ئي ڪونه رکندا آهن. اهي ٻي سُري موسيقيءَ — مثلاً "جاز"، "سونگ"، "ڪروننگ"، يا پنهنجي وقت جي سادي سُوڊي موسيقي — کي عظيم موسيقارن جي ڪلاسيڪي نغمن ۽ راڳن کان وڌ سمجهندا آهن. اهڙيءَ طرح، ماڻهو باتصوير رسالن جي سرورق تي ڇپيل اڌ اگهاڙين تصويرن کي 'نيشنل گيلريءَ' جي سڀني تصويرن کان سٺو سمجهندا آهن.

تنهنڪري، جيڪڏهن اسين ڪنهن فن پاري جي قدر ۽ قيمت جي ڪٿ ان جذبي جي خوبيءَ ۽ نوعيت سان ڪريون، جنهن جو اظهار انهيءَ فن پاري ۾ ٿيو آهي، ته دنيا جا ڪي ٿي فن پارا انهيءَ امتحان ۾ ڪامياب ٿي سگهندا. تذڪرا شاهد آهن ته عظيم فن پارن پنهنجي وقت جي عام موسيقيءَ ۽ اڳهاڙين تصويرن جي مقابلي ۾ ڪن تمام ٿورين دلين ۾ آمنگ اٿاريا هوندا؛ جاڪاڻ ته سواءِ انهن ماڻهن جي، جن جي حصي ۾ اها ذات آيل آهي، عظيم فن پارن کي ڏسڻ يا ٻڌڻ شرط پسند ڪرڻ ۽ دل ۾ سانڍڻ ڪا ٻاراڻي راند ڪانه آهي. فن پارن تي تعريف ۽ پسند جي نظر ڪرڻ لاءِ اسان کي ترتيب ۽ مشق جي ضرورت آهي. بهترين تصويرن ۽ جادو ڪندڙ موسيقيءَ سان اسان کي ايترو گهڻو واسطو رکڻ گهرجي، جو رفتي رفتي اسان جون اکيون کُلي پون ۽ ڪنن جون تارون لهي وڃن. تنهنڪري، جيڪڏهن اسين ٽالسٽاءِ جي نظريي، يعني 'جذبي جي اظهار ۾ ڪاميابي'، کي ڪسوٽي ڪري وٺون، ته منهنجي خيال مطابق دنيا جا قبول ڪيل عظيم فن پارا به ان ڪسوٽيءَ تي سچا ثابت ڪونه ٿي سگهندا. اٿين ٿو سمجهجي ته ٽالسٽاءِ اهو نتيجو انهيءَ ڪري ڪڍيو ۽ قبول ڪيو هو جو هن جي خيال موجب روسي عوام جي گيتن، "هٿمليت" جي مقابلي ۾، گهڻن ماڻهن کي خوشي ۽ مسرت پهچائي هئي، تنهنڪري انهن ۾ گهڻو فن هو. انهيءَ حقيقت کان پاسو ڪري ته اهو نتيجو انساني نسل جي عام فيصلي جي بنهه خلاف آهي، هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته جڏهن اسين چئون ٿا ته فلاڻي تصوير فلاڻيءَ تصوير کان وڌ آهي، تڏهن اسين اٿين چوندڙن جي ڳڻپ ڪونه ٿا ڪريون ته سؤ مان ايڪونجاهه ماڻهن فلاڻيءَ تصوير کان فلاڻي تصوير وڌيڪ پسند ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾، فني ۽ جمالياتي مسئلا ڳڻپ جي طريقن سان حل ڪونه ڪيا ويندا آهن.

جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته 'فن يا فن پارا ڇا جي ڪري ٻين شين کان بلند درجي جا هوندا آهن'، ته آءٌ اٿين چوڻ جي بدران ته 'ان لاءِ، ته انهن ۾ ڪنهن جذبي جو اظهار ڪيل هوندو آهي'، هيءُ چوڻ وڌيڪ پسند ڪندس ته 'ان لاءِ، ته اهي خوبصورت ۽ حسين هوندا آهن'.

## فن جي طاقت.

انساني روح تي فن جي طاقت، فن جي جادوءَ جو گهرو اثر آهي. انهيءَ طاقت جو اندازو هن قابل ذڪر ڳالهه مان ٿي ويندو ته عظيم فن پارا صدين کان هرهڪ نسل تي پنهنجو اثر ڪندا پئي آيا آهن. سائنسي کوجنائن ۽ ايجادن جي قدر قيمت رڳو انهن جي پنهنجي دور ۾ ٿيندي آهي. هرڪا نئين ايجاد پراڻيءَ ايجاد کي منسوخ ڪري ان جي جاءِ وٺي ٿي. مثلاً، نيوٽن (Newton، ١٦٤٢ع–١٧٢٧ع) جي 'ڪشش ثقل' جي نظريي (Theory of Gravitation)

جي جاءِ، آئن اِسٽائن (Einstein، ١٨٧٩ع-١٩٥٥ع) جي 'اضافي نظريي' (Theory of Relativity)—اچي سنڀالي. اڻويهين صديءَ ۾ عام خيال هو ته سڀئي جوهر هڪ ئي قسم جا، ٺوس ۽ لافاني آهن؛ پر هاڻي ويهين صديءَ جي تحقيقاتن ثابت ڪيو آهي ته جوهر هڪ ننڍڙو سج آهي، جنهن ۾ بجلي ڀري پيئي آهي. اهڙيءَ طرح، سائنس جي ايجادن جي حيثيت جڻ ته منزل مقصود تي پهچاڻ واري رستي تي ڪُتل مختلف پٿرن جهڙي آهي، جيڪي رستي تي هڪبئي پٺيان ايندا رهن ٿا، ۽ جن کي انسان منزل تائين پهچڻ جي ڏس ۾ اتي ئي ڇڏيندو اڳتي وڌي ويندو آهي. پر، فن‌پارن جو معاملو ان جي اُبتڙ آهي. اها اهميت جيڪا فن‌پارا ايندڙ نسل جي نگاهه ۽ راءِ ۾ رکن ٿا، ۽ اهو اثر جيڪو اهي انساني روح تي هميشه ڪن ٿا، هر دور ۽ هر زماني ۾ ايترو ئي گهڻو، وڏو ۽ اونهو هوندو آهي، جيترو ان دور ۾ هو جڏهن اهي وجود ۾ آيا هئا. حقيقت ۾ فن‌پارن جي طاقت ۽ انهن جو اثر، وقت جي رفتار سان گڏ برابر وڌندو رهي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته هر ايندڙ نسل اُنهن کي اڳي کان بهتر طريقي تي سمجهي سگهي ٿو. مثال طور، 'هومر' (Homer، ٣٥٠ ق. م.) جي عظيم‌الشان تحريرن کي اڄ به انهيءَ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ٿو وڃي، جهڙو انهن جي وجود ۾ اچڻ واري دور ۾ ڏٺو ويندو هو. سچ پڇو ته هڪ عظيم فن‌پارو سڀني زمانن جي دولت هوندو آهي، جنهن کي ماڻهو هميشه پنهنجي ساهه سان سانڍيندا ايندا آهن.

مشهور فيلسوف افلاطون (Plato، ٤٢٧-٣٤٧ ق. م.) فن کي ايتري ته اهميت ڏني هئي، جو هن کي پنهنجي "خيالي رياست" (Utopla) مان فنڪارن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ جو فيصلو ڪرڻو پيو هو؛ ڇاڪاڻ ته هن جي خيال مطابق فنڪار اهڙن جذبن کي اُڀارين ٿا، جيڪي هوند سُتل هجن ته چڱو. مثلاً، ڪنهن اَلميي (tragedy) جو هيرو زندگيءَ جي محرومين ۽ ناڪامين تي ڏاڍي زوردار انداز ۾ اثرائتيون تقريرون ڪري، آه زاري ڪري ٿو؛ پر حقيقي زندگيءَ ۾ همت وارا، خوداعتماد ۽ بردبار انسان انهن محرومين ۽ ناڪامين جو مقابلو وڏي صبر، خاموشيءَ ۽ استقلال سان ڪن ٿا. افلاطون جو هي خيال به هو ته اڪثر فنڪار شين جو هوبهو نقل ڪن ٿا—گويا فنڪارن جو ڪم ئي نقل ڪرڻ آهي. جڏهن ڪو مصور ماڻهن ۽ مقامن جي تصوير، ۽ ڪو تمثيل‌نگار نظارن ۽ واقعن جي ذري پرزي جو نقشو چٽي ٿو، ته حقيقت ۾ هو انهن شين جي نقالي ٿو ڪري. تنهنڪري، افلاطون اهو سوچيو ته فنڪار، مصور ۽ شاعر انساني روح کي زندگيءَ کان هٽائي، ظاهرداريءَ ۽ بناوت ڏانهن وٺي وڃن ٿا—۽ اهڙيءَ طرح، انساني روح کي اڳتي وڌڻ کان روڪي، وهمن ۽ وسوسن ۾ گرفتار ڪري ٿا ڇڏين. افلاطون جي هن نظريي جي تشريح جو مقصد هيءُ آهي ته افلاطون به ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان انساني روح تي فن جي تاثير جو قائل هو.

## فن جو تاثير

### موسيقي.

ڇا، اسين فن جي تاثير بابت ڪجهہ چئي سگهون ٿا؟ — تمام ٿورو. ڇاڪاڻ تہ اهو تاثير، مختلف هجڻ سبب، ڪنهن سمجهہ ۾ ايندڙ حدبنديءَ ۾ اچي نٿو سگهي. خاص ڪري هيءَ ڳالهہ عظيم موسيقيءَ جي باري ۾ بلڪل صحيح آهي. راڳ ڪيترن ئي طريقن سان ٻُڌي سگهجي ٿو. اوهين خيال ۾ ئي آوازن جي درياءَ سان گڏ وهندا ٿا وڃو، ۽ جڻ تہ سجاڳيءَ ۾ خواب ٿا ڏسو. اوهان جو اهو سجاڳيءَ جو خواب امنگ اڀاريندڙ، سوچ ۾ ٻُڏل، ۽ عام طرح لذت ڏيندڙ ۽ مسرت بخشيندڙ ٿي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ اوهين خيالن جي هڪ عجيب غريب دنيا ۾ پهچي ٿا وڃو، جتي اوهين پاڻ کي ڏاڍا نيڪ ۽ شريف محسوس ٿا ڪريو ٿا: مثلاً، ڪٿي اوهين ڪِري پيل انسان کي سهارو پيا ڏياريندا، ڪٿي گمراهن کي رستو پيا ڏيکاريندا، ڪڏهن اڪيلي سر دشمن جي گهيري ۾ هوندا، تہ ڪڏهن ڪنهن دوشيزه کي مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏياريو هوندو — جڻ تہ اوهان پنهنجي ليکيءَ جو ثبوت پيش ڪندي موت جي بستري تي انهن سڀني ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيو هوندو، جن جيئري اوهان سان بدسلوڪي ڪئي هئي — وغيره وغيره. پر هُنَ قسم جا سڀئي جذبا ۽ خيال جيڪي اوهين خيالن جي عالم ۾ محسوس ڪريو ٿا، بلڪل اهڙا ئي هوندا آهن جهڙا روزاني عام حقيقي زندگيءَ ۾ اوهان کي محسوس ٿين ٿا. خيال جي عالم ۾ اهي جذبا ۽ خيال وڌيڪ بزرگ ۽ برتر صورت ۾ اوهان جي ذهن تي ڇانئجي ٿا وڃن، ۽ اوهين انهن کان گهڻو لطف ۽ خوشي حاصل ٿا ڪريو. انهن جذبن ۽ خيالن جي احساس جي تجربي ڪرڻ جي حالت ۾، دراصل، اوهان پنهنجي اندرين شخصيت جو مشاهدو ڪيو آهي — جيتوڻيڪ اها اندروني شخصيت اوهان جي حقيقي ۽ ظاهري شخصيت کان وڌيڪ اعليٰ ۽ بزرگ هوندي آهي. موسيقي انهن جذبن کي اڀارڻ کان سواءِ هڪ جذبو اهڙو بہ اڀاري ٿي، جيڪو پنهنجي سر اڪيلو هوندو آهي. هي آهو جذبو آهي، جيڪو آوازن جي سُرتار ۽ ڦيرگهير سبب سجاڳ ٿئي ٿو — (جيئن تہ اهو بلڪل اڪيلو ۽ خاص موسيقيءَ سان تعلق رکندڙ آهي، تهنڪري اسين ان جي وضاحت لفظن ۾ ڪري نٿا سگهون؛ ڇاڪاڻ تہ ان جو اهو مطلب نڪرندو تہ اهو جذبو ڪنهن ٻئي جذبي جي صورت ۾ تشريح جوڳو آهي، ۽ ائين سمجهڻ غلط فهميءَ ۾ مبتلا ڪندو). اسين ايترو ضرور ڄاڻون ٿا تہ اهو جذبو جوش ڏياريندڙ آهي؛ ۽ جڏهن اسين اهڙي انداز سان هڪ دفعو بہ موسيقيءَ مان لطف حاصل ڪريون ٿا، تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ صرف اهوئي جذبو، جيڪو خاص موسيقيءَ سان تعلق رکي ٿو، موسيقيءَ کي پرکڻ جي سلسلي ۾ اهم ۽ قدر لائق هوندو آهي. اهڙي انداز سان ٻڌل موسيقيءَ جي باري ۾ بهترين وضاحت، منهنجي خيال ۾، مشهور روزنامچہ نگار سيموئل پيپز (samuel Pepys، ١٦٣٣ع-١٧٠٣ع) ڪئي آهي. هو لکي ٿو:

هن نظريي جسي موافقت ۾ گهٽوئي ڪي ڇٽي سگهجي ٿو. اسين گهٽو ڪري ادب جو مطالعو ان لاءِ ڪندا آهيون تہ ان جي وسيلي آهي ڏورانها تجربا حاصل ٿين، جيڪي سڌيءَ طرح زندگيءَ مان حاصل ٿي نٿا سگهن. ڦيڪي، هڪجهڙي ۽ ٿڪائيندڙ، بنهہ عام زندگي گذاريندڙ ماڻهن کي آخر ڇو ڪنهن حسرتناڪ ۽ جاسوسي ناول جي پڙهڻ مان لطف اچي ٿو؟ انهيءَ لاءِ، تہ هنن جي هنگامي ڪرڻ ۽ ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ جي دٻيل خواهشن کي انهن ڪارنامن مان راحت ملي ٿي، جيڪي هو ڪتابن ۾ پڙهن ٿا ۽ ناٽڪ جي پردي تي ڏسن ٿا. هيءَ آها خواهش هئي، جيڪا ماڻهو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ پوري نہ ڪري سگهيا هئا، ۽ جيڪا اڃ تائين دٻي پيئي هئي.

انهيءَ نقطهٔ خيال کان، ادب جڻ تہ زندگيءَ کان ڀڄي وڃڻ جو رستو آهي. پر جيڪڏهن ائين هجي ها، تہ هڪ فن جي حيثيت ۾ اهو ڪڏهن بہ شاعريءَ، مصوّريءَ ۽ موسيقيءَ سان برابري ڪونہ ڪري سگهي ها، ۽ نہ وري اهو اسان کي انهن بيحد خوشي بخشيندڙ تجربن سان ئي نوازي ها، جن سان زندگيءَ جا خزانا پريا پيا آهن: ۽ ظاهر آهي تہ ان جو تاثير فن جي تاثير کان گهٽ، ۽ پين نشي ڏيندڙ شين جي تاثير کان تمام وڌ هوندو آهي.

هن باري ۾ عام راءِ هيءَ آهي تہ اعليٰ ادب زندگيءَ کان ڀڄي وڃڻ جو رستو ڪونہ آهي، پر زندگيءَ جي وسعت ۽ عظمت جو ضامن آهي. جيتريقدر وسعت جو تعلق آهي، اعليٰ ادب جي مدد سان اسين زندگيءَ کي جڻ تہ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسون ٿا، ۽ اهڙيءَ طرح زندگي اسان کي اڳي کان وڌيڪ دلچسپ ۽ گذارڻ جي قابل معلوم ٿئي ٿي: جيتريقدر عظمت جو تعلق آهي، اعليٰ ادب جي مطالعي کان پوءِ اسين هڪ اهڙيءَ خوبصورت، وڻندڙ ۽ پرُڪشش دنيا ۾ پهچي وڃون ٿا، جنهن جو عام زندگيءَ ۾ اسين خيال بہ ڪري نٿا سگهون. ادب اسان کي زندگيءَ ۾ نين نين ڳالهين جي خبر ڏئي ٿو، ۽ اسان کي ان لائق ڪري ٿو جو اسين دنيا ۾ گهڻي دلچسپي، وڌيڪ جوش خروش ۽ گهڻو حسن ڏسڻ لڳون ٿا، ۽ اسان کي پنهنجي همدرديءَ جي جذبن جي وسعت ۽ خيال جي پرواز لاءِ موقعو ملي ٿو.

جوانيءَ ۾ اوهان کي پوڙهين عورتن ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلڪشي نظر نٿي اچي. ڪڏهن شام جي وقت وندر خاطر انهن سان ملڻ جلڻ ۽ انهن سان گڏ چانهہ پيئڻ ۾ اوهان کي ڪوبہ لطف ڪونہ ٿو ملي. مسز گاسڪيل (Mrs. Gaskell ،١٨١٠ع - ١٨٦٥ع) جي هڪڙي ڪتاب جو نالو "ڪرينفورڊ" (Cranford) آهي، جنهن ۾ اهڙين ٻن پوڙهين ڪنوارين جي آڪاٽي ڪنيل آهي، جيڪي صديءَ کان هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ رهنديون هيون. هنن جي عمر گهڻي، ۽ آمدنيءَ جا وسيلا ٿورا هئا. جيڪڏهن اوهين پوڙهين عورتين سان ملوجُلو ٿا، تہ هاڻي انهن وٽ وڃڻ کان پهرين اهو ڪتاب ضرور پڙهو. اوهان کي ٻاڻمرادو خبر پوندي تہ اوهين انهن سان گهڻي دلچسپ نموني ۾ پيش اچي رهيا آهيو، ۽ هڪ چاتل سچاتل ماحول ۾ انهن سان ڳالهہ ٻولهہ پيا ڪريو. هي رڳو ان ڪري تہ هاڻي هو اوهان کي وڌيڪ مزيدار

۽ مطالعي جي قابل نظر ايندين، ۽ اوهين انهن جي خواهشن ۽ ناڪامين کي گهڻيءَ همدرديءَ ۽ پيار سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا. اوهان کي هنن ۾ اهڙيون اهڙيون مفيد ڳالهيون نظر اينديون، جو اوهين جيڪڏهن مسز گاسڪيل جو ڪتاب نه پڙهو ها ته اهي ڳالهيون يقيناً اوهان کان لڪل رهن ها.

فرض ڪريو ته اوهين پهريون پيرو ڪنهن جي محبت ۾ گرفتار ٿيا آهيو. هاڻي جيڪڏهن اوهان دنيا جي انهن عظيم ڪهاڻين جو مطالعو ڪيو آهي، جن جو موضوع "پهرين محبت" آهي — مثلاً بليڪ مُور (Black Moore، ۱۸۲۵ - ۱۹۰۰ع) جي ڪهاڻي "لورنادوني" (Lornadone)، يا ميريڊٿ (Meredith، ۱۸۲۸ع - ۱۹۰۹ع) جي ڪهاڻي "رچرڊ فيورل" (Richard feural) — ته اوهين پنهنجي عشق جي جذبن ۽ تجربن کي اڳي کان وڌيڪ لطيف محسوس ڪندا. هڪ عظيم ناول نگار، پنهنجي قابليت ۽ هنر سان، 'پهرينءَ محبت' جي حسن ۽ سينگار، ۽ رازن ۽ رمزن بابت اهڙين اهڙين ڳالهين سان اوهان کي واقف ڪرائيندو جو هونئن اوهين پنهنجي سر ڪڏهين به انهن تائين پهچي ڪين سگهو ها. هتي اهو به ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته "لورنادوني" جي پڙهڻ سان اوهين سترهين صديءَ جي انگريزي تاريخ جي اندروني معاملن سان واقف ٿي سگهو ٿا؛ اوهين مشيني دور کان اڳ جي بادشاهن جي زبردستين جو صحيح اندازو لڳائي سگهو ٿا؛ ۽ ڪنهن برفاني طوفان ۾ ٻاهر نڪرڻ وقت دل تي جيڪي گذري ٿو، ان جو به احساس ڪري سگهو ٿا. آءٌ ائين ڪونه ٿو چوان ته اوهان ۾ پنهنجي سر انهن شين جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪا صلاحيت ئي موجود ڪانه آهي، پر منهنجي چوڻ جو مطلب فقط هي آهي ته جيڪڏهن اوهين 'بليڪ مور' جو ڪتاب پڙهو، ته انهن شين بابت اوهان جي تنقيد يا تحسين يا قدرداني اڳي کان وڌيڪ لطيف ۽ گهڻو بلند ٿي ويندي.

آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان کي ان عورت جي جذبن سان ڪا به دلچسپي ڪانه هوندي، جيڪا پنهنجي مڙس کي ڇڏي عاشقن سان ڀڄي ويئي هجي، ۽ جنهن کي الهيءَ ڏوهه جي سزا ۾ سماج ڌڪاري ڇڏيو هجي. پر جڏهن عظيم ناول نگار ٽالسٽاءِ پنهنجي هڪ ناول "اينا ڪرينينا" (Anna Karenina) ۾ ڏاڍيءَ هنرمنديءَ سان انهن جذبن کي بيان ڪري ٿو، ته اهي جذبا اهڙا حقيقي، سچا ۽ پُردرد ٿي ٿا پون، جو آءٌ دعوا سان چوان ٿو ته انهيءَ ڪهاڻيءَ جو ڊرامائي انداز سخت کان سخت دل واري انسان کي به ڏڪائي ڇڏيندو. پنهنجي ٻئي ناول، "جنگ ۽ امن" (War and Peace)، ۾ ٽالسٽاءِ اهڙيءَ اٿوسرلڌڙ فڪري اونهائيءَ ۽ اهڙي باريڪ بينيءَ سان فوجي زندگيءَ ۽ ان جي ذري پرزي جي تصوير ڪيدي ٿو، جو اوهين ائين سمجهندا ته اهي سڀئي تجربا جيڪي جنگ ۾ هڪ سپاهيءَ کي پيش اچن ٿا، جڻ ته سچ پچ اوهان تي ئي گذريا آهن. هن جي خواهشن ۽ تمنائن کان اوهان جي دل متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي ڪين سگهندي؛ بهاديءَ ۽ همت جي ميدان ۾ اوهين هن جو ساٿ ڏيو ٿا، ۽ خوف ۽ اذيت جا زبردست حملا اوهان تي به ٿيڻ لڳن ٿا.

غلام علي آلانا

# فن ۽ ثقافت

آثار قديمه جي ماهر ڊاڪٽر ويلر، پنهنجي تصنيف "پاڪستان جا پنج هزار سال" (Five thousand years of Pakistan) ۾، اها دعوا ڪئي آهي ته برصغير هند- پاڪ دنيا جي قديم ترين ملڪن مان هڪ آهي، ۽ پنجن هزارن سالن کان هيءُ ملڪ دنيا جي قديم قومن جي تهذيب ۽ ثقافت جو مرڪز بڻيل رهيو آهي، جن جو داستان ۽ تاريخ هتي جا قديم آثار دهرائي رهيا آهن. موئن جي دڙي، هڙاپا، ٽئڪسيلا ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جا قديم آثار هر سياح کي ٻڌائين ٿا ته پاڪستان هڪ قديم ملڪ آهي ۽ قديم قومن جي ثقافتن جو مرڪز آهي. هن ۾ ايرانين، يونانين، ٻوڌين، سٿين، ساڪن، ۽ مسلمانن، پنهنجي فن ۽ ثقافت کي هميشه قائم رکڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش پئي ڪئي آهي. انهيءَ قديم ورثي جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ موجوده دور ۾ جيڪي ڪوششون ڪيون وييون آهن سي قابل داد آهن، ۽ ثقافتي سرگرميون ڏينهون ڏينهن زور وٺي رهيون آهن. اڄڪلهه علمي حلقن ۾ انهيءَ موضوع تي ڪافي تبادلهءِ خيال هلي رهيو آهي.

ثقافت يا ڪلچر کي مختلف ماڻهن، مختلف وقتن تي، مختلف معنائن ۾ استعمال پئي ڪيو آهي؛ پر هن وقت ثقافت يا ڪلچر جو مفهوم چڱيءَ طرح وضاحت سان مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انسان جي اجتماعي زندگيءَ جا سمورا خارجي مظاهر اچي وڃن ٿا. ڪنهن قوم جي ريتين رسمن، طرز لباس، راندين روندين، وندرن، تفريحن، لطيف فنن، ۽ اهڙين ٻين مڙني شين جي مجموعي کي 'ثقافت' چيو وڃي ٿو. انهيءَ لحاظ کان ثقافت ڪنهن قوم جي نظرين ۽ اعتقادن، اخلاقي رجحانن ۽ جمالياتي ذوق جي آئينه دار هوندي آهي، ۽ ان جي پوريءَ تاريخ جو عڪس، تت ۽ نچوڙ، پاڻ ۾ محفوظ رکندي آهي.

ثقافت جي نشوونما ۾ "قوت محرڪه" جيڪو حصو ادا ڪندي آهي، اهو انساني فطرت جو هڪ نهايت اهم ترين جوهر آهي، جنهن کي جمالياتي ذوق چيو وڃي ٿو. تخليق توڙي ايجاد جي قوت کي انهيءَ جوهر مان گهڻي مدد ملندي آهي. انهيءَ ئي زندگي بخش ذوق جو مشعل هٿ ۾ کڻي، تهذيب ۽ تمدن جا قافلا، اطمينان ۽ مسرت جي تلاش ۾، محنت جي مشڪل وادين کي طي ڪن ٿا. اهو ذوقِ جمال، ضرورت کي هڪ جاءِ تي بيهڻ نٿو ڏئي؛ بلڪ ان جو زماني رد عمل هڪ عجيب طلسمي عمل آهي، جاڪاڻ ته منزل اڳيان پهچندي

نظر ايندي آهي ۽ ڪڏهن به ڪنهن هڪ جاءِ تي قائم نه رهندي آهي. مثال طور، اڄ جيڪا تعميرات جي طرز دلين کي مرغوب آهي، ڏهن سالن کان پوءِ طبيعت انهيءَ کي پسند نه ڪندي ۽ ذوقِ جمال ان کي وري هڪ نئون رنگ ڏيندو، جو سڀڪنهن کي پسند ايندو. اڄ جنهن لباس پائڻ سان ذهني ۽ جسماني تسڪين حاصل ٿئي ٿي، سڀاڻي اهو ساڳيو لباس ڏٺي به ڪين وڻندو، ۽ ڪنهن نئين قسم جي طرز تلاش ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح، انساني معاشري جي سڀني شعبن ۾ تغير ۽ تبديل جاري آهي. دراصل ذوقِ جمال جو مصرف هيءُ آهي ته زندگيءَ ۾ حسن ۽ رنگيني، آراستگي ۽ پختگي پيدا ڪري. ڪنهن به قوم جو جمالياتي ذوق آن جي نظرين ۽ عقيدن، ان جي ضابطءِ حيات، ۽ ان جي اخلاقي رجحانن ۽ تاريخ کان بي‌نياز ۽ بي‌تعلق رهي ڪم نٿو ڪري، پر ان جي اجتماعي ڪردار جي زير اثر رهي ٿو.

ذوقِ جمال پنهنجو مڪمل مظاهرو لطيف فنن جي ذريعي ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو هرقوم جو لطيف فن ان جي فردن لاءِ ذوق جمال جي تربيب جو مؤثر ترين ذريعو آهي. لطيف فن، زندگيءَ جي آرائش ۽ زيبائش توڙي حسن پيدا ڪرڻ ۾ گهڻو حصو وٺن ٿا. ثقافت جو سڀ کان وڏو شعبو، ان ڪري، لطيف فنن کي سمجهيو وڃي ٿو.

پاڪستان اڃا هڪ زيرتعمير رياست آهي، ۽ ان جي معاشرت پڻ، بحيثيت مجموعي، اڃا مٽيءَ ۽ گاري جي صورت ۾ آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته پاڪستاني ثقافت اڃا مستقبل جي پرانهن پردن ۾ آهي. تنهن هوندي به ماهرن هن ملڪ جي ثقافتي دولت کي هڪ معنيٰ ڏني آهي، ۽ ان کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي: (١) ثقافت جا اهي مادي خزانا، جيڪي عالم امڪان جي دائري ۾ هئڻ سبب ظاهر ظهور ڏسي وائسي سگهجن ٿا، ۽ انسان جي جسماني زندگيءَ جي بقا ۽ آسائش ۽ آرائش لاءِ ضروري آهن— جهڙوڪ هرقسم جا اوزار، جڳهيون، لباس، گهرو سينگار جا سامان، ڪاڏا، سواريون ۽ مالداري، زراعت ۽ صنعت جا طريقا، وغيره؛ ۽ (٢) ثقافت جا اهي روحاني خزانا، جن جو صرف ذهني آراستگيءَ سان واسطو آهي— جهڙوڪ قديمي روايتون، رسمون ۽ رواج، قصا ۽ ڪهاڻيون، علم ۽ ادب، رقص، موسيقي، مصوري، وغيره. هت اسين ثقافت جي ڪن خاص جزن جي موجوده دور ۾ اهميت ۽ ترقيءَ کي جاچينداسين.

لباس. ماڻهن جي ڏيک ويک ۽ لباس جو ملڪي حالتن تي تمام گهڻو مدار آهي. صرف وادي سنڌ جي ڏاکڻين چيڙي جي لباس، سينگار ۽ سينگار جي سامانن جو ئي ڪٿي جائزو وٺو. هي خطو پنهنجي شادابيءَ ۽ سرسبزيءَ جي ڪري دليا جي ڪيترين ئي قومن جي اک ۾ هو. هتي جا وسندڙ واپاري بندر ۽ هتي جون دولتون انهن کي ڇڪينديون رهيون، انهيءَ ڪري هي حصو مختلف تهذيبن جو گهوارو بنجي ويو. مختلف لباس، ۽ لباسن سان گڏ هارسينگار جي طور طريقي ۾ به گهڻي ڦير گهير آئي. قديم زماني ۾ هن خطي جون زالون گلابي ريشمي سوسيون، باريڪ ململ، سايون ريشمي ۽ اوني شالون پهرينديون هيون. مشڪ ۽ عنبر، ڪافور ۽ صندل کي

خالي آهي'. قرآن به چوي ٿو ته قرآن کي مِٺن ۽ موهيندڙ آوازن سان سينگاريو: "و رتل القرآن ترتيلا". رسول ڪريم (صلعم) فرمايو آهي ته "زينوالقرآن باالصوات العرب"، قرآن کي عربي ميناج ۽ لَي سان پڙهو. 'لحنِ دائود' ته مشهور آهي، جنهن جي سُر ۽ لَي تي مست ٿي پکي به اچي ويهي رهندا هئا ۽ ٻڌندا هئا. راڳ جو اثر پکين ۽ حيوانن تي به ٿئي ٿو، ان کان ڪنهن کي به انڪار نه آهي. انساني عادتن ۽ طبع کي درست ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو راڳ تي توجهه ڏيڻ ۾ آهي. اخلاق ۽ راڳ — ٻئي عمل ۽ جذبات ۾ هم آهنگي ۽ موزونيت پيدا ڪن ٿا. ڪشاده دلي راڳ سان، ۽ سچائي اخلاق سان وابسته آهي: انهيءَ ئي حقيقت کي سمجهندي، 'ڊينئيل اوڪانيل' راڳ کي 'قومن لاءِ بهترين تحفو' چيو آهي.

سنڌ جي زمين ساز سرود ۽ راڳ آلاپ کان ڪڏهن به خالي نه رهي آهي. اسان جي راڳ ۾ سوين ساز آهن. انهن مان ڪيترا اهڙا به آهن جي اڄ کان هزار ورهيه اڳي پيدا ڪيا ويا، ۽ ڪي وري اهڙا آهن جي پنهنجي پيچيدگيءَ ۽ اوکائيءَ ڪري رواج ۾ اچي نه سگهيا ۽ گمنام ٿي ويا. جيئن جيئن زماني ۾ ڦيرو ايندو رهيو آهي، تيئن تيئن اسان جي سنگيت ۾ به سڌارو ايندو رهيو آهي، ۽ نوان نوان ساز پڻ ايجاد ٿيندا رهيا آهن. هتي جا مڪاني ساز — لڙ، يڪتارو، سُرندو، دهل، شرناءِ، بنسري، پاوا، بين، ڪاني، تنبورو، مُرلي، ڪڙتال، مُگرمان، دِلو، ڊولڪ، بوڙينڊو، چنگ، وغيره — سُر ۽ لَي ۾ پنهنجا مَٽ پاڻ آهن. ان کان سواءِ نوان ساز — هارمونيم، رباب، بينجو، پکراج، سرمنڊل، وغيره پڻ هاڻي رائج آهن، ۽ انهن جا وڏا استاد اسان وٽ موجود آهن.

<u>ناچ</u>. مفڪرن انساني علم ۽ فن کي، دنيا جي پيدا ٿيڻ کان وٺي موجوده وقت تائين، ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. انسان اول اول جڏهين اکيون پٽيون، تڏهين ڪائنات جون ٻهريون شيون جن ڪيس سڀ کان اول متاثر ڪيو، سي هيون — ڏک ۽ سک، محبت ۽ نفرت، موسمي تبديليون ۽ انهن جا اثرات، وغيره. جڏهن انسان جو فڪر سندس ذهن جي حدن ۾ سمائجي نه سگهيو، تڏهين پنهنجن احساسن، خواهشن، ۽ حيرت ۽ خوف جي اظهارن کي مختلف تصورن جو روپ ڏيڻ لڳو. مذهب جا موهوم تصور، ۽ ديوين ۽ ديوتائن، جنن ڀوتن، پرين ۽ فرشتن جا تصوراتي وجود، ۽ فطري عناصر جون خيالي قوتون رٿيندي، انسان جي ذهن ۾ ٻهريون پيرو، انهن کي ريجهائڻ ۽ راضي رکڻ لاءِ، عجز ۽ نياز، پيار ۽ طلب جا جذبا اڀري آيا، ۽ انهن جذبن جي اظهار ۾ هڪ قسم جي مدوّر حرڪت پيدا ٿي: جذبن جي اظهار جي الهيءَ ئي حرڪت پوءِ هڪ مستقل فن جي صورت اختيار ڪري ورتي، جنهن کي مختلف قومن ۽ ملڪن ۾ ناچ، رقص ۽ وجد جا نالا ڏنا ويا.

ناچ انساني جذبات جي اظهار جو اولين فطري ذريعو آهي. هر ملڪ جا لوڪ ناچ، انسان جي اوائلي رقص جون شاخون آهن، جن زماني جي هزارن لاهن چاڙهن کان پوءِ به پنهنجي اها سادگي ۽ اصليت، رنگيني ۽ دلڪشي قائم رکي آهي. هي اهو عوامي فن آهي، جو هڪڙي

نسل کان پٺي نسل تائين متواتر هلندو به رهي ٿو، ۽ ڪجهه فني ترقي به ڪندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح، انسانذات جو اهو موروثي فن اڄ تائين هلندو آيو آهي، ۽ ايندڙ نسلن کي به ان طرح ورثي ۾ ملندو ايندو. يقيناً، اهو سلسلو تاابد جاري رهندو.

اسان جي عوام پنهنجي انهيءَ قديم ورثي کي جنهن ذوق ۽ شوق سان هيستائين پٺي سنڀاليو آهي، تنهن مان يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هتي جي سرسبز ميدانن ۾، چانڊوڪين راتين جي ٺڌڪار ۽ بهار جي هيرن ۾، گهنگهرن جي جهنڪار ۽ جهانجهه جي واڄٽ ۽ دهل جي پُرجوش آوازن ۾، اسان جو هيءُ قديم فن پنهنجي ملڪ جي ثقافت کي سدائين زنده ۽ سلامت رکيو ايندو.

اسان جا لوڪ ناچ، هتي جي عوام جي فطري مذاق ۽ طبعي تقاضا جو آئينو آهن. جيڪڏهين هتي جي ثقافتي تاريخ مان لوڪ ناچن وارو حصو ڪڍيو وڃي، ته پوءِ اها تاريخ سراسر اڌوري ۽ نامڪمل رهجي ويندي. لوڪ ناچ انسان جي ارتقا سان گڏ پيدا ٿيو آهي، ۽ هر هنڌ موجود آهي. سوماترا، جاوا ۽ ملبار، توڙي افغانستان، چين، روس، جپان، عرب، شام، مصر، ترڪي، هندستان، آفريڪا، آمريڪا ـــ دنيا جي مڙني ملڪن ۾ هيءُ فن پنهنجي مستقل اهميت سان قائم آهي. اسان جا لوڪ ناچ به اسان جي ثقافت جي اهم جز جي صورت ۾ سدائين زنده رهندا.

هر ملڪ کي پنهنجا پنهنجا مخصوص لوڪ ناچ آهن. هتي جي لوڪ ناچن ۾ سيمي، جهمر، ڀَنگڙا، ڪِڪلي، گدا، لُڏي، ڏانڊيو ۽ جمالو، قابلِ ذڪر ۽ قابلِ ديد ناچ آهن، جي هتي جي عوام جي جذبات جا ترجمان آهن.

لوڪ ڪهاڻيون. ساڳي اهميت لوڪ ادب کي به آهي؛ خصوصاً لوڪ ڪهاڻيون دنيا جي هر ملڪ ۾ رائج آهن، ۽ اتي جي ثقافتي سرمايي جو قيمتي حصو آهن. لوڪ ڪهاڻين ۾ نه صرف معاشرتي زندگيءَ جون تاريخي جهلڪون سمايل ٿين ٿيون، پر انهن ۾ عوام جي اخلاقي قدرن، تعليم و تربيت ۽ جمالياتي ذوق جا بنيادي رجحان پڻ نمايان صورت ۾ موجود هوندا آهن. لوڪ ڪهاڻيون جيئن ته انساني معاشرت ۽ تهذيب جي عام تصورن جي تخليق آهن، تنهنڪري انهن ۾ همه گيري ۽ آفاقيت آهي. اهوئي سبب آهي جو هڪ ئي انداز ۽ موضوع جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، ٿوريءَ تبديل ۽ تفاوت يا اضافي سان، مختلف ملڪن ۾ رائج ٿي چڪيون آهن. سچ پڇ ته هيءُ عوام جو اهڙو عام سرمايو آهي، جنهن تي اسين هاڻي ڪنهن به خاص ملڪ يا قوم جو ليبل لڳائي نٿا سگهون: سڀني ملڪن جون رائج لوڪ ڪهاڻيون سڀني انسانذات جي مشترڪ ملڪيت آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي وابستگي روح ۽ ضمير سان آهي ـــ ۽ سڀني انسانذات جو روح ۽ ضمير هڪ آهي.

لعل بخش ٽالپر

# مضمون

## 'ضمير شاهه' جو مڪان

"جسم" ولايت جي هڪ لنڊڙي ڳوٺ ۾ "ضمير شاهه" جو عاليشان مڪان هو. ٿالي ۾ مڪان هو، مگر صفائيءَ سٺائيءَ ۾ هڪ محلات جي برابر هو. برسات جي مند آئي، محبت جو مينهن آيو، سڄيءَ ولائت ۾ سبزي لڳي ويئي. 'ضمير شاهه' جي مڪان ۾ به هڪ عاليشان ۽ خوشنما ٻوٽو ازخود پيدا ٿيو، جنهن جي سُڪڙيءَ مان هڪ اهڙو ته گل نڪري نروار ٿيو، جنهن جي سونهن ۽ سرهاڻ جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي! ڏسڻ سان ماڻهو دلگ رهجي ٿي ويا. الهيءَ گل کي اتي جي دنيا "اميد" جي ٿالي سان ياد ڪرڻ لڳي. هن گل کي پر واريءَ "طلب" جي واديءَ مان پاڻي ٿي مليو. جڏهن هيءَ پاڻيءَ سان سيراب ٿي ٿيو، تڏهين تڙي ۽ کُلي اهڙو ته سوجهرو ٿي ڪيائين جو نه فقط انهيءَ مڪان بلڪ آسپاس کي پڻ رات جي وقت به بتيءَ ٻارڻ جي ضرورت ڪانه ٿي ٿي؛ مگر جيڪڏهين ڪنهن وقت انهيءَ پاڻيءَ جي ڪيس تنگي ڪئي پئي ويئي، يا ان جي بجاءِ ٻيو پاڻي ڏنو ٿي ويو، تڏهين هن مُرجهائجي، مڪڙيءَ جي صورت ۾ پنهنجو سر سجدي ۾ رکي، پنهنجيءَ دنيا کي تاريڪ ڪري ٿي ڇڏيو. ازالسواءِ ڪيس ڪيترو به وقت پاڻي نٿي ڏنو ويو، ته به هو ڪو صفا سڙي سُڪي ڪوله ٿي ويو. هن جي اهڙين خاصيتن نه فقط دنيا کي موهيو، مگر اتان جي عالمپناهه "عقل بادشاهه" کي پڻ پنهنجو تابعدار بنائي ڇڏيو. هينئر ضمير شاهه جي مڪان کي چار چنڊ لڳي ويا. زيارتي ائين اچيو ڪٿا ٿين جو ترهنيو پٽيءَ تي نه پوي. جڏهين عالمپناهه روبرو اچي هن گل جي زيارت فيض بشارت کان مشرف ٿيو، تڏهين هن جي حيرت جي ڪا حد ئي نه رهي ۽ سندس ڏند چپن سان لڳي ويا. اتي ضمير شاهه جي شخصيت جو پڻ عالمپناهه کي احساس ٿيو. هن پنهنجا خاص پنج نوڪر ضمير شاهه جي خدمت عاليه ۾ انهيءَ گل جي پرورش لاءِ ڇڏيا، ۽ پاڻ موٽي پنهنجي تخت تي بخت آزمائي ڪرڻ لڳو. هوڏانهن وري نوڪر ويچارا، منجهه التظار، ضمير شاهه ۽ گل جي خدمت ۾ تيار بيٺا رهيا.

ضمير شاهه جو حڪم هو ته جيئن گل کي ڪنهن به وقت 'طلب' جي واديءَ واري پاڻيءَ جي تنگي نه ٿئي، ۽ جيئن هو مرجهائجي نه وڃي؛ ڪوشش ڪري ڪيس هر وقت تر ۽ تازي رکڻ

جو خيال رکيو وڃي. نوڪر حڪم جا ٻندا، تن ڇڏي ڏنا ٻيا ڌنڌا، سڀ ڏينهن ڪين اها تات تاري، رکي گل جي خدمتگاري.

عالم پناهه عقل بادشاهه به ٻئي ٽئي ڏينهن گل جي ديدار فرحت آثار کان پيرو ڪونه پڇندو هو. جڏهين عالم پناهه جو به اهو حال هو، تڏهين اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ويچاريءَ رعيت جو ڪهڙو حال هوندو. ڪير جو روزانو نه اچي گل جو مجرو ڀري! جيئن گل جي عزت وڃي عرشين لڳي هئي، تيئن وري ضمير شاهه جو شان به انهيءَ دنيا جي نظرن ۾ چار قدم اڳتي وڌي ويو. ٻيا ته ڇڏيو، پر خود عالم پناهه به انهيءَ گل جي ڪافي عزت ڪندو هو.

دستور موجب، جيئن هڪ ڏينهن عالم پناهه عقل بادشاهه پنهنجيءَ خاص نوڪرياڻيءَ ليک اختر، پري پيڪر، حسن تصوير، نالي "تدبير"، کي ساڻ ڪري مڪان ۾ آيو، تيئن ضمير شاهه سندن خير مقدم ڪيو. دراز مسافريءَ سبب عالم پناهه کي آڃ لڳي. 'تدبير' نوڪرياڻيءَ کي پر واري "آرام" جي اوطاق تان پاڻي آڻڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو. 'آرام' جي اوطاق سان گڏ "اجل" جي پڻ اوطاق هئي. 'تدبير' کي رستي ۾ "تقدير" نالي 'اجل' جي نوڪرياڻي ملي وئي، جنهن کيس وٺي وڃي 'اجل' جي اوطاق ۾ ڇڏيو. ويچاري 'تدبير' کي ڪهڙي خبر ته هيءَ ڪنهن جي جاءِ آهي؟ هوءَ يڪدم اتان به جام، هڪ سبز ٻيو گلفام، ڀري کڻي آئي. عالم پناهه سبز جام، ۽ ضمير شاهه گلفام پيتو. ظاهر ۾ شراب هو، مگر سندس اثر خراب هو. بس، رڳو پيئڻ جي دير ٿي، پوءِ ته

'عقل سجدي ۾ ڪِريو، ۽ سر جهُڪيو تدبير جو!'

عالم پناهه ۽ ضمير شاهه ٻئي وڃي حيات ابديءَ سان همڪنار ٿيا. جڏهين عالم پناهه ئي ڪونه رهيو، ته پوءِ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون وري ڇا جون؟ جو جيڏانهن، سو تيڏانهن ڪافور ٿي ويو. گل جي هڪ پاسي کان عالم پناهه ۽ ٻئي پاسي کان ضمير شاهه جي مرقد مرتب ڪئي وئي.

جاندار هليا ويا، مگر بيجان گل ۾ اجا جان آهي. هن جي حالت اجا ساڳي آهي. هو زنده آهي، ۽ پنهنجيءَ دليا ۾ اهڙيءَ ئي شهرت سان مشهور آهي. هڪ ويو ته ٻئي اچي سلام ڪيو. هن جا ڪيئي سلامي آهن. جيتوڻيڪ هو ٻئي شهزادا هينئر ملڪ عدم ۾ آهن، ته به خاموش زبان سان هن جي سلامي ۽ غلامي ادا ڪري رهيا آهن.

جڏهين اوهان جو 'جسم' ولائت ۾ وڃڻ ٿئي ته ضرور ان گل جي زيارت جو فيض ۽ شرف حاصل ڪندا، ڇو ته چوندا آهن ته "شنيده کي بود مانند ديده"—ٻُڌل کان ڏٺل وڌيڪ بهتر ٿو ٿئي. پر اهو ديدار به ڪن خوش نصيبن کي نصيب ٿيندو، ورنه مون جهڙا بدنصيب به ته دليا ۾ ڪيترا ئي هوندا: ڪافي عرصو گل جي پرسان ٻينس، پر منهنجي قسمت جي ڪوتاهي جو ڪيس پاڻي ڏيڻ وارو هو ئي ڪونه، تنهنڪري هو مڪڙيءَ جي قيد ۾ بند هو ۽ سندس سڄي دليا تاريڪ هئي. نه هئي سونهن، نه سرهاڻ. آخر محروم ٿي موٽيس، ۽ جيئن

انهيءَ ڳل جي تاريءَ ڪي بي‌سبب هٿ لاتم، ته آگر ۾ اهڙو ته ڪنڊو چڀيو ويو جو مون کان بي‌اختيار دانهن نڪري ويئي. منهنجيءَ دانهن جي آخر ۾، گويا ان جي جواب ۾، سامهين ٻهاڙ مان موزون لهجي ۾ هيءُ آواز آيو:

"ڳـل هجي تـان ڳـلُ سڄاڻي ڳلَ سندو قدر ۽ پيار،
غير تـي غيرتمنديءَ کـان ڪيئن نه تئي نشتر 'لڪار'!"

## نفس

اسان جي نفس جا ٻه پاڱا ٿيل آهن: هڪ آهي باخبر نفس (شعوري نفس)، ۽ ٻيو آهي بيخبر نفس. اسان جي وجود تي اڪثر باخبر نفس حڪومت ڪري ٿو؛ ليڪن ننڊ، بيهوشيءَ، بيماريءَ ۽ چريائيءَ جي حالت ۾ بيخبر نفس جي حڪومت هلندي آهي.

اسان تي ڄمڻ کان وٺي اڄ تائين دنيا ۾ جيڪي به اثر ٿيا آهن، يا جيڪي به ڪم ڪيا اٿئون يا ٻڌا اٿئون- پوءِ توڙي ڪٿي اسين هڪ سال عمر جا هئاسون ۽ جيتوڻيڪ هينئر اهي ڳالهيون اسان کي ياد نه به آهن- تڏهين به ائين نه ڄاڻجي ته اهي اثر ڪي نابود يا زائل ٿي ويا؛ اهي بالڪل قائم آهن، ۽ اسان جي بيخبر نفس ۾ گڏ ٿيا پيا آهن: ائين ڪري سمجهو ته بيخبر نفس آهي پُراڻ سُراڻ جو ڀنڊار.

اسان جو دماغ جنهن جي وسيلي هلي چلي يا ڪم ڪار ڪري سگهون ٿا، سو جڏهين ڪم ڪري ٿڪبو آهي، تڏهين ان ۾ هڪڙي قسم جا زهري مادا، جن کي "ٽاڪسن" سڏبو آهي، اچي گڏ ٿيندا آهن. انهن جي نيڪال ڪرڻ لاءِ صرف آرام ئي علاج آهي، تنهنڪري ڪيس ننڊ جي ضرورت ٿيندي آهي. جڏهين اسان جو دماغ، جنهن جو اسان جي باخبر نفس سان گهرو تعلق آهي، ننڊ ۾ هوندو آهي، تڏهين بيخبر نفس سجاڳ رهندو آهي. ان وقت اهو پنهنجا اڳ- ڏٺل دنيا جا واقعا جي سندس ڪوٺڙيءَ ۾ بند هوندا آهن، اهي کوليندو آهي. اڪثر اهي اثر ظاهر ڪندو آهي، جن جو ڪجهه اثر ان وقت باخبر نفس ۾ هلندڙ هوندو آهي— يعني ته باخبر نفس ۽ بيخبر نفس جو پاڻ ۾ گهاٽو تعلق رهندو آهي. جڏهين باخبر نفس ڪنهن ڳالهه بابت ڪجهه خيال ڪندو آهي، تڏهين ڪنهن تنت جي وسيلي بيخبر نفس جي الهيءَ لڪير کي، جنهن ۾ ان ڳالهه بابت ڪي ڪجهه حقيقتون هونديون آهن، اهڙي ڇڪ ٿيندي آهي جو الهيءَ قسم جا واقعا يا ڳالهيون جيڪي اڳ ٿي گذريون هونديون ۽ منجهس گڏ ٿيل هونديون، تن مان مکيه ۽ دهرايل يا تازيون تازيون ڳالهيون پنهنجي جيب مان ڪڍندو ويندو باخبر نفس ڏانهن موڪليندو. انهيءَ ڪري، جن ڳالهين بابت ڏينهن جو ماڻهوءَ کي گهڻي آڻ تڻ هوندي، ته رات جو بيخبر نفس جي حڪومت ۾ هو پنهنجي ڀنڊار مان اهڙي قسم جا پراڻا واقعا يا ڳالهيون ڪڍي ظاهر

لڪيرن ڪي ڇڪ ٿئي ٿي، ۽ انھيءَ قسم جون ڳالھيون گڏ ٿي ھيٺ لھي اچن ٿيون باخبر نفس ۾: حافظي ۾ تڏھين انھن ڳالھين جي يادگيري پوي ٿي. ھاڻي، ٿورن لفظن ۾، يادگيريءَ جي معنيٰ ٿي: ڪنھن بہ گذريل ڳالھہ بابت خيال ڪري، بيخبر نفس مان ان بابت لڪير ۾ جمع ٿيل ڳالھيون يا حقيقتون ڇڪي باخبر نفس ۾ آڻڻ ڪان پوءِ حافظي ۾ آڻڻ.

جڏھين ڪو ماڻھو ننڊ ۾ آھي ۽ آھستي آھستي سڏ ٿو ڪجيس تہ نٿو جاڳي، پر جي ڏاڍيان واڪو ڪبو تہ اٿي ڪڙو ٿيندو. اھو انھيءَ ڪري، جو موجوده ھلندڙ وقت جي ڳالھين لاءِ بيخبر نفس ٻڌل نہ آھي، مگر اھو ڪم باخبر نفس کي سونپيل آھي، جو ان وقت آرام ۾ آھي. پر، تنھن ھوندي بہ، بيخبر نفس تي اھو لازمي ٺھرايل آھي تہ جيڪڏھن خطرو ڏسي تہ باخبر نفس کي سجاڳ ڪري. جڏھن ڪو موزون آواز ٿئي ٿو — راڳ، ساز، ھلڪو آواز، وغيره — تہ ان تي بخبير نفس چائي ٿو تہ ان مان بدن کي ڪو خطرو ڪونھي، بلڪ اجا بہ کيس تفريح اچي ٿي، تنھنڪري باخبر نفس کي ھو سجاڳ ڪرڻ نٿو چاھي؛ پر جيڪڏھن ڪو ناموزون آواز ٿيو — ٺڪاءُ، رڙ، روڄ، وغيره — تہ بيخبر نفس محسوس ڪري ٿو تہ ضرور خطري جو وقت آھي، ۽ پوءِ ھو باخبر نفس کي جھٽ پٽ سجاڳ ڪري ٿو، ۽ ماڻھو جاڳي پوي ٿو. اوھان ڏٺو ھوندو تہ ڪيترا جوان آدمي، ڪي آٺن ڪان، ڪي ڪتن ڪان ۽ ڪي وري جنن ڀوتن ڪان ڏاڍو ڊڄندا آھن. ان جو سبب صرف اھو آھي تہ ننڍپڻ ۾ انھن ماڻھن کي انھن شين ضرور ڊيڄاريو آھي، يا انھن جي خوف بابت ڪي اھڙيون ڳالھيون يا آکاڻيون ٻڌيون اٿن جن جو اثر سندن بيخبر نفس ۾ موجود آھي: پوءِ توڙي ڪين انھيءَ موقعي جي يادگيري ھجي چاھي نہ، پر ھينئر جيڪڏھين اھڙي قسم جي شي ڏسندا يا ان بابت ڪجھہ ٻڌندا تہ ڏاڍو ڊڄندا، جيتوڻيڪ کين ڪيتري بہ خاطري ڏجي تہ ھينئر کين اھا شي ڪو بہ نقصان رسائي نٿي سگھي. ڊاڪٽر جڏھين بيمار جي آپريشن ڪندا آھن تہ اڳ ۾ ڪلوروفارم سنگھائيندا اٿس، جنھن جي سنگھڻ سان باخبر نفس تي نشو چڙھي ويندو آھي ۽ ھو ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏئي. باخبر نفس جي ڪم نہ ڪرڻ سبب ماڻھو ڪلاڪ ڏيڍ بيھوش پيو ھوندو آھي، ۽ کيس وڍڻ ٽڪڻ سان ايذاءُ ڪونہ ايندو آھي، تنھنڪري عضوا بہ تحرڪ ڪونہ ڪن.

آمريڪا ۾ وري ھاڻي ڇا ڪيو اٿن جو جيڪي وڏا وڏا ڊاڪو آھن ۽ پوليس ۾ پنھنجي ڏوھہ جي قبوليت ڪنھن بہ حالت ۾ نٿا ڪن، انھن کي نشي جھڙي شي ڪارائي کين بيھوش بنائيندا آھن. انھيءَ حالت ۾ ھو بيخبر لفس جي وسيلي پيا ڳالھائيندا آھن، ۽ کين اھو سماءُ نہ رھندو آھي تہ ڇا پيا چئون. پوءِ ڪاھي پوندا بڪواس ۾ — ڪا ڳالھہ ڪھڙي، ڪا ڪھڙي — ڪڏھين پوليس کي گاريون، تہ ڪڏھين پاڻ ۽ پنھنجن همراھن کي گاريون. ان وقت جيڪڏھن ڪيل ڏوھہ يا چوريءَ بابت ٿورو حوالو ڏيئي ڳالھہ ڪبي، تہ جي اچي ويس خيال تہ پوءِ پنھنجن سنگتين ساٿين جا نالا، چوريءَ لڪائڻ جا ھنڌ وغيره، سمورا لشان پتا بيان ڪري وجي

زماني جي رفتار ۾ ڪنهن وقت دل دکي آهي ته ڪنهن وقت ڪـِل خوشي آهي. هن دل جي ساز جا آواز ڪنهن وقت پيا ڪلائين ته ڪنهن وقت پيا روئارين: ڪنهن وقت ڏس ته 'ڳائين پيا طرحين طرحين ترانا'...... ڪنهن قربدار جي دل جا!

ڪنهن مظلوم دل جي ڪهاڻي تون ڪڏهين ڪين ٻڌي سگهندين: جيڪڏهين ٻڌندين ته سمجهي نه اصل سگهندين، پر جي سمجهندين ته وري جهٽ پٽ روئي ويهندين: تنهن ڪان ڇگو اٿيئي ته انهيءَ ڳالهه ڪي ئي ڇڏي ڏي، ڇو ته 'ڏاڍا ڏکيا اٿيئي افسانا'...... ڪنهن مظلوم اشڪبار جي دل جا!

## تنهنجون اکڙيون

هنن کي ڏسي، عشق جي اڄايل جي پياس پوري ٿي، برهه جو بيمار تندرست بڻجي پيو، وِرهه جو وهائيل ذرا ٿڌا ساهه کڻڻ لڳو، هر خيره نگاهه ۾ نئين جان اچي ويئي: مطلب ته جنهن سان به هنن چار-چشمي ڪئي سو چريو ٿي ويو. هنن جي خاموش زبان ۾ ڪهڙي نه شيريني هئي! اهي هيون ڪير؟ ...... تنهنجون شربتي اکڙيون!

تنهنجي حسن جي باغ وٽان جڏهين راهروَن جو اوچتو گذر ٿيو، تڏهين هن کي ڪا چقمقي ڪشش ٿي. ويچاري کي پنهنجو مطلب به وسري ويو. تنهنجي باغ جي ٻن سرهن گلن جي خوشبوءِ هن جي دنيا کي معطر ۽ مخمور بنائي ڇڏيو. اهڙو اڻ پيتيءَ جو نشو هن کي ڪنهن ڏنو؟ ...... تنهنجون نشيليون اکڙيون!

جڏهين ڪنهن غريب تي حسن جي فوجن جو بيپناهه حملو ٿيو، تڏهن هن ڊوڙي اچي تنهنجي دامن ورتي. هو تو وٽ پناهگزين ٿي رهيو، مگر تنهنجين ٻي دونالين هن کي پنهنجو نشانو بنايو. هو دانهن ڪري تڙپي اٿيو، مگر اٿي ڪين سگهيو ۽ خسته‌جان ٿي ڏکي ڏکي وڃي ڪريو. اهو خون ڪنهن ڪيو؟ ......... تنهنجون ستمگر اکڙيون!

ڪنهن جي ياد رات جو تنهنجي ننڊ ڦٽائي، تو کي بي‌آرام ڪيو. تو به گهڻا شڪار ڪيا، پر تو کي ڪنهن شڪار ڪيو؟ تو لاءِ ته ڪيئي منتظر، پر تون ڪنهن جي انتظار ۾؟ ڇا، اتي تنهنجن پاسبانن جا هٿيار ڍرا ٿي ويا؟ خود تنهنجن ڳاڙهن ڳلن تان ڳوڙهن جو ڪاروان ڪنهن جاري ڪيو؟ ...... اهي تنهنجون اشڪبار اکڙيون!

ميويدار وڻ وانگر جهڪيل، گويا ڪنهن فڪر ۾ مستغرق، ڪڏهين ڪڏهين پاڻ تان حجاب جو پردو ڪڻي، ڪنوڻ وارو جهلڪو ڏيئي، وري ڪارن ڪڪرن ۾ گم ٿي وئيون. ڪنهن جي ستائڻ تي مس مس هڪ ننڍڙي جهلڪ ڏيئي، وري زمين کي نوازينديون رهيون هنن جي فضا اڄ تنگ هئي. عرش تي سير ڪرڻ واريون لڳاهون، فرش کي فيضياب ڪري

رهيون هيون. ڪنهن جي خدمتن جو شڪريو پُر اسرار نمولي ۾ ادا ڪري رهيون هيون. ڪير؟ ......... تنهنجون شرميليون اکڙيون!

هينئر هنن وٽ ڪو بہ اصرار ڪونہ هو. ڏسندڙ جي دل ازخود پيڇي تي پيئي. هنن ۾ شيريني ۽ ميناج هو. محبت سندن رهنمائي ڪري رهي هئي. الفت جا آثار انهن ۾ نظر پئي آيا، تنهن هوندي بہ هو لاازن جي پلپل دل ۾ پنهنجا آشيانا بنائي رهيون هيون. ڪنهن دل جا ستل سور جاڳايا؟ زبان سان ڪجهہ بہ ڪونہ چيو، مگر رئل دلين ڪي جنهن زبان حال سان پاند پوتيون ۽ ميڙ منٿون ڪري مڃايو، سي هيون ......... تنهنجون نمائيون اکڙيون!

سورج ڪان سهٽيون، لالہ کي لڄي ڪندڙ، نرگس ڪان وڌ نازنين، ڪجل جي ڌار سان عاشق تي بيپناهہ وار ڪندڙ، سُرمگين سيفي، ڪاريون ڪتاريون، ڪجليون ڪنڌيون، ...... تنهنجون آهوءَ جهڙيون اکڙيون!

ڪڏهين تہ تنهنجون اهي اکيون وفائيءَ جو مرڪز هيون. ڪڏهين تہ هنن جدائيءَ ڪي جدائي ۽ وڇوڙي ڪي وڇوڙو ڏيئي ڇڏيو هو. هنن ڪي پنهنجي گرويده ۽ فريختہ تي ناز هو. هنن جا هن سان انجام ۽ اقرار، واعدا ۽ قاعدا مقرر هئا. تن ڪي اڄ هو درگذر ڪري، نياز مان بي نياز ٿي وئيون. ڪانئن پنهنجا ڪيل اقرار وسري ويا. هو پنهنجي انجام ڪي پاٺي ڏيئي نہ سگهيون. جنهن تي هنن ڪي ناز هو، تنهن ڪان هو بي نياز ٿي وئيون. تنهن هوندي بہ، الهن جو نيم بسمل خاموش آهي؛ مگر دليا ڪين هيئن ياد ڪري رهي آهي — 'او بيوفا اکڙيون!'

سراج الحق ايم. اي.

# ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“

## هڪ تنقيدي جائزو

’مهراڻ‘ جي ۱-۱۹۵۹ پرچي ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ ڇپيو آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جو هڪ مڃيل عالم آهي، ۽ سندس ادبي لياقتن ۽ علمي صلاحيتن کان انڪار ڪفر آهي. سنڌي عالمن ۾ ڊاڪٽر صاحب انهن ڳاڻ ڳڻين اديبن مان آهي، جن جو فڪر بامقصد مطالعي، سوچ ۽ محنت جو نتيجو آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جون خدمتون جيڪي ڊاڪٽر صاحب ڪيون آهن، انهن جهڙو مثال سنڌ جي هن قحط‌الرجال واري ماحول ۾ گهٽ ملندو. هيءُ مضمون پڻ ڊاڪٽر صاحب جي وسيع مطالعي ۽ سخت محنت جي شاهدي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب وڏيءَ سوچ ۽ محنت ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت، بنياد ۽ تاريخي حيثيت لاءِ ڪي نتيجا قائم ڪيا آهن، ۽ انهن کي پنهنجن نظرين طور پيش ڪيو آهي. هيءُ مضمون سنڌي ٻوليءَ سان محبت رکندڙن لاءِ فڪر ۽ تحقيق ڪرڻ جي دعوت جي حيثيت رکي ٿو— ۽ ضروري آهي ته سنڌي اديب پنهنجي اپياس ۽ کوجنائن، تاريخي ڇنڊڇاڻ، ۽ عالمي ادب ۽ تاريخ جي پس منظر ۾ انهيءَ تحقيق کي ڪنهن بارآور نتيجي تي پهچائين، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ۽ تاريخي اهميت جي تعين ڪرڻ ۾ حصو وٺن.

ڊاڪٽر صاحب جي هن مضمون ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي مون کي نه آئڙيون؛ ان ڪري انهن متعلق آءٌ پنهنجا خيال ’مهراڻ‘ جي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريان ٿو. مضمون متعلق ڪجهه چوان، ان کان اڳ آءٌ هڪ گذارش ڪرڻ گهران ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي ذات سان مون کي شخصي توڙي ادبي عقيدت آهي. پر، هڪ لکندڙ جي حيثيت ۾، سنڌي ٻوليءَ بنسبت مون کي ڊاڪٽر صاحب سان مؤدبانه اختلاف راءِ آهي؛ ۽ يقين اٿم ته ڊاڪٽر صاحب جي مضمون متعلق جيڪي ڪجهه ايندڙ صفحن ۾ عرض ڪندس، ان کي ڊاڪٽر صاحب محض ادبي بحث ۽ ادبي اختلاف راءِ جي نظر سان ڏسندو. منهنجو مقصد محض هڪ ادبي بحث آهي، تنهنڪري اميد ته پڙهندڙ پڻ ان کي اَن رنگ ۾ ئي قبول ڪندا.

منهنجي لکڻ جو هڪ اهم سبب هيءُ آهي ته هن مضمون ۾ ڪي نظريا اهڙا ۽ اهڙن لفظن ۾ پيش ڪيا ويا آهن، جن سنڌ ۽ سنڌي تمدن سان محبت رکندڙن جي دلين کي البت

ڏکوئيو آهي. ڪن ماڻهن ته انهن مان غلط نتيجا ويهي ڪڍيا آهن: ايتريقدر جو هن مضمون کي هندستان ۾ ناگري لپيءَ خلاف هڪ دليل طور استعمال ڪيو پيو وڃي. حشُو ڪيولراماڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي صاحبن جهڙا سمجهدار اديب به هڪ وڏيڪ دليل هٿ ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي سامي سٽ جي ٻولي سڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا! لپيءَ جو مسئلو هڪ الڳ بحث آهي؛ ناگري لپيءَ جا حمايتي هوئڻ ڪري ڏڏڙ ۾ پير هنيو بيٺا آهن، ۽ انهن وٽ ڪو ٺوس دليل ته آهي ئي ڪونه، جنهن جي بنياد تي هو پنهنجي نظريي کي بچائي سگهن. هنن اهو پوت ته محض سياسي ۽ سماجي آنءُ داتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ کڙو ڪيو آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ جو ميدان ته وري به سياسي ۽ سماجي آهي؛ ٻوليءَ ۽ ان جي بنياد کي ان ۾ ڪو به دخل نه آهي. ان ڪري، هندستان جي سنڌي اديبن کي "دروغِ مصلحت آميز به از راستيءَ فتنه انگيز" واري مقولي تي عمل ڪرڻ جو ته ڪو ضرور ئي ڪونهي!

داڪٽر صاحب پنهنجي مضمون کي ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، جن مان هو صاحب ٻه حصا مڪمل ڪري چڪو آهي، ۽ ٽيون حصو اڌ ۾ ڇڏيل آهي. افسوس آهي ته مضمون جو باقي حصو 'مهراڻ' جي اڳئين پرچي ۾ نه ڇپيو آهي، ۽ اسان جهڙا طالبعلم اڌايل رهجي ويا آهن. مضمون جي پهرئين ڀاڱي کي پڙهڻ مان اندازو ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب کي به اهائي دقت پيش آئي آهي، جا ٻين ڏيهي توڙي پرڏيهي محققن کي پيش ايندي رهي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ عربن جي ڪاهه کان اڳ جيڪو خال آهي، تنهن اڪثر محققن کي محض ظني نظرين پيش ڪرڻ تي پئي مجبور ڪيو آهي. تاريخي مواد جي نه هجڻ، ۽ ٻوليءَ جي وجود ۽ ان سان لاڳاپيل حقيقتن جي غيرموجودگيءَ ڪري، سنڌي ٻوليءَ متعلق جيڪي مختلف علمي ۽ نيم علمي نظريا پيش ڪيا ويا آهن، انهن مان اڪثر نظريا ظني آهن؛ پر ڪجهه نظريا اهڙا آهن، جن لاءِ خود ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو ته اهي علمي آهن، پر اڃا تحقيق طلب آهن. باوجود انهن علمي نظرين جي موجودگيءَ جي، ڊاڪٽر صاحب انهن کي ريٽي، پنهنجا ڪجهه ظني نظريا پيش ڪيا آهن. بهتر ائين ٿئي ها ته ڊاڪٽر صاحب جن نظرين کي علمي قبول ڪري ٿو، ان ڏس ۾ ئي پاڻ وڌيڪ تحقيق ڪري ها: ڇاڪاڻ ته اهي نظريا، تحقيق طلب سهي، پر ڪافي ٺوس ۽ بنيادي حقيقتن تي مبني آهن، ۽ علم اللسان يعني ٻولين جي علم جي اصولن جي بنا تي قائم ڪيا ويا آهن. جن عالمن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ٺهرايو آهي، تن اهو فيصلو علمي ۽ لساني بنيادن تي ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت هڪ حد تائين انفرادي ئي سهي، ليڪن انهيءَ بناوت کي سنسڪرت ۽ ان جي ٻين پراڪرتن سان لاڳاپيل ثابت ڪري سگهجي ٿو — ڪن يورپي عالمن ۽ ڏيهي اديبن ان ڏس ۾ تحسين جوڳا نظريا پيش ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ، سرگريئرسن ۽ سرگُواسي ڀيرو مل جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا. ٻئي طرف اهي عالم آهن، جيڪي سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ڄاول نه، پر سنسڪرت وانگر هڪ ٻنهه انفرادي حيثيت رکندڙ مُسَتَقل ٻولي ثابت ڪرڻ گهرن ٿا. پر، ائين ثابت ڪرڻ لاءِ، هو محض ظني

قياس آرائيون ڪندي چون ٿا تہ ”غالباً“ سنڌ جي اصلوڪي زبان ڪا سامي زبان هئي، يا سامي زبانن جي ست مان هئي. منطقي طرح، ان نظريي کي ڪو بہ بنياد نہ آهي: تاريخ جون جيڪي ٿوريون گهڻيون نشانيون ملن ٿيون، سي انهيءَ نظريي جي پٺڀرائي ڪرڻ بدران، ان جي مفروضن جي بنهہ ابتڙ آهن. انهيءَ نظريي لاءِ ڪجهہ اهڙا مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، جيڪي علم اللغات ۽ علم اللسان جي تسليم ٿيل اصولن تي بہ پورا ڪين ٿا بيهن. پنهنجي هن خيال جي وضاحت آءٌ مضمون جي جزن تي بحث ڪرڻ وقت ڪندس؛ ان کان اڳ آءٌ علم اللسان جا ڪجهہ اصول مختصر طرح هت بيان ڪرڻ گهران ٿو تہ جيئن پڙهندڙ انهن جي روشنيءَ ۾ اڳيان ايندڙ بحث کي چڱيءَ پر سمجهي سگهن.

علم الحيوان جا ڄاڻو ارتقائي نقطہ نظر کان جانورن جي گروه بندي (classification) ڪرڻ وقت هي مفروضو قائم ڪندا آهن تہ اهي خصوصيتون، جيڪي ڪنهن گروهہ جي سمورن — يا تقريباً سمورن — جانورن ۾ هڪجهڙيون ۽ ساڳيون آهن، سي سندن ساڳئي ۽ مشترڪ ابي ڏاڏي جو اهڃاڻ آهن. ٻولين جي ابياس ڪرڻ وقت، ٻولين جي ڀيٽ ڪري، سندن گروه بنديءَ ۾ پڻ مٿيون اصول ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. ڀاڻ جيڪي عالم ٻولين جي ارتقا جو ابياس ڪن ٿا، تن کي علم الحيوان جي ماهرن جي ڀيٽ ۾ هڪ وڏيڪ فائدو حاصل آهي: لکيل تاريخ جي زماني ۾ حيواني زندگيءَ اندر وڏي پيماني تي ڪي تبديليون ڪونہ آيون آهن؛ پر، ان جي ڀيٽ ۾، ويجهن زمانن ۾ ٻي ڪي بنهہ انفرادي ٻوليون وجود ۾ اچي چڪيون آهن؛ ان ڪري اسين ٻولين جي ساڳئي ۽ عام بنياد ۽ اصل ڏانهن اشارو ڪندڙ اهڃاڻن جي اهميت ۽ مُلهہ، تاريخ جي هڪ سلسيوار رڪارڊ جي پس منظر ۾ سمجهي ۽ سڃاڻي سگهون ٿا.

انهن اهڃاڻن مان پهريون ۽ اهم اهڃاڻ آهي — 'لفظن جي هڪجهڙائي (word similarity). عقل اها ڳالهہ آسانيءَ سان تسليم ڪري ٿو تہ ٻن هڪٻئي سان لاڳاپيل زبانن ۾ سڃاڻڻ جهڙا ساڳيا لفظ گهڻي تعداد ۾ موجود هوندا. 'رومانس گروهہ' ٻولين (فرينچ، انگريزي، اسپيني، اٽالين ۽ لئٽن) جي ڀيٽ الهيءَ اصول جي تائيد ڪري ٿي. ٻولين جي الهيءَ ڀيٽ مان مراد هر وپرو لفظن جي هوبهو يڪسانيت نہ آهي. لفظن جي يڪسانيت هڪٻئي کان لفظ اڌارا وٺڻ ڪارڻ بہ پيدا ٿئي ٿي — جيئن عربيءَ ۽ سنڌيءَ جا هڪجهڙا لفظ. ٻولين جي هڪٻئي سان جڳري ناتي ۽ مائٽيءَ جو اهو ثبوت مضبوط ترين ان وقت ٿئي ٿو، جڏهن اهي هڪجهڙا لفظ اهڙي قسم جا هجن، جيڪي هڪڙيءَ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ داخل نہ ٿيا هجن، ۽ نڪي ٻنهي ٻولين ۾ وچان ٽي ڪنهن ٽينءَ ٻوليءَ مان داخل ٿيا هجن. اهڙن اصلوڪن يا بنيادي لفظن ۾ شخصي ضمير (متڪلم، حاضر ۽ غائب)؛ اهڙا فعل جيڪي بنيادي ڪمن ڪارين يا حالتن جو مفهوم ادا ڪن — مثلاً اچڻ ۽ وڃڻ، ڏيڻ ۽ وٺڻ، پيئڻ ۽ کائڻ، جيئڻ ۽ مرڻ، وغيره؛ صفتون، جيڪي عام خصوصيتن لاءِ ڪم اينديون هجن — مثلاً چڱو ۽ مٺو، ننڍو ۽ وڏو، ٿورو ۽ گهڻو، اوچو ۽ اونهو، وغيره؛ ۽ اهڙا نالا، جيڪي ڪائنات ۽ عام طرح ملندڙ چيزن لاءِ ڪم — اچن مثلاً ڌرتي،

جي سومس جو مثال آهي 'آ' اچار کي ڪاڻي فقط 'اَ' ڪري ڇڏڻ. 'آ' جو اچار دراصل آهي اَ+اَ، جنهن کي سُسائي اسان 'اَ' ڪيو آهي. ان جو سبب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت آهي، جا ان کي سنسڪرت جي سمورين پراڪرتن تي حاصل آهي. مثال:

| سنسڪرت | سنڌي | هندي | گجراتي | مرهٽي | بنگالي |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| لاشڪا | لَڪُ | ناڪ | ناڪ | ناڪ | ناڪ |
| آمرَفل | انب | آم | آم | آنبا | آم |

اسان کي ايترا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيڪي سنڌي لفظن جي، ٻين پراڪرتن جي ڀيٽ ۾، سنسڪرت لفظن سان قديمي تعلق ۽ هڪجهڙائيءَ کي ثابت ڪن ٿا — اهڙا مثال هيٺ ڏيان ٿو. انهن مان نه رڳو مٿي بيان ڪيل باقاعده فرق جو پتو پوي ٿو، بلڪ سنڌيءَ جي سنسڪرت سان ويجهي تعلق جو اهڃاڻ پڻ ملي ٿو:

| سنسڪرت | سنڌي | هندي | گجراتي | مرهٽي | بنگالي |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| هست | هَٿُ | هاٿ | هات | هات | هاته |
| اڪشِ | آک | آنک | آنک | (ڊولا) | (چوک) |
| سُڪند | ڪنڌ | ڪانڌا | ڪانڌو | ڪاندا | ڪاندا |

بنگاليءَ ۾ 'اک' جي لاءِ 'چوک' لفظ سنسڪرت 'چوڪشش' مان نڪتل آهي، ان ڪري ڀيٽ ۾ نٿو اچي سگهي. باقي مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ٻين پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت کي گهڻو ويجهي آهي.

اچارن جي سومس جا ٻيا مثال آهن 'اِي' جي اچار کي 'اِ' ڪري ڇڏڻ، يا 'اُو' کي 'اُ' ڪري ڇڏڻ. جيڪي پڙهندڙ هندستان جي ڪن هڪ ٻن پراڪرتن مان واقف هوندا، انهن کي ڪيترائي اهڙا مثال ملي ويندا — مثلاً 'ريچ' يا 'رينچ' ۽ سنڌي 'رڇ'؛ 'بيج' ۽ سنڌي 'ٻج'، وغيره. باقاعده فرق جو ٻيو مثال آهي ڪن لفظن جي اکرن جي ڦيرگهير — مثلاً سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جي 'ل' جو 'ر' ۾ بدلجڻ، يا 'ب' جو 'و' ۾ بدلجڻ، يا 'د' جو 'ڏ' ۾ بدلجڻ. سنسڪرت جي ٻين پراڪرتن اهي اچار قائم رکيا، پر سنڌيءَ انهن کي پنهنجو ويس پارائي ڇڏيو — مثلاً بيگن=واڱڻ، بال=وار، دنت=ڏند، جال=ڄار، وغيره. اهي فرق ڪجهه اهڙي باقاعدگي رکن ٿا، جو انهن جي اونهي اڀياس ڪرڻ سان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته اهي فرق لفظن جي اهڙن گروهن ۾ پيدا ٿيا آهن، جن کي لساني اعتبار کان علحده ۽ الڳ گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو — مثلاً 'بارڪ' کي اسين 'ٻالڪ' ئي رکون ٿا، پر 'ڊال' کي 'ڏارُ' ڪري ٿا ڇڏيون. اهي تبديليون هڪ مقرر ٿيل قاعدي هيٺ ٿين ٿيون، ۽ انهن قاعدن جو اڀياس ئي آهي، جو ٻولين جي پاڙ ۾ لاڳاپي ۽ سندن اصليت جي تعين ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

ٻولين جي بنياد ۽ اصليت بابت انهن لساني اصولن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون پون ٿيون — مثال طور، ٻولين جي ڪنهن گروهه جو تمدني پس منظر ٻولين جي ساڳئي بنياد جو ڪافي پختو ثبوت مهيا ڪري ٿو.

انهن اصولن جي ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي پرکبو ته گهڻي ڀاڱي اهو ثابت ٿي سگهندو ته سنڌي ٻوليءَ جو لاڳاپو دنيا جي ٻولين جي ڪهڙي گروهه سان وڌيڪ گهرو آهي، ۽ سنڌيءَ جي بنياد ۽ منبع تي به اهي اصول چڱي روشني وجهي سگهندا.

ڊاڪٽر صاحب جي مضمون تي تفصيلي بحث ڪرڻ کان اڳ، سنڌيءَ جي ممڪن ارتقائي تشڪيل بابت ٻه اکر چوڻ گهران ٿو. جيڪا ٿوري گهڻي تاريخ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، انهيءَ مان مٿين اصولن جي بنياد تي ڪي نتيجا قائم ڪري سگهجن ٿا، ۽ انهن نتيجن کي تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، انهن جي علمي وقعت پڻ معلوم ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ ٿي آءٌ ڊاڪٽر صاحب جي پيش ڪيل هڪ نُڪتي تي زور ڏيڻ گهران ٿو: ڊاڪٽر صاحب، ٻوليءَ جي بنياد متعين ڪرڻ کان اڳ، بنهه شروع ۾ فرمايو آهي ته سنڌيءَ جي تاريخ تي ٿيل تحقيق جا مختلف گروهه آهن ۽ انهن سمورن گروهن کي پنهنجو پنهنجو اڳ رٿيل لاڙو يا پسند (bias) آهي. هڪ گروهه هندو عالمن جو آهي، جن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي ثابت ڪرڻ کي هڪ ڌرمي فرض سمجهيو آهي؛ ٻيو گروهه يورپي عالمن جو آهي، جن جي تحقيق، بقول ڊاڪٽر صاحب، اڃا تنقيد طلب آهي؛ ٽيون گروهه مسلمان محققن جو آهي، جيڪي سنڌيءَ کي عربيءَ مان نڪتل سمجهن ٿا؛ ۽ چوٿون گروهه ڊاڪٽر صاحب جي ذات جو (۽ سائس همخيال عالمن جو) آهي، جيڪي سنڌيءَ کي سامي سٽ جي زبان، ۽ عربي ٻوليءَ ۽ عربي نحو جي بنياد تي قائم ٿيل ڪا ٻولي سمجهن ٿا. انهن سمورن گروهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پهرين ٻن گروهن جون تحقيقتون، تنقيد طلب سهي، وزندار دليلن ۽ لساني اصولن جي بنياد تي بيٺل آهن؛ ٻئي طرف پوين ٻنهي گروهن جي عالمن جون لکيتون محض حسنِ ظنّ، ذاتي پسند ۽ شخصي لاڙن جي بنياد تي مبني آهن، ۽ هُنن سنڌيءَ کي عربي يا سامي تمدن جي مرهون منت ثابت ڪرڻ ۽ وس آهر سنسڪرت کان علحده ۽ نرالي ٻولي ثابت ڪرڻ کي بنهه ديني فرض ويهي تصور ڪيو آهي. اها اسان جي بدقسمتي آهي جو تحقيق ۽ علم ۾ به ڌرم ۽ مذهب، شخصي پسند ۽ ذاتي لاڙن کي دخل انداز ٿيڻ ڏنو وڃي ٿو. اسان جي ڪن مسلمان مؤرخن ۽ محققن ۾ ته هڪ وڌيڪ ڪمزوري هيءَ به آهي ته هو پنهنجن شخصي لاڙن جي ڪري، ڪنهن هندوءَ جي لکيل ڪنهن ڪتاب کي، ڪافي وزندار ۽ مستند هوندي به، ڪو وزن ڏيڻ ۽ سند سمجهڻ کان ڪيٻائيندا رهيا آهن. مثال طور، هت جيڪڏهن آءٌ ائين چوان ته شايد صحيح ٿيندو ته ڊاڪٽر صاحب پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ ڪاڪي ڀيرو مل جي ڪتابن — 'قديم سنڌ' ۽ 'سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ' — مان ڪنهن به قسم جي فائدي وٺڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي آهي. مون کي يقين آهي ته ڊاڪٽر صاحب جيڪڏهن انهن ڪتابن کي پنهنجي پيش نظر رکي ها ته پاڻ اهي ظاهر ظهور غلطيون ڪين ڪري ها، جيڪي هن مضمون ۾ جابجا ملن ٿيون. ڪنهن مؤرخ يا محقق سان اختلاف راءِ رکڻ هڪ صحتمند نشاني آهي، پر ان محقق کي بنهه نظرانداز ڪري ڇڏڻ — پوءِ چاهي هو ڪنهن به

فرقي سان تعلق رکندو هجي — تحقيق جي دائري کي گويا خواهه مخواهه تنگ ڪري ڇڏڻو آهي.

سنڌي ٻوليءَ بابت جيڪو ڪجهه تاريخي مواد اسان وٽ انگريزيءَ، سنڌيءَ ۽ ٻين زبانن ۾ موجود آهي، ان منجهان ڪو هڪڙو به دليل ڪونه ٿو ملي، جنهن مان سنڌ جي زبان يا زبانن کي سامي سٽ جي زبانن سان ڳنڍي سگهجي. محض موهن جي دڙي جي ڪنهن تمدني پهلوءَ جي فرات ۽ دجله درياهن جي تمدن جي ڪنهن پهلوءَ سان هڪجهڙائيءَ کي ٻولين جي بنيادي طرح همزاد هجڻ تائين ڇڪڻ، منهنجي خيال ۾ هڪ غلط گمان ۽ بي معنيٰ اندازو آهي. دريائي تمدنن جا ڪي ڪي پهلو لازمي طرح هڪجهڙا ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته قدرتي ماحول ۽ ان جو تمدني جزئيات تي اثر هڪجهڙو ٿي سگهي ٿو؛ پر ان مان ٻولين جي هڪجهڙائي يا قريبي لسبت ثابت ڪرڻ، حقيقتن کان نهايت بعيد ٿيندو. جيسين تائين موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهيو نه ويو آهي، تيسين ان قسم جا گمان ۽ نظريا قائم ڪرڻ، صحيح نه آهي.

آرين جو سنڌ تي تسلط تاريخي طرح ثابت ٿي چڪو آهي. آريا چاهي ڏکڻ کان آيا، سمنڊ رستي آيا، يا 'ميرو' پربت کان هماليه لتاڙي هندستان ۾ آيا، اهو ته چڱيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته هنن پنهنجون بيٺڪون سنڌو واديءَ ۾ به قائم ڪيون هيون — ۽ اتان ئي ان خطي کي 'سنڌو' ۽ 'سپت سنڌو' نالا مليا؛ بلڪ 'سنڌو' ('سنڌ') تان ئي "هند" (هندستان) کي اهو نالو مليو. هن سلسلي ۾ آءٌ پڙهندڙن کي سرڳواسي ڪاڪي ڀيرومل جي "قديم سنڌ" پڙهڻ جي ضرور گذارش ڪندس. هن صاحب جي ڪتاب نهايت ئي تحقيقي دليلن سان، جنهن محنت ۽ سنڌ لاءِ جنهن عقيدت سان ويهي لکيو آهي، سا پنهنجو مثال پاڻ آهي.

سنڌو واديءَ ۾ جڏهن آريا پنهنجون پڪيون پختيون بيٺڪون ڄمائي ويٺا، تڏهن هن خطي ۾ جيڪي ٻوليون رائج هيون — مثلاً ڪولن، سنٿالن ۽ دراوڙن جون ٻوليون، يا ٻيون اهڙيون ٻوليون، وغيره — سي رفتي رفتي سنسڪرت يعني آرين جي ٻوليءَ ۾ سمائجي ويون. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب سنسڪرت جي ترقي يافته صورت هئي. ازان سواءِ، آرين جو تسلط ڪجهه اهڙي قسم جو رهيو — ۽ ان زماني جي حالتن موجب (اڄڪلهه جي حالتن وانگر) ڏاڍي کي ئي زنده رهڻ جو حق هو (The principle of Survival of the Fittest) — جو ڪمزور مقامي آباد ٿيل قبيلا آرين ۾ سمائجندا ويا، ۽ سندن ٻوليون سنسڪرت ۾ گم ٿينديون ويون. ان ڪارگذاريءَ کي ڪيترو عرصو لڳو، ان لاءِ يقين سان ته ڪجهه چئي نٿو سگهجي، البته اهو سمجهي سگهجي ٿو ته ان لاءِ ڪافي عرصو لڳي ويو هوندو. ان بعد آريا اوڀر طرف پکڙڻ لڳا، ۽ سندن مکيه ڪُلَ يا ٽڪون آئوڌ، ڪاشي، بنارس، پاٽنا وغيره ڏانهن پکڙجي ويون. ميرو پربت کان پهتل اصل آرين سان گڏجي، هنن آرين اتي پنهنجيءَ زبان کي صرف-نحو، وياڪرڻ، ڌرمي ڪتابن ۽ ساهت ۾ ڍلڻ شروع ڪيو. سنسڪرت جيڪا سنڌ ۾ رهي، سا محض 'ٻولي' يعني 'ڳالهائڻ جو وسيلو' رهجي ويئي، ۽ اوڀر طرف اها ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو وسيلو بنجي ويئي. آهستي آهستي، اوڀر واري سنسڪرت برهمڻي وياڪرڻ ۽ مذهبي قيدن ۾ جڪڙجي

ويٺي. آتي ٻوليءَ کي ايتريقدر شُڌ رکڻ جي ڪوشش ٿيڻ لڳي ويئي، جو ڪن طبقن کي سنسڪرت ڳالهائڻ کان منع ڪئي ويندي هئي، ۽ غلط ڳالهائڻ وارن تي سزائون مقرر ڪيون وينديون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو 'لکيت واري سنسڪرت'، يعني نحوي پابندين ۾ جڪڙيل زبان، 'ڳالهائڻ واريءَ سنسڪرت' تي غالب پئجي، مٿس بندشن وجهڻ ۽ قيد عائد ڪرڻ لڳي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته جنهن به ٻوليءَ کي هٿرادو بندشن ۽ قيدن ۾ جڪڙيو ويو آهي، سا مري ويئي آهي. سنسڪرت کان پوءِ لاطينيءَ جو مثال به انهيءَ اصول جي تائيد ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح لکيل لاطيني لکيل ئي رهجي ويئي، ۽ ڳالهائڻ واري لاطيني بندشن ڪري چند اپڀاشائن — فرينچ، انگريزي، اٽالين، پورچوگيز ۽ اسپينيءَ — کي جنم ڏيئي پاڻ مري ويئي، تيئن ان کان گهڻو اڳ لاطيني جي به ماءُ سنسڪرت پڻ ساڳئي قسم جي بندشن ۽ بندشن ۾ قيد ٿي، ڪن اپڀاشائن کي جنم ڏيئي، مري چڪي هئي. اهڙين زبانن کي سڏين ٿا 'مئل يا سُڪي ويل زبانون' (Fossil languages). ويدن، پراڻن ۽ سوترن ۾ بند ٿيل سنسڪرت نه جاڳي سا نه جاڳي، پر آن جون ڌيئرون — پراڪرتون — پنهنجي پنهنجي طبعي ماحول جو اثر قبول ڪنديون اڳتي وڌنديون ويون. انهن مان سڀ کان وڌيڪ ترقي 'پاليءَ' ڪئي، جو جلدئي ان کي هڪ نئينءَ قوت — ٻڌ ڌرم جي تبليغ ۽ پرچار — جو سهارو ملي ويو.

پٺي طرف سنڌ ۾ جيڪي آريا رهجي ويا، انهن جي ٻولي ڪنهن به قسم جي بندشن کان سواءِ قدرتي اصولن تي ارتقا ڪندي ويئي. منهنجي خيال ۾، ڪن سببن جي ڪري چاڪاڻ ته سنڌ جي سنسڪرت هڪ ڊگهي عرصي تائين محض ڳالهائڻ جي ٻولي ئي رهي، ان ڪري ان جي اوسر ۽ ارتقا بنهه الڳ نموني تي ٿي. ٻولين جي ارتقا ۾ لفظن جي اچارن ۽ نحوي بناوتن جي سوس ۽ ڪفايت جو اصول عالمگير آهي. انهيءَ اصول تي سنسڪرت جون ڪيتريون ئي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، نحوي ڦيرين گهيرون، اچارن جي اٽانگائي ۽ ڏيگهه، ۽ ٻيون ڪي خصوصيتون، وقت جي راهه تي ڇڻنديون، ڪرنديون، گم ٿينديون ويون. سنڌ جي مخصوص جغرافيائي ماحول، هڪ مخصوص فضا، ۽ پيداوار جي ذريعن جي ورهاست، وغيره، ۾ اها زبان هڪ خاص مقامي ڍنگ رنگ اختيار ڪندي ويئي. ان دوران ۾ وڻج واپار، راڄنيتي ۽ ٻين ميدانن ۾ ٻين تمدنن ۽ زبانن سان جيڪو واسطو سنڌي ماڻهن جو رهيو، اهي اثر به سنڌ جي ٻولي قبول ڪندي ويئي، ۽ لفظن، نحوي بناوتن ۽ اچارن ۾ پنهنجي شڪل شبيهه اختيار ڪندي ويئي، ۽ ڪو اهڙو وقت آيو جو اصل سنسڪرت ۽ هن ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ ٻوليءَ هوندي به هڪ وڏو ويڇو پئجي ويو — ۽ اهو ويڇو ايترو ته هو، جو جڏهن ڪن ماڻهن ٻنهي ٻولين کي ڀيٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي سنسڪرت جي لحاظ کان نه رڳو اپڀرمش يا اپڀرنش يعني بگڙيل ٻولي، بلڪ 'وراچڊ اپڀرنش' يعني 'بنهه بگڙيل ٻولي' سڏڻ لڳا؛ پر، ساڳئي وقت، تمدني پهلوئن ۾ ۽ ڪن نحوي بناوتن ۾ اسان جي ٻولي ٻين سنسڪرتي پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت کي گهڻو وڌيڪ ويجهي پڻ نظر آئي. هت آءٌ سنڌيءَ جي هڪ چاڻو، محقق ڊاڪٽر ٽرمپ، جو

حوالو لفظ بلفظ لکڻ کان رهي نٿو سگهان. هو چوي ٿو:

"For, while all the modern vernaculars of India are already in a state of decomposition, the old venerable mother-tongue being hardly recognizable in her degenerate daughters, the Sindhi has, on the contrary, presented most impartant fragments of it, and created for itself a grammatical structure, which surpasses in beauty of oxecution and internal harmony by far the loose and levelling construction of its sisters."

ڊاڪٽر ٽرمپ جي هن حوالي ۾ هڪ ڄاڻوءَ جو تاثر سمايل آهي— پر اهڙو ڄاڻو، جيڪو سنڌ ۽ هند جي تمدني پس منظر ۽ سيبتائي فوقيت کان ايترو واقف نه هو. جيڪڏهن ڏيهي تحقيق جو مطالعو ڪجي ٿو ته وري هڪ ٻيءَ ڳالهه جو خيال رکڻو پوي ٿو. علم اللسان ۽ علم لغات اسان جي برصغير لاءِ نوان علم آهن. انهن علمن جي وسيع اصولن کان اڻڄاڻائيءَ ڪري ئي خود مارڪنڊيه جهڙن ڄاڻن به سنڌيءَ کي 'بگڙيل' بلڪ 'بنهه بگڙيل' زبان سڏيو. هو سنڌيءَ ۾ اهڙيون حقيقتون ڏسڻ لڳا، جيڪي اصل سنسڪرت سان گهري واسطي ۽ لاڳاپي رکندي به، سنسڪرت جي اسلوب ۽ مزاج کان بنهه جداگانه هيون. اهو اسلوب ۽ مزاج خالص سنڌي ماحول ۽ خالص سنڌي تمدن جي پيداوار هو، ان ڪري ارتقا جون اهي چيزون جيڪي مقامي اثرن ۽ مقامي ماحول جو نتيجو هيون، اهڙن عالمن جي راءِ ۾ ڪوبه رد عمل پيدا ڪري نه سگهيون. ان ڪري جا چيز دراصل ارتقا ۽ اوسر جي نشانبر هئي، ان کي هو ٻوليءَ جو بگاڙو سمجهڻ لڳا. ٻولين جي ارتقا ۽ هڪٻئي سان ڳانڍاپي جي اصول کي پنهنجي اکيان رکڻ کان سواءِ، محض ڪن لفظن جي مشابهت ۽ هڪجهڙائيءَ مان ڪي نتيجا ڪڍڻ صحيح نه آهي. مون اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي ته لساني مشابهت جي اصولن سان گڏوگڏ ٻولين جو تمدني، طبعي ۽ عوامي پس منظر وسارڻ نه گهرجي. انهيءَ نُڪتي کي وسارڻ ڪري، ڪي محقق صاحب ڪڏهن ڪڏهن اهڙا نتيجا ڪڍي ٿا ويهن، جيڪي نه فقط غلط ۽ گمراهڪُن آهن، پر ايذائيندڙ پڻ آهن. اهڙا ئي ڪجهه نتيجا ڊاڪٽر صاحب جن به ويهي ڪڍيا آهن، جن جو پنهنجيءَ سمجهه آهر رد ڪڏ اڳتي هلي ڏيندس. هتي آءٌ اي. بي. جانسن جو هڪ قول ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو. هو صاحب پنهنجي ڪتاب "ٽريٽز آف لئنگئيج" ('ٻوليءَ جو اپياس') ۾ چوي ٿو ته 'ٻوليءَ جي فطري اصليت متعلق غلط فهميءَ، انسانيت جي ٻين سمورين غلطين جي ڀيٽ ۾، انسان جو وڌيڪ وقت خراب ڪيو آهي، ۽ سندس ڪوشش ۽ قابليت کي اجايو ۽ بيسود ضايع ڪيو آهي.'*

---

* "Our misapprehension of the nature of language has occasioned a greater waste of time, effort and genius than all the other mistakes and delusions with which humanity has been afflicted." *(Quoted by Clyde Kluckbohn, in "Mirror for man", Page 113.)*

۾ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ٿي نه، پر سڌيءَ طرح ان جي هڪ تدريجي بدليل صورت آهي — ۽ اها بدليل صورت ان وقت کان تشڪيل وٺڻ لڳي، جڏهن آرين جو ڪجهه حصو پورب طرف لڏي چڪو هو؛ ۽ چاڪاڻ ته اسان جي ٻولي هترادو وياڪرڻ ۽ ڌرمي قيدن ۾ بند نه ٿي ويئي، ان ڪري اسان جي ٻوليءَ جي ارتقا آوازي ڦيرگهير ۽ سماجي ضرورتن جي قاعدن پٽاندر بلڪل قدرتي طور ٿيندي ويئي. ان جا ڪجهه نشان اسان کي ٻوءِ جي تاريخ مان به ملن ٿا. ابن نديم (سن ٣٧٧ هه) جو اهو بيان ته سنڌ ۾ اٽڪل سؤ کن 'رسم‌الخط'(؟)* آهن، ڪافي غورطلب آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ بيان ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ان بيان مان اهو ٿي ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي لکڻ جي صورت محض مقامي ضرورتن جو نتيجو هئي، ۽ ڪن پابندين کان سواءِ، محض لکپڙهه جي سهوليت لاءِ، ماڻهو اها پنهنجي لاءِ مختلف طرح پيدا ڪندا ٿي ويا. اسان جي ٻولي بنيادي طرح فقط ڳالهائڻ جي ٻولي ٿي رهي، ۽ لکڻ جون صورتون ماڻهو ضرورت آهر واپار ۽ ڏيتيءَ ليتيءَ لاءِ ناهيندا ۽ ڪم آڻيندا ٿي رهيا — ايتريقدر جو مختلف واپاري طبقن جا پنهنجا پنهنجا رسم‌الخط پيدا ٿي چڪا هئا. اهوئي سبب آهي جو، سنسڪرت جي برعڪس، سنڌي، قيد بند جي ٻوماٽ کان آزاد رهي، کليءَ فضا ۾ ساهه کڻندي، زنده رهندي ٿي آئي. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت وانگر ڪو همه‌گير رسم‌الخط پيدا نه ٿيو، ۽ ان ڪري سنسڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ لکيل ادب جي ڪابه صورت — ناٽڪ، راڄنيتي، سماجي ۽ آرٽڪ مضمون، آکاڻيون ۽ ناول — پيدا نه ٿي. هڪ طرح اها اسان جي بدنصيبي هئي جو اسين پنهنجو ڪو لکيل ادب پيدا نه ڪري سگهياسون؛ ٻئي طرف خوش‌قسمتي اها ٿي ته اسان جي ٻولي محض ڳالهائڻ جي ٻولي هجڻ ڪري سنسڪرت وانگر مري ڪين ويئي، پر زنده رهي. ٻهرينءَ بدنصيبيءَ جي تلافي وري ٻئي طرف ٿي ويئي: اها تلافي آهي اسان جو لوڪ ادب. اسان جي ٻولي پنهنجي لوڪ ادب جي ڪري ئي زنده آهي. اسان جو لوڪ ساهت اسان جي ٻوليءَ جي جيئري هجڻ جي نشاني آهي — ۽ اسان کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي تمدن جي ماضيءَ لاءِ پنهنجي لوڪ ساهت جي آئيني ۾ نهارڻ گهرجي. مون کي ان ۾ ڪوبه گمان نه آهي ته اسان جو لوڪ ادب ۽ لوڪ فن نهايت قديم آهن، ۽ اسان جي قديم سنڌين جي آرزوئن ۽ آدرشن، ريتن ۽ رسمن، اٽڻ ۽ ويهڻ — مطلب ته زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو مظهر آهن. انهيءَ آخري گذارش کان پوءِ، آءٌ ڊاڪٽر صاحب جي مضمون جو جائزو پيش ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجو مضمون قديم دور جي بيان سان شروع ڪيو آهي. هن حصي جي شروع ۾ ئي هڪ اهڙي ڳالهه بيان ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪافي غلط‌فهمي پيدا ڪئي آهي، ۽ جنهن لاءِ خود ڊاڪٽر صاحب کي به وضاحت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. منهنجي سمجهه آهر، انهيءَ وضاحت کان پوءِ به اها غلط فهمي دور نه ٿي سگهي آهي. ڊاڪٽر صاحب

* هن مان شايد مروج لپيءَ يا رسم‌الخط جا سؤ کن اکر مراد هجي.

مضمون جي شروع ۾ ئي هڪ غيريقيني، يا ائين ڪٿي چئي ته هڪ انتهائي انوماني خيال پيش ڪيو آهي ته "سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا 'سامي' زبانن جي مٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو." سنڌ جي قديم ٻولي سامي زمانن جي مٽ مان هئي، تنهن مان ظاهر آهي ته اهو ئي مقصد نڪري ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي سامي زبانن مان هڪڙي زبان هئي. ڊاڪٽر صاحب ان لاءِ جيڪو جواز پيش ڪيو آهي، سو به محض ظني يا انوماني آهي، جيئن اڳتي هلي عرض ڪندس.

ان بعد ڊاڪٽر صاحب هيءُ خيال ظاهر ڪيو آهي ته جيئن ته اُن (قديم) دور ۾ سنڌ جو ڏاکڻو حصو— ٿر ۽ لاڙ— سمنڊ هيٺ آيل هو، ان ڪري آرين جون بيٺڪون سنڌوءَ جي مٿين ڪناري يعني پنجاب جي آسپاس قائم ٿيون— ۽ دريا جي انهيءَ ئي خطي ڪي "سنڌو" نالو ڏنائون. آءٌ سمجهان ٿو ته يقيناً هتي 'پنجاب' جي خطي ۾ ڊاڪٽر صاحب اتر سنڌ ۽ وچولي سنڌ کي شامل ڪونه ٿو ڪري. فرض ڪجي ته لاڙ ۽ ٿر وارا پاسا سمنڊ هيٺ هئا به ڪٿي، ته موجوده سنڌ جي باقي حصي ۾ آرين بيٺڪون ڇو ڪين قائم ڪيون؟ دراصل، سنڌ جي 'ڌرتي وگيان' (Geology) جي ڄاڻن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌ جي موجوده طبعي تشڪيل (Topography) لکين ورهيه پراڻي آهي. لڪيءَ جا جبل ۽ ان جي آسپاس وارا زمين جا ٽڪرا اڄ کان ڇهه ڪروڙ ورهيه اڳ سمنڊ منجهان پيدا ٿي چڪا هئا، ۽ جڏهن 'زندگيءَ' جي ارتقا ۾ "ٿڃارائيندڙ جانور" جو دور (age of mammals) پهتو، تڏهن ئي سنڌ مان سمنڊ هٽي موجوده طبعي حالت تي پهچي چڪو هو— يا ان ۾ ڪٿي موجوده سمنڊ جي پاسي ڏانهن چند ميلن جو فرق تصور ڪجي. طبعي تبديلين ٿيڻ ۾ لکين ورهيه لڳي وڃن ٿا؛ ۽ اهو تقريباً ثابت ٿي چڪو آهي ته سنڌ جي موجوده ڌرتيءَ جي پڪيڙ جو دور لکها ورهيه پراڻو آهي*. آرين کان گهڻو گهڻو اڳ، جڏهن پهريون انسان سنڌ ۾ پيدا ٿيو يا وارد ٿيو، تڏهن سنڌ لکين ورهين کان موجوده صورت ۾ موجود هئي: ان ڪري ڊاڪٽر صاحب جيڪو دورن جي ورهاست ۾ اولين قديم دور بيان ڪيو آهي، تنهن مان سندس مقصد شايد آرين کان چند هزار ورهين اڳ جو دور آهي. درحقيقت دنيا ۾ انسان جي وجود کان اڳ، سنڌ جي ايراضيءَ مان سمنڊ هٽي چڪو هو. انهيءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ ڪو به سبب ڪونهي ته زندگي سنڌ ۾ به دنيا جي ٻين خطن وانگر پيدا ٿي، ۽ ارتقا ڪندي انساني جامي ۾ آئي.

تاريخ جو ٿورو گهڻو اشارو اسان کي جيڪو ملي ٿو، ان منجهان به ڊاڪٽر صاحب جو اهو جواز غلط ثابت ٿئي ٿو. آرين کان گهڻو گهڻو اڳ سنڌ ۾ 'نئين پٿر واري دور' جا نشان ملن ٿا. ڪزنس جي احوال موجب، مسٽر ڪارٽر، ڪراچيءَ کان فقط ويهن ميلن جي مفاصلي تي،

---

*Cf. Dr. Pithawala :"*A physical and economic Geogrophy of Sind*", *pp. 60-61.*

جهرڪن جي آسپاس ۽ ٽرڙيءَ جي ويجهو ٿئين پٿر واري زماني جي ٻيٺڪن جا ڪيترا نشان ڏٺا هئا؛ خود آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جون رپورٽون پڻ انهن بيانن جي تصديق ڪن ٿيون. مٿين حقيقتن کي تفصيلي بيان ڪرڻ مان منهنجو مقصد صرف اهو آهي ته جڏهن آريا سنڌ ۾ آيا، تڏهن سنڌ جيئن اڄ آهي تيئن موجود هئي، ۽ ڪو سبب نه آهي ته آريا فقط پنجاب جي خطي ۾ وڃي رهيا هجن. آرين جي هندستان اچڻ لاءِ هڪ نظريو اهو به آهي ته هو سمنڊ ذريعي پڻ آيا هئا؛ ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته هو سمنڊ رستي ئي سنڌ پهتا، ۽ اڳتي وڌندا سموريءَ سنڌو واديءَ ۾ ڦهلجي ويا. ڪجهه عرصي کان پوءِ انهن جا ڪجهه ڪٽنب اوپر ڏي وڌندا ويا. هنن جنهن خطي کي 'سنڌو' نالو ڏنو، ان ۾ سنڌ جو هيٺيون سمورو دوآبو شامل هو، ۽ انهيءَ ئي خطي تي پوءِ اهو نالو خصوصي طور قائم رهجي ويو. جيڪڏهن رڳو پنجاب ۽ ان جي ڪناري وارن خطن کي 'سنڌو' نالو ڏنو ويو هو ته اهو نالو موجوده سنڌ تي ڪيئن پيو، ۽ پنجاب تي اهو نالو قائم ڇو نه رهيو؟ پنجاب جي مٿين علائقي — اٽڪ ۽ غازيپور طرف — مون ماڻهن کي ائين چوندو ٻڌو آهي ته "هي سنڌ درياءَ آهي، ۽ سنڌ طرف ئي وڃي ٿو." اهي لفظ اڻپڙهيل ڳوٺاڻن جا آهن. ان مان جهان به اشارو اهو ئي ملي ٿو ته آرين 'سنڌو' نالو درياءَ کي ڏنو، ۽ جنهن علائقي ۾ ٻيٺڪون ڪري ويهي رهيا، انهيءَ کي 'سنڌو' يا 'سنڌ' ئي سڏڻ لڳا. ڪو وقت آيو، جڏهن ملتان کان مٿي وارن علائقن مان ڪافي آريا لڏيندا پورب طرف وڌندا ويا. هيٺين علائقي مان به ڪجهه ماڻهن جي لڏي وڃڻ جا مثال ملن ٿا. بهرحال، ملتان کان هيٺين علائقي ۾ آريا گهڻي تعداد ۾ رهجي ويا، جي پنهنجي علائقي کي 'سنڌ' يا 'سنڌو' ئي سڏيندا رهيا. ٻوليءَ ۾ مقامي اثرن جي ڪري، ٻولي به 'سنڌي' سڏجڻ ۾ آئي.

ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ ته "سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي الهندي وارن ملڪن مان آيا، ۽ انهن سنڌ دريا جي الهندي ڪناري واري ايراضيءَ ۾ پنهنجون ٻيٺڪون قائم ڪيون،—سا به تنقيد ۽ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پوري نٿي اچي، ۽ غلط ثابت ٿي ٿئي؛ خصوصاً تڏهن، جڏهن انهيءَ راءِ مان ڊاڪٽر صاحب جو مقصد 'موهن جي دڙي' واريءَ تهذيب وارن ماڻهن بابت آهي — جيئن اڳتي هلي پاڻ وضاحت ڪئي اٿن. سنڌ کي اول اول جن ماڻهن اچي آباد ڪيو، انهن جي تاريخي طرح ڪا ڄاڻ ڪانه ٿي ملي؛ البت تمدني ثبوت جي بنا تي ائين چئي سگهجي ٿو ته جيئن ته موهن جي دڙي کان اڳ ڪنهن سڀيتا جا پختا ثبوت ڪونه ٿا ملن، ان ڪري موهن کي دڙي جي 'اولين تاريخي سڀيتا' سڏي سگهجي ٿو. ان لاءِ سبب هي آهي ته انهيءَ سڀيتا کان اڳ، يعني دراوڙن جي سڀيتا کان اڳ، ڪولن ۽ سنٿالن جا به ڪجهه ڪجهه نشان ملن ٿا. موهن جي دڙي واري تهذيب دراوڙ تهذيب آهي، جيئن ڪوجنائن ڪندڙن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي؛ البت آتي دراوڙن سان گڏ ڪولن ۽ سنٿالن جون ڪوپريون ۽ هڏن جا پڃرا پڻ لڌا آهن. پر، خصوصي طرح سر جان مارشل ۽ ٻين ڄاڻن جي راءِ موجب، اها دراوڙ سڀيتا آهي. جيڪڏهن انهيءَ راءِ کي صحيح مڃجي — جنهن

کي نہ مڃڻ لاءِ ڪو بہ وزندار دليل موجود ڪونهي — تہ پوءِ اسان کي موهن جي دڙي جي تمدن ۽ ٻين تمدنن ساڻ سنڌس لاڳاپي ڳولڻ لاءِ انهيءَ راءِ کي پيش نظر رکڻو پوندو. اهو خيال رکندي، ڪهڙيءَ لاءِ ائين چئجي بہ ڪٿي تہ ”سنڌ جو هي قديم تمدن ’مغربي دريائي تمدن‘ يعني دجلہ ۽ فرات دريائن جي سمير ۽ بابلي تمدنن جو ساٿياري آهي“; پر ائين چوڻ لاءِ يقيناً ڪو سبب ڪونهي تہ ”— ازان سواءِ اهو سنڌ جو قديم تمدن ’هڪ قسم جو‘ سامي تمدن آهي، ۽ نہ آريائي“، ۽ ”انهيءَ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي بہ ڪا ’سامي-صفت‘ زبان هئي“ — ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ خود سمير ۽ بابلي تمدنن جو سامي تمدن هئڻ مشڪوڪ آهي، ۽ ٻيو تہ ”ساٿياري“ لفظ جي معنيٰ شايد ’همعصر‘ آهي ۽ نہ ’همجنس‘.

ڊاڪٽر صاحب مٿين چند جملن ۾ ڪجهہ اهڙا لفظ ۽ فقرا ڪم آندا آهن، جن جي معنيٰ جي ڪين بہ پڪ ڪانہ ٿي ڏسجي، جو مختلف جملن ۾ اهي مختلف مفهوم ادا ڪن ٿا. ”ساٿياري“ لفظ منجهان ڊاڪٽر صاحب درحقيقت الائي ڪهڙي مراد ورتي آهي! ان جي هڪ صورت تہ اها آهي تہ ڊاڪٽر صاحب ’ساٿياري‘ لفظ انگريزي لفظن contemporary يا contemporaneous جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي — يعني تہ اهي تمدن هڪ ئي تاريخي دور جي پيداوار آهن، ۽ همعصر آهن. جيڪڏهن اها ئي صورت صحيح آهي تہ پوءِ انهيءَ مان اهو نتيجو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪونہ ٿو نڪري تہ اهو تمدن ”هڪ قسم جو سامي تمدن“ آهي. ”هڪ قسم جو“ صفتي اصطلاح ڪم آڻي، ڊاڪٽر صاحب انهيءَ نتيجي کي نهايت منجهائيندڙ ۽ مبهم بنائي وڌو آهي. پر جيڪڏهن ان جو اهوئي مقصد ورتجي تہ قديم سنڌي تمدن ”سامي تمدن“ جي ئي هڪ صورت آهي، تہ پوءِ ڊاڪٽر صاحب جو ڪڍيل نتيجو نہ فقط حقيقتن جي بنا تي، بلڪ، جيئن مٿي چيو ويو، منطقي طرح بہ غلط ٿيندو. ان طرح جيڪڏهن چئجي تہ آمريڪي ’ريڊ انڊين‘ ماڻهن جو ”سئو“ تمدن بہ موهن جي دڙي جي تهذيب جو ساٿياري آهي، ۽ ان ڪري سنڌ جو قديم تمدن بہ هڪ قسم جو ’سئو‘ تمدن آهي، يا ’سئو‘ تمدن هڪ قسم جو سنڌي تمدن آهي، تہ اها بلڪل بي معنيٰ ڳالهہ ٿيندي. همعصر تمدنن کي محض ان ڪري تہ اهي همعصر يا ساٿياري تمدن آهن، هڪجهڙا يا هڪٻئي جي صورت جا تمدن سڏڻ منهنجي راءِ ۾ صحيح نہ آهي. پر جيڪڏهن ’ساٿياري‘ مان مقصد اهو آهي تہ هڪ ئي ٽولي ۽ ساٿ جا تمدن آهن، تہ پوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ دراصل انهيءَ تمدنن جي ٽولي جو بنياد ڪهڙو، ۽ انهن تمدنن کي اسين ساٿياري ڇو ٿا سڏيون؟ منهنجي خيال ۾، ڊاڪٽر صاحب جي پيش نظر هڪ تہ انهن تمدنن جو همعصر هجڻ آهي، ٻيو ڪن طبعي خصوصيتن جي هڪجهڙائي، ۽ ٽيون موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي دجلہ ۽ فرات جي تمدنن وارين مهرن سان ڪجهہ ظاهري هڪجهڙائي. تاريخي مواد ۾ ڪن ٺوس ثبوتن جي غير موجودگيءَ ۾ اهي ٽيئي ڳالهيون ڪيترين ئي قياس آرائين کي جنم ڏيئي سگهن ٿيون، ۽ ڊاڪٽر صاحب جي قياس آرائي بہ ڪن مثبت حقيقتن جي انهيءَ غير موجودگيءَ جي سهاري تي بيٺل آهي. جيڪي ٿوريون گهڻيون حقيقتون موجود آهن،

ڏنو ويو آهي." *

هن سلسلي ۾ مٿين راءِ ڪافي وزن رکي ٿي. ان سان گڏ، جڏهن اسين پيون حقيقتون جاچيون ٿا تہ انهيءَ راءِ جي وڌيڪ پختگي ۽ صداقت معلوم ٿئي ٿي. سر جان مارشل جهڙو مستند ۽ مڃيل ڄاڻو بہ مختلف تمدنن جي ڀيٽ ڪندي موهن جي دڙي لاءِ چوي ٿو:

"...a marvellous culture, surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mesopotamia...!"

موهن جي دڙي جي هيءَ تمدني برتري ٻڌائي ٿي تہ سمير ۽ بابل وارا تمدن سنڌ جي هن قديم تمدن جي ڀيٽ ۾ ڪيترا ئي درجا پوئتي آهن — ۽ اهو شايد ان ڪري آهي جو اهي تمدن سنڌ جي قديم تمدن جي ئي هڪ صورت آهي، جا لڏپلاڻ ڪري اوڏانهن پهتي، ۽ انهيءَ منتقليءَ ۾ ان جون ڪيتريون ئي خوبيون، سمير ۽ ميسوپوٽيميا پهچندي پهچندي، جهڪيون ٿي ويون. ان زماني ۾ تمدنن جي لڏپلاڻ تاريخ جو هڪ رنگ هو، ۽ انهيءَ رنگ بدلجڻ

* "قديم سنڌ"، ص ١٠٥

"After the study of above one thousand eight hundred inscriptions, which upto now have been deciphered by the present writer, it is easy to realize that the wave of migration of the Mediterranean race which was supposed to have been from West to East, must now be finally settled as having taken place in the opposite direction, i. e. from East to West. The development of the script of *Mohen-Jo-Daro* in relation with the Sumerian script, the religion of these two countries and that of Egypt the titles of kings, the number of Zodiacal Constellations among the proto-Indian people and the relative positions of these constellations, the changing of the proto-Indian constellation of *Harp* (yal) for *Taurus* (the bull) which must have taken place in Sumer, the tradition of the ancient people of Mesopotamia recorded by Berosus, the parralel biblical account in Genesis II,1-5,-all point to the same conclusion that the migration of the Mediterranean race commenced from India and extended through Southern Mesopotamia and Northern Africa, spread through Crete, Cyprus, Greece, Italy and Spain, and crossing the Pyrenes reached Central Europe and the British Isles. This route starting from Ceylon upto Ireland is marked by an interrupted chain of dolmens and other megaliths, that seem to be relics of this enterprising and highly civilized race which is termed 'Mediterranean' by the anthropologists and which in India has been quite unreasonably despised under the name 'Dravidian- Rev. H. Heras, S. J.: *Journal of Indian History. Vol. XVI, Part 1, April 1937, Serial No. 46.*
(Quoted by Bherumal. in *"Qadeem Sindh", pp. 66-67*)

۾ هزارين ورهيه لڳي ويندا هئا. ڪي عالم ته اهو به ثابت ڪري چڪا آهن ته موهن جي دڙي وارو تمدن سمير ۽ بابل جي تمدنن کان گهٽ جهونو آهي. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي ميسوپوٽيميا جي لڌل مهرن سان ظاهري هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي، موهن جي دڙي جي قدامت به اها ئي قائم ڪئي ويئي آهي جا ميسوپوٽيميا جي تهذيب جي آهي، يعني اٽڪل پنج هزار ورهيه ق. م. هيءَ تخمينو جنهن بنياد تي لڳايو ويو آهي، سو نهايت ئي ڪمزور ۽ هڪطرفو آهي. ڪيترن ئي ذيهي عالمن، علم جوتش ۽ ويدن مان سوڌيل حقيقتن جي بنياد تي، موهن جي دڙي جي قدامت پنجن هزارن سالن کان گهٽي جهوني ۽ آڳاٽي ثابت ڪئي آهي. انهيءَ حقيقت کي خيال ۾ رکندي هيڪاري يقين پختو ٿو ٿئي ته سمير ۽ بابل جا تمدن موهن جي دڙي جي تمدن جا مرهون منت آهن.

باقي رهي ڪن خصوصيتن جي هڪجهڙائي، سو سڀ کان اول ته اهي تمدن دريائي تمدن هئا. پاڻيءَ جو سنو انساني تمدنن جو هميشه آماجگاهه رهيو آهي، ۽ دريائي وادين جون ڪجهه خصوصيتون مختلف ملڪن ۾ به ساڳيون ٿين ٿيون؛ ان ڪري تمدنن جا اهي جزا جيڪي طبعي اثرن جو نتيجو ٿين ٿا، سي به هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا.

هاڻي جيڪڏهن مٿين سمورين حقيقتن کي خيال ۾ رکبو، ته اهوئي چئي سگهبو ته موهن جو دڙو دراوڙ تهذيب جو نشانبر آهي، ۽ اهي دراوڙ هندستان ۽ سنڌ مان لڏي بلوچ سمنڊ وارن علائقن ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا، ۽ اتي پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيائون؛ ان ڪري ان طرف جا تمدن به موهن جي دڙي جي تمدن جي هڪ صورت آهن؛ ۽ موهن جي دڙي جو تمدن بهرحال انهن تمدنن کان وڌيڪ جهونو ۽ وڌيڪ بهتر تمدن آهي: ڇاڪاڻ ته ائين چيو وڃي ته سنڌ جو قديم تمدن 'هڪ قسم جو سامي تمدن' آهي، جنهن ڳالهه جو نه آهي منهن نه مٿو، نه پير نه ڪُرُ!

انهيءَ ساڳئي نظريي جي بنياد تي ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻيو نتيجو هي ڪڍيو آهي ته "انهيءَ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به ڪا 'سامي-صفت' زبان هئي، جا سنڌ جي اوائلي زبان هئي." هن نتيجي ۾ به ڊاڪٽر صاحب هڪ ذومعنيٰ ۽ منجهائيندڙ فقرو "سامي-صفت" ڪم آندو آهي. غالباً 'سامي-صفت' مان مراد سامي زبانن جهڙي، يا سامي زبانن جون خصوصيتون رکندڙ ڪا زبان آهي. ان لاءِ جواز هڪ مزيدار پيش ڪيو اٿن — ۽ اهو اشارو هي آهي ته انهيءَ جا مسخ ٿيل نشان موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي موجود آهن! ڊاڪٽر صاحب اهو نتيجو ان بنياد تي ڪڍيو آهي ته (سندن چوڻ موجب) ڇاڪاڻ ته قديم سنڌي تمدن 'هڪ قسم جو سامي تمدن' هو، ان ڪري ان جي ٻولي به سامي-صفت آهي. آن جي بدران ڊاڪٽر صاحب لاءِ بهتر ٿئي ها جو سڌو پاڌو هيئن چون ها ته 'سنڌ جي قديم زبان "هڪ قسم جي سامي زبان" هئي'، ۽ بس؛ ۽ ٻوءِ ڇاڪاڻ ته ان ٻوليءَ جو ڪو ذرو پرزو به اسان وٽ سڃاڻپ لاءِ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري ان جي ردڪد جي ڪئي ڪا گنجائش ئي ڪانه رهي ها.

آءٌ مٿي اڳي ئي عرض ڪري آيو آهيان تہ ڪنهن بہ بنياد تي قديم سنڌي تمدن کي هڪ قسم جو سامي تمدن سڏڻ صحيح نہ آهي. هاڻي اچو تہ ٻوليءَ تي بہ نظر وجهون. گرامر ۽ محاورن جون ننڍيون ننڍيون تبديليون ۽ خصوصيتون نظرانداز ڪندي، آءٌ هت فقط سامي زبانن جون بنيادي خصوصيتون بيان ڪندس، جيڪي علم‌اللسان جي ماهرن بيان ڪيون آهن. مري ويل يا زلده سامي زبانن جي گروهہ جي سڀ کان اهم خصوصيت آهي "ٽِہ-اکرائي" (triliteralism)؛ يعني سامي زبانن جا سمورا ڌاتو ٽن صحيح حرفن جو مجموعو آهن. دراصل انهيءَ ٽہ-اکري ڌاتو هجڻ جي خصوصيت ئي سامي زبانن جي رسم‌الخط ٺهڻ جو وڏو سبب سمجهي وڃي ٿي. سامي زبانن جي ٻي خصوصيت آهي حرف علت جو اندروني ڦيرو internal vowel) (change، جيڪو ڌاتوءَ جي منجهڻ وقت (root inflexion) وقت ظاهر ٿئي ٿو. ڌاتوءَ جو منجهڻ آريائي زبانن ۾ بہ آهي، پر سامي زبانن ۾ ان جو هڪ مخصوص نظام آهي. انهيءَ ڦيري سان گڏ، اڳياڙين ۽ پڇاڙين (prefixes and suffixes) جو ڳانڍاپو، سامي زبانن جي نحوي بناوت جو مرڪزي نُڪتو آهي. مون کي ياد آهي تہ ننڍي هوندي جڏهن پنهنجي والد کان عربي لفظن جا اشتقاق ٿي سکيم، تڏهن اهو ڏس ڏنائون تہ عربي لفظن جا اشتقاق ڳولهڻ لاءِ ڪنهن بہ لفظ منجهان "يتسمنوا" جا ست اکر موقعي آهر ڪڍي ڇڏبا آهن، پر ان ۾ اهو خيال رکڻو آهي تہ اشتقاق ۾ ٽي اکر ضرور رهن. اهو قاعدو مون کي اڄ تائين ڪونہ وسريو آهي: مثال طور مصرف، متصرف، مستصرف، مصروف، مصارف، وغيره جهڙن لفظن تي اهو 'يستمنوا' وارو قاعدو لڳائبو، تہ اشتقاق يا ڌاتو 'صرف' ملي پوندو. ٽہ-اکري ڌاتوءَ واري خصوصيت نہ صرف زلده سامي زبانن جي خصوصيت آهي، بلڪ مري ويل سامي زبانن — جهڙوڪ عبراني وغيره — ۾ پڻ اها خصوصيت قائم آهي. ان جي ابتڙ، سنڌيءَ جا اڪثر ڌاتو ٻہ-اکرا آهن. جيڪڏهن سنڌ جي قديم ٻولي سامي سٽ مان هئي، يا سامي-صفت هئي، تہ پوءِ ان خصوصيت جو ڪو جهڪو اهڃاڻ بہ اسان کي موجوده سنڌي زبان ۾ ڇو نٿو ملي؟ هيءُ هڪ اهڙو فرق آهي، جو سنڌي — قديم يا جديد — ٻوليءَ کي ڪڏهن بہ سامي زبانن جي قطار ۾ شمار ڪري نٿو سگهجي. سنڌيءَ جا ڌاتو ظاهر ظهور سنسڪرت جي ڌاتن مان لاڳاپيل آهن، بلڪ اڪثر حالتن ۾ بنهہ ساڳيا آهن. اڳياڙين ۽ پڇاڙين ۾ بہ سنڌي خالص سنسڪرت جا اصول وٺيو بيٺي آهي، ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جا. ان سلسلي ۾ آءٌ ڊاڪٽر صاحب توڙي پڙهندڙن کي ڀيرومل جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صفحي ٣٣٢ کان ٣٣٤ تائين پڙهڻ جي ضرور گذارش ڪندس. انهن صفحن مان چڱيءَ پر ثابت ٿي وڃي ٿو تہ اسان جا اسم، اسان جون صفتون، اسان جا فعل ۽ اسان جون ضميري صورتون هوبهو سنسڪرت وارين اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي نحوي صورت جو نتيجو آهن.

جيتريقدر ٻين ٻولين جي اثر جو تعلق آهي، اها تہ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي ٻوليءَ تي، تاريخي سببن جي ڪري، قومن جي ڏاڍ مڙسيءَ جي ڪري، وڻج واپار جي ڪري، ٻين ٻولين جو

ڪجهه اثر ضرور پيو آهي. پر، اهو اثر محض چند لفظن ڪي پنهنجو ڪري ڇڏڻ تائين محدود آهي. اها ته اسان جي ٻوليءَ جي خوبي آهي جو ٻين زبانن جي لفظن کي اڌارو وٺي، انهن کي ڦيرائي گهيرائي، بنهه پنهنجو بڻايو ڇڏي. دنيا ۾ ٻي هڪ اهڙي ٻولي انگريزي آهي، جنهن ۾ تقريباً دنيا جي هر ٻوليءَ جا لفظ رائج ٿي چڪا آهن. انگريزيءَ تي انهن ٻولين جي اثر ڪري ڪو به ماڻهو انهيءَ کي ’بربر‘ يا ’بانٽو‘ ٻولين مان نڪتل يا ويجهيءَ طرح لاڳاپيل ڪونه ٿو سمجهي. ٻولين تي علائقائي اثر به ٿئي ٿو — يعني هڪٻئي سان ويجهن ۽ ڳنڍيل علائقن ۾ اڪثر ٻولين جون ڪي ڪي خصوصيتون عام ملنديون آهن — جيئن ڊاڪٽر صاحب ’پيتو‘، ’لاتو‘، ’ڪيتا‘، وغيره جا مثال ڏنا آهن. داردي ٻولين جو ڪٿي اثر ڪجهه سنڌي ٻوليءَ تي پيو به هجي، پر خود انهن ئي مثالن مان ٻولين جي انفراديت ظاهر ٿي پوي ٿي. مٿيان ماضي بيقاعدي ٿهيل آهن، ۽ سنسڪرت ۾ ماضيءَ جي ڪن صورتن ۾ ’ت‘ اکر وچ ۾ اچي ٿو: مثال طور، ڪُرت = ڪيو، پيتا = پيتو، سپته = سُتو، وغيره. سرائڪيءَ ۽ پنجابيءَ ’ڪُرت‘ کي ’ڪيتا‘ جي صورت ڏني، پر سنڌيءَ ۾ اهو ماضي ’ڪريو‘ ۽ ’ڪيو‘ بنجي ويو. ’پيتو‘ ماضيءَ جي صورت ۾ سنڌيءَ، سرائڪيءَ، پنجابيءَ ۽ لهندا ’ت‘ واري صورت قائم رکي. ’سپته‘ کي سنڌيءَ ۾ ’ستو‘، پنجابيءَ ۾ ’ستا‘، سرائڪيءَ ۾ ’سُتو‘ ئي قائم رکيو وڃي ٿو. ’لاتو‘ واري صورت فقط سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ قائم رهي؛ پنجابي (لهندا) ۾ اها صورت بس ’لايا‘ بنجي ويئي. هند-آريائي ٻولين لاءِ ’لايا‘ جو جيڪو مثال ڊاڪٽرصاحب ڏنو آهي، سو شايد ڪنهن غلطفهميءَ ڪان. اهو ’لايا‘ لفظ ’لاتا‘ جو ماضي آهي، يعني آڻڻ؛ ’لاتو‘ سرائڪي ۽ سنڌيءَ جو، ۽ ’لايا‘ پنجابي ’لائڻ‘ يا لڳائڻ جي معنيٰ ۾ آهي. ازان سواءِ اهي مثال سنڌيءَ کي ڪنهن به طرح ڪنهن مخصوص اثر جي پابند ثابت نٿا ڪن. سنڌيءَ ۾ ڪيترا ئي ماضي بيقاعدي ٿهن ٿا — ڪن ۾ ’ت‘ آندي وڃي ٿي، ڪن ۾ ’ڌ‘، ته ڪن ۾ ’ن‘. اهي ٻوليءَ جون پنهنجون خصوصيتون آهن، جي هر ٻوليءَ ۾ علحديون علحديون ملن ٿيون. جيڪڏهن ڪو همه گير داردي اثر هجي ها ته ان جا مثال هر انهيءَ ماضي ۾ ملن ها، جيڪي هموزن ۽ هڪجهڙن فعلن جي صورت ۾ موجود ملن ٿا. مثلاً ’ڏيڻ‘ فعل کي ئي وٺو: سنڌيءَ ۾ ماضي ’ڏنو‘، سرائڪيءَ ۾ ’ڏتو‘، پنجابيءَ ۾ ’دتا‘، ۽ هنديءَ ۽ ان سان لاڳاپيل هند-آريائي ٻولين ۾ ’ديا‘ آهي. اثرن جي اهڙا ورچ هر ٻوليءَ جي پنهنجي آهي. ڪنهن مخصوص اثر کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب کي اهڙا مثال ڏيڻ گهربا هئا، جن ۾ ڪو اصول نمايان هجي، جن کي نسبتي اهميت (relative impartance) هجي، ۽ جن کي علم لغت جي دائري ۾ ڪا حيثيت هجي.

اهي مثال ڏيندي ڊاڪٽر صاحب هڪ مثال ضمير متڪلم جي جمع واريءَ صورت ’اسين‘، ’اسان‘ ۽ ’آسي‘ کي (سنسڪرت جي) ’اسمي‘ لفظ (يا فقري ؟) مان اڪتل ڏيکاريو آهي، ۽ ان لفظ کي سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت جي زماني جي ڪنهن پراڪرت جو سڏيو اٿس، جنهن کي پروٽو-پراڪرت (Proto-prakrit) جو نالو ڏنو اٿس. پروٽو-پراڪرت مان

مٿينءَ وضاحت مان اهو پڻ ظاهر ٿي ويو هوندو ته 'اسين' يا 'اسان' ضميرَ "آسمي" مان نڪتل نه آهن، جيئن ڊاڪٽر صاحب فرمايو آهي، پر انهن جو ڌاتو ڪو ٻيو آهي. اهو ڌاتو آهي "آس" ۽ "اسمان" يا "اسماڀي". سنسڪرت ۾ 'ويدڪ' مان ڳڻ اهي به لفظ به 'اسين' يا 'اسان' لاءِ ڪم اچن ٿا. پر هي 'آس' مٿين "آس" (= ٿيڻ) ڪان مختلف آهي. اهو لفظ 'آس' به سنسڪرت جي ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي آهي، جنهن هيٺين مثال منجهان ظاهر ٿيندو.

| سنڌي | لئٽن | يوناني | پراڻي پارسي | سنسڪرت |
|---|---|---|---|---|
| ڏيون اسين | dam+us | didom+es | dadem+ahi | dadm+us |
| =اسين ڏيون | دام + اس | ديدوم + اِس | دادم + آهِي | دادم + اس |

انهن مثالن ۾ 'آس' پڇاڙيءَ جون مختلف صورتون ڪم آيل آهن، ۽ ضمير متڪلم جمع جي نمائندگي ڪن ٿيون. سنسڪرت 'آسمان' جي هڪ ڌاڻيءَ (stem) 'آنس' (-نْس) مان متڪلم جمع جون ٻيون صورتون (oblique cases) نڪتل آهن — مثلاً، انگريزي us - آس، سويڊش oss - آس، ڊئنش os - آس، ڊچ ons - آنس، جرمن uns - انس، وغيره. اهي سمورا مثال ضمير متڪلم جمع جون مفعولي صورتون (dative) آهن. انهيءَ 'آس' پڇاڙيءَ مان ئي سنڌيءَ جو لفظ 'اسين' ٺهيو، ۽ ان جي صورت مفعولي (dative) 'اسان' بڻيو، جو سنسڪرت "اسمان" يا "اسماڀي" منجهان ٺهيو، جو پوءِ فاعلي صورت ۾ به استعمال ٿيڻ لڳو. سنڌيءَ ۾ 'اسين' محض فاعلي صورت آهي، ۽ 'اسان' ان جي مفعولي صورت آهي — مثلاً "تو اسين ڪي چيو" جي بدران چئبو "تو اسان کي چيو". نحوي ترڪيب جي لحاظ ڪان رفتي رفتي "اسين" جو استعمال به محدود ٿي ويو، ۽ "اسين" فاعلي صورت جو استعمال فقط لازمي زمان ماضيءَ سان وڃي وابسته ٿيو؛ فعل متعدي زمان ماضيءَ مان بنهه خارج ٿي ويو، ۽ باقي سڀني حالتن ۽ صيغن لاءِ 'اسين' ۽ 'اسان' ٻئي ڪتب اچڻ لڳا — مثال طور "اسين چيو" بدران "اسان چيو" صحيح آهي. 'چوڻ' فعل متعدي آهي. فعل لازمي ۾ 'اسين' ۽ 'اسان' ٻئي ڪم اچن ٿا — مثلاً "اسين آياسون" يا "اسان آياسون". سنڌيءَ جي وياڪرڻ جي اها خصوصيت به صرف زمان ماضيءَ تائين محدود آهي — ياد رکڻ گهرجي ته ٻين زمانن ۾ لازمي توڙي متعدي فعلن ۾ 'اسين' ۽ 'اسان' جو اهو فرق منجهي وڃي ٿو. انهن مثالن ڏيڻ مان منهنجو مقصد نه فقط "اسين" ۽ "اسان" جو بنياد ڏيکارڻو هو، بلڪ انهن جو فرق پڻ ظاهر ڪرڻو هو؛ ڇاڪاڻ ته انهيءَ نحوي ارتقا کي اسان جي ٻوليءَ جي انفراديت قائم ڪرڻ ۾ وڏو دخل آهي. اهي ئي جزئياتي فرق آهن، جي سنڌيءَ جي انفراديت ۽ ٻين ٻولين جي اثرن ڪان آزاديءَ جا نشان آهن.

ڊاڪٽر صاحب ان بعد سنڌ جي ٻوليءَ ۽ پالي پراڪرت جي مٿس اثر جي تاريخ وبهي بيان ڪئي آهي. انهيءَ تاريخ ڪان ته ڪو انڪاري نه به ٿئي، پر ڊاڪٽر صاحب انهن منجهان جيڪي نتيجا وبهي ڪڍيا آهن، انهن سان مون کي اختلاف آهي. لاشڪ پاليءَ جو اثر سنڌيءَ تي ضرور ٿيو هوندو، ۽ اهڙا لفظ به ڳولي سگهجن ٿا، جيڪي پاليءَ جو اثر ظاهر ڪن ٿا. اهو اثر بلڪل

اهڙو ٿيو، جهڙو ٻوءِ ڪن ٻولين جو — يعني تہ سنڌي انهن ٻولين مان جيڪي ٿورا لفظ پاڻ ۾ سهوليت سان سمائي (assimilate) سگهي سي ڪٺي ورتائين، ۽ باقي اثرات نين تبديلين جي ڪري زائل ٿيندا ويا. ائين چوڻ صحيح نہ آهي تہ سنڌيءَ (سنڌ جي ٻوليءَ؟) تي سنسڪرت جو اثر پهريائين (؟) پاليءَ جي ذريعي ٿيو، ڇاڪاڻ تہ پاليءَ کان گهڻو اڳي آريا هت آباد ٿي چڪا هئا، ۽ سندن ٻولي سنسڪرت سنڌ ۾ رائج ٿي چڪي هئي. ٻڌ ڌرم جي پرچار جو اهو بہ هڪ خصوصي امتياز رهيو آهي تہ ٻڌ ڌرم جي پرچار ڪندڙن پاليءَ سان گڏ مقامي زبانن ۾ پڻ پنهنجا خيال ٿي ظاهر ڪيا. آسوڪا يا اشوڪ راجا جي ٿنڀن تي پاليءَ کان سواءِ اتر-اولهہ جي پراڪرت، ڏکڻ-اولهہ واريءَ پراڪرت، هماليہ پرديش جي پراڪرت، ۽ گنگا ماٿريءَ واريءَ پراڪرت يعني اوڀر واريءَ پراڪرت جا ليک لکيل ملن ٿا. ٻوڌين جي مذهبي تبليغ جو اهو هڪ بنيادي اصول رهيو هو تہ مختلف علائقن جي پراڪرتن ۾ ئي تبليغ ڪئي ويندي هئي؛ ان ڪري سنڌ ۾ بہ هنن ضرور پاليءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ پرچار ڪيو هوندو. اسان وٽ پاليءَ يا ٻيءَ ڪنهن پراڪرت جو ثبوت ڪونہ ٿو ملي، ان منجهان تہ هيڪاري پڪ ٿي ٿئي تہ ڇاڪاڻ تہ سنڌي ان وقت بہ ڪافي ترقي يافتہ زبان هئي، ٻوڌين جي تبليغ گهڻو ڪري سنڌي ۾ ئي ڪئي ويئي هوندي. حڪمران طبقي جي اشاري تي مُلا، پنڊت ۽ پروهت تہ هونئن ئي ڏيرن جا ڍير ميسر ٿي پوندا آهن؛ ۽ ڌرمي پرچار اثرانتو بہ مقامي ٻوليءَ ۽ ماحول ۾ ٿئي ٿو. ان جو هڪ مثال عيسائيت جي تبليغ جي تاريخ بہ مهيا ڪري ٿي. ان ڪري، منهنجيءَ راءِ ۾، سنڌيءَ جي تشڪيل اڳي ئي اهڙي مڪمل پايي تي پهتل هئي، جنهن ۾ ٻوڌين پنهنجي تبليغ ڪئي، ۽ ان دوران ۾ ڪجهہ اکر پاليءَ جا بہ سنڌيءَ ۾ اچي ويا هوندا. ٻوليءَ جي سنسڪرتي ماهيت اڳي ئي ساڳي هئي، ۽ ان تي پاليءَ جو اثر ٻين ٻولين وانگر فقط چند مخصوص لفظن تائين محدود رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جي مضمون جو ٻيو حصو سڀ کان زيادہ توجهہ طلب آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تمدن سان نهايت بي انصافيءَ واري هلت ڪئي ويئي آهي. مضمون جي انهيءَ حصي ئي مون کي ذهني اذيت پهچائي آهي: هڪ تہ ان ڪري جو ڊاڪٽر صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي قلم مان اهي چيزون نڪتل آهن، ۽ ڊاڪٽر صاحب مان مون کي اها هرگز اميد ڪانہ هئي تہ پاڻ علمي تحقيق ۾ پنهنجيءَ ذاتي پسند ۽ هڪطرفي ذهني لاڙي کي ايترو داخل ٿيڻ ڏيندو؛ ٻيو تہ هن حصي ۾ چند اهڙا مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، جن کي ڪوبہ تمدني يا منطقي بنياد ڪونهي؛ ازانسواءِ، دانستہ يا نادانستہ، هن حصي ۾ ڪجهہ اهڙا جملا پڻ آيل آهن، جيڪي سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي تمدن لاءِ نازيبا ۽ ناروا سمجهيا ويندا. مون کي يقين آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جو پنهنجو مقصد اهو هرگز نہ هوندو، جيڪو اهي جملا ادا ڪن ٿا. ٻر، پنهنجن خيالن ظاهر ڪندي، ڊاڪٽرصاحب انهيءَ رنگ ۾ رنگجي ويو آهي، جيڪو سنڌ جي فارسي مؤرخن يا سندن سنڌي مترجمن اختيار ڪيو آهي. اهي تاريخون ۽ ترجما — چچ نامو (فتح نامو)،

تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام — هڪ اهڙي يڪطرفي رنگ جا حامل آهن، جيڪو انهن جي سموريءَ علمي ۽ تاريخي حيثيت کي ڪاپاري ڌڪ ٿو هڻي. انهن تاريخن ۽ سندن سنڌي ترجمن ۾ سنڌ جي قديم باشندن کي ڪافر هجڻ ڪري ملعون، لعين، ۽ خدا ڄاڻي ڪهڙن ڪهڙن اڻ سهائيندڙ لفظن سان ياد ڪيو ويو آهي. انهن تاريخن جي مترجم صاحب به ترجمي ڪندي، (شايد ترجمي جي ديانتداريءَ کي خيال ۾ رکندي!) سنڌين لاءِ اهي لقب القاب قائم رکيا آهن. ائين به نه آهي ته ڪو ترجمي کي اصل سان متفق رکڻ لاءِ ائين ڪيو ويو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي ڪن فقرن ۽ جملن جو رعايتاً آزاد ترجمو به ڪيو ويو آهي. ڇا اهو ممڪن نه هو ته مترجم صاحب اهڙن ڏکوئيندڙ لفظن کي ترجمي ڪندي حذف ڪري ڇڏي ها، ۽ وڌ ۾ وڌ ڪٿي اهڙو فٽنوٽ ڏيئي ڇڏي ها؟ ڪاش، اسان جا صاحبِ علم حضرات ٿورڙو تعصبي رنگ کان هٽي، بيريا عالمانه انداز سان، مذهبي ڇوت ڇات کي علمي تحقيق کان ٻاهر رکندي، سنڌ جي تاريخ تي محنت ڪن ها! ممڪن آهي ته انهن ڳالهين لاءِ اهو جواز پيش ڪيو وڃي ته پراڻين تاريخن جو اسلوب ئي اهڙو هو، ان ڪري ان کي قائم رکڻ ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي. پر اهي ته ٿيا پراڻا مثال، جيڪڏهن ويهين صديءَ ۾ لکيل ڪن مغربي مستند مؤرخن جون اهڙيون تاريخون (مثلاً ايچ. جي. ويلس جو 'آئوٽ لائين آف ورلڊ هسٽري')، جن ۾ اسان مسلمانن ۽ اسان جي مذهبي اڳواڻن لاءِ ڪي دل آزاريندڙ لفظ استعمال ڪيل آهن، جيڪڏهن ڪو شخص ويهي سنڌيءَ ۾ لفظ بلفظ ترجمو ڪري، ته اهي ئي ساڳيا عالم يقين اٿم ته انهيءَ مترجم تي ڪارين جو ڏوڙيو لائي ڏيندا!

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي دور کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو آهي. انهن مان پهريون حصو آهي "فتح اسلام وقت ٻوليءَ جي صورت ۽ سٽا". انهيءَ حصي ۾ مکيه نظريو اهو پيش ڪيو ويو آهي ته ڇهين صديءَ کان يارهين صديءَ واري عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي. ان لاءِ بنياد انهيءَ مفروضي تي قائم ڪيو ويو آهي ته 'عربي دور حڪومت کان اڳ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي موجود هجڻ جو ظني ۽ گماني دليل به موجود ڪونهي'. ساڳئي وقت ڊاڪٽر صاحب ٿورو ئي اڳتي سنڌ تي لکيل اولين تاريخ چچنامي ۾ ڏنل ڪجهه سنڌي لفظن — شهرن جي نالن، طبعي چيزن جي اسمن، اضافي ترڪيبن، وغيره — جا مثال ڏنا آهن. ڇا، اهي مثال موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل جو ڏس ڪونه ٿا ڏين؟ انهن چند لفظن جي مطالعي مان ئي ڏسجي ٿو ته سنڌي ٻولي ڪرازڪر پنهنجي آوازن ۽ اچارن جي تشڪيل ان کان گهڻو اڳ ئي ڪري چڪي هئي. انهن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جي ٻوليءَ جا انوکا آواز — يعني ٺ، ج، ٻ، ڏ، وغيره — عربن جي ڪاهه وقت ٻوليءَ جي آوازن جي ترتيب (phonetics) ۾ موجود هئا — اها ٻي ڳالهه آهي ته عرب ۽ فارسي مؤرخ، انهن نرم ۽ لطيف آوازن کان بيعلميءَ جي ڪري، انهن کي پنهنجين ٻولين جي محدود صورتخطيءَ ۾ ادا ڪري نه سگهيا. جيڪڏهن اهو مڃيو وڃي ٿو ته اهي آواز ان وقت موجود هئا، ته پوءِ تاريخي

طرح الهن جي پيدا ٿيڻ جو سنڌو به عربن کان گهڻو اڳ مقرر ڪرڻو پوندو، ڇو ته اهي اچار اسان وٽ اڄ به اڻين ئي موجود آهن. علمِ اللسان ۾ انساني ٻولين جي آوازن (phonetics) جي تاريخ موجب، اسين انهن کي ڪروڙ ڪر اوتري ڄمار ته عربن کان اڳي به ڏيئي سگهون ٿا، جيتري عربن کان پوءِ. جيڪڏهن ٻوليءَ جي آوازن جي ترتيب کي اسين عربن کان اڳي جو پيدا ٿيل مڃون، ته پوءِ لامحاله اهو به مڃڻو پوندو ته ٻوليءَ جي 'تشڪيل' به عربن کان اڳي، بلڪ گهڻو عرصو اڳي، ٿي چڪي هئي. انهيءَ لاءِ علمِ اللسان جا ڪيترا ئي اصول ڏيئي سگهجن ٿا. ان سلسلي ۾ پنهنجي مضمون جي منڍ ۾ آءٌ اڳي ئي ڪجهه عرض ڪري آيو آهيان. طوالت جي ڊپ کان، هت فقط آءٌ هڪ وڏيڪ سبب ڄاڻائيندس. آوازن جي ترتيب هرڪنهن ٻوليءَ جي تشڪيل جي اولين ڏاڪن مان آهي. هر نئين آواز پيدا ڪرڻ لاءِ انسان کي هزارين ورهيه لڳي ٿا وڃن. دنيا جي سمورين ٻولين جي آوازن جي ترتيب جي تاريخ اهوئي ٻڌائي ٿي ته بنيادي آوازن (primary sounds) جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جيڪي مرڪب آواز يا اختراعي آواز ٺهندا آيا آهن، اهي انساني گفتگو ۾ ٻوليءَ جي تاريخ جو پتو پڻ ڏين ٿا، ۽ هر نئين اختراعي آواز ٺهڻ ۽ استعمال ٿيڻ ۾ هڪ ڊگهو عرصو لڳي ٿو وڃي. مثال طور، عربي اسان جي مذهب جي زبان آهي، ۽ سنڌ جا مسلمان گذريل ٻارهن سون ورهين کان قرآن مجيد پڙهندا آيا آهن — ان هوندي به اڄ سنڌ ۾، سواءِ ڪن مولوين جي، اوهان کي ڏهن هزارن ۾ به هڪ ماڻهو نه ملندو جو عربي ث، ص، ح، ق ۽ ع جهڙا آواز صحيح عربي لهجي ۾ اچاري سگهي. (پڙهندڙ خود به پنهنجي نڙيءَ کي هن مضمون پڙهندي اها مشق ڏيئي سگهن ٿا.) عربيءَ جا اهي اچار به اختراعي آواز آهن، ۽ عرب دنيا ۾ انهن کي وجود ۾ آئي هزارين ورهيه گذري چڪا آهن. ساڳيءَ طرح، سنڌيءَ جي انهن خاص پنهنجن آوازن ٺهڻ ۾ به ايترو ئي ڊگهو عرصو لڳي ويو هوندو. انسان آوازن ٺاهڻ سان لفظ گهڙڻ شروع ڪندو آهي. اسان جي آوازن — ٻ، ڄ، ڃ، ڳ، ڱ، ڻ، وغيره — وارا لفظ ٻوليءَ جي تشڪيل جي انفرادي خصوصيت بنجي ويا، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي موجوده تشڪيل انهن آوازن جيتري ئي پراڻي آهي.

جيڪي مثال ڇڇنامي ۾ لفظن جا ڏنا ويا آهن، انهن جي ساخت ۽ ڏاتن معلوم ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ طبعي جزئيات جا اسم اڄ به بلڪل انهيءَ ئي شڪل ۾ موجود آهن، جيڪا شڪل عربن جي ڪاهه وقت هئي. اهي لفظ ان وقت بنيا هوندا، جڏهن سنڌ جا ماڻهو انهن چيزن سان روشناس ٿيڻ لڳا هوندا. نه رڳو ايترو، پر انهن لفظن جي نحوي بناوت ۽ اضافي ترڪيبن جا اهڃاڻ به ملن ٿا. جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن 'ديبل'، 'ٻيٽ' يا 'ندي' فقط ڇهين صديءَ کان پوءِ ئي ڏنيون، ته پوءِ شايد ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ درست معلوم ٿئي ها؛ پر اهي چيزون سنڌ جي جاگرافيءَ جو نمايان ۽ لازم-ملزوم حصو آهن، ۽ اهي نالا سنڌ جي انهن ماڻهن قائم ڪيا هوندا، جن جو انهن سان واسطو رهيو، ۽ انهن ئي سنڌي ٻوليءَ کي تشڪيل ڏني. سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل کان محض ان ڪري انڪار ڪرڻ ته عربن

ڪان اڳي جي تاريخ اسان وٽ نہ آهي، اهو ڪو علمي دليل ڪونهي— بلڪ ان کي تہ مفروضو (hypothesis) بہ سڏي نٿو سگهجي— اهو تہ محض غيرمنطقي ڏُڪو (illogical conjective) ئي سمجهيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي موجوده تشڪيل جي قدامت جو هڪ مثال تہ خود ڊاڪٽر صاحب ڏنو آهي— حالانڪ ان مان پاڻ نتيجو نهايت ئي غيرمنطقي ڪڍيو اٿس، ۽ ان سان مون کي ڪوبہ اتفاق ڪونهي. ڏاهر جي چيل لفظن 'نسي من، لسي من' کي ڊاڪٽر صاحب "هتي مون، هتي مون" جو جامو پهرايو آهي: ان منجهان سنڌيءَ جي ضمير ۽ ظرف جو استعمال ثابت ٿئي ٿو. جيڪڏهن ان وقت سنڌيءَ جي ضميرن ۽ ظرفن جي اها صورت موجود هئي، تہ ٻوءِ ٻوليءَ جي نحوي تشڪيل جي قدامت کي ڪيئن ٿو شڪ ۾ آندو وڃي، سا ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ ڪانہ آئي! ڊاڪٽر صاحب انهيءَ منجهان اهو نتيجو ويهي ڪڍيو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ان وقت حرفن ۽ زمانن موجب فعل اچا جملي جي ربط جو لازم ملزوم جز نہ بنيا هئا! هڪ مشڪوڪ روايت تي مبني، ٻن اڻ سچاتل ۽ غلط سلط صورتخطيءَ ۾ لکيل ندائي لفظن کي جملو سڏڻ، ۽ ان ۾ معنائون وجهي، ان کي سنڌيءَ جي بي‌ربط ترتيب جي لشاني سڏڻ کي افسوسناڪ نہ بہ سڏجي، پر سچ پچ اها ڪيڏي نہ کل جهڙي ڳالهہ آهي! اهڙو هڪ ٻيو کل جهڙو "سنڌي جملو" (!) 'اره ڪره منده ره' وارو آهي. تعجب آهي تہ اسان جي عالمن انهيءَ جملي مان پڻ سنڌيءَ جي گوناگون بي ترتيبن کي ڳولي ڪيڻ تي طبع آزمائي ڇو نہ ڪئي آهي!— شايد ان ڪري جو ان مان مفهوم ڪنهن عرب حاڪم جي تعريف جو ورتو ويو آهي! اهو جملو راجا ڏاهر ڪان گهٽو پوءِ جو آهي، ان کي تہ عربي ۽ فارسي مؤرخ سمجهي ڪين سگهيا، باقي 'لسي من، نسي من' جي مطلب لاءِ مڙئي مغزماري ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ تہ ان مان سنڌي ٻوليءَ جي قديم ناقص ترڪيب جو ثبوت ٿي مليو، يا ڏاهر جي موت متعلق مفروضي کي ٽيڪ ٿي ملي!

ان بعد، ڊاڪٽر صاحب سنڌي لفظن جي بناوت ۽ جوڙجڪ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ جيئن اڳ تيئن هي لفظ حروف صحيح سان ٺهيل هئا، ۽ منجهن حرف علت يا تہ گهٽ هئا، يا ٻنهہ هئا ئي ڪونہ. اهو اصول انسان جي ڳالهائڻ سکڻ تي بحث ڪرڻ وقت تہ بيان ڪيو ويندو آهي تہ جڏهن انسان ڳالهائڻ سکيو، تڏهن اول اول هن حرف صحيح اچارڻ شروع ڪيا، ۽ حرف علت رفتي رفتي انسان جي زبان ۾ لفظن جي ٺهڻ جي سلسلي ۾ داخل ٿيندا رهيا؛ پر سنڌيءَ متعلق جنهن نتيجي لاءِ اهو اصول بيان ڪيو ويو آهي، اهو ڪافي دلچسپ آهي. شايد ڊاڪٽر صاحب جو اهوئي خيال ٿو ڏسجي تہ سنڌي ماڻهو ڳالهائڻ ئي عربن جي ڪاهہ وقت پئي سکيا، ۽ عربن ئي هنن کي صحيح طرح ڳالهائڻ سيکاريو! آءٌ وري بہ ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان ڇچنامي ۾ آيل سنڌي لفظن ڏانهن ڇڪائيندس: سنڌ جي تاريخي رڪارڊ ۾ جيڪي قديم ترين لفظ ملن ٿا، انهن ۾ پاڻ حروف علت جي ترتيب ڏسي تہ شايد ڪين پنهنجي نتيجي کي پاڻ ئي ريٽو پوندو. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب انهن لفظن لاءِ بہ ائين چوي تہ انهن ۾ ڪم آيل حروف علت بہ

عربي اثر جو نتيجو آهن، تہ پوءِ پنهنجي ’تُو ڪَتا‘!... آڻ مڃيي، جهڳڙو ئي چُڪو! ڊاڪٽر صاحب سنڌي لغت جو مهتمراعليٰ آهي: جيڪي لفظ پاڻ مثال طور ڏنا اٿن، انهن جي ذاتن ۽ سندن ارتقا تي ڪجهہ ڏيان ڏيڻ لاءِ پڻ آءٌ کين عرض ڪندس، ۽ اميد اٿم تہ کين پنهنجي راءِ ضرور بدلائڻي پوندي. سنڌيءَ سنسڪرت جي سورهن حرف علت مان ڏهہ اڃا تائين پاڻ وٽ قائم رکيا آهن، جن کي ا، و، ي کان سواءِ اعرابن ذريعي بہ استعمال ڪجي ٿو. دراصل لفظي بناوت ۾ سنڌيءَ ۾ اعرابن جو استعمال آڙيا ۽ ڪشميريءَ وانگر هر لفظ جي آخري اکر تي ڪيو وڃي ٿو، ۽ هر لفظ جو پويون اکر بہ متحرڪ ٿئي ٿو. حرف علت جي استعمال جو اهو طريقو سنسڪرت ۽ عربيءَ ۾ بہ نظر ڪونہ ٿو اچي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي نظريي جي جواز ۾ ”واڻڪي سنڌيءَ“ جو مثال ڏنو آهي. واڻڪو سنڌي رسم الخط سنڌ جي واپاري طبقي، فقط وڻج واپار جي لکپڙهہ لاءِ ناگري لپيءَ جي اکرن مان ٺاهيو. انهن اکرن ۾ ڪجهہ تبديلي آڻي، ماترائن کي حذف ڪيو ويو. اهو محض وقت بچائڻ ۽ لفظن جي نحوي بناوتن جي موشگافين کان بچڻ لاءِ ڪيو ويو. هندستان ۾ اهڙو ٻيو مثال مارواڙي الف-بي جو آهي، جنهن ۾ هنديءَ جا اڪثر اکر ماترائن کان سواءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. مارواڙين جو اهو دستور بہ ساڳئي اصول تي محض واپاري لکپڙهہ جي سهوليت لاءِ ڪيو ويو آهي. انهيءَ الف-بي مان لکيل جملن کي فقط واپاري طبقوئي پڙهي سگهي ٿو، جو انهن کي انهيءَ جو استعمال ٿي وڃي ٿو. واڻڪي سنڌي الف-بي تاريخي طرح ٽالپرن جي ڏينهن جي آهي، ۽ ان جو رڪارڊ بہ محض واپاري لکپڙهہ آهي. نہ رڳو انهيءَ ۾ ماترائن کي حذف ڪيو وڃي ٿو، پر فعلن کي بہ مخفف صورت ۾ لکيو ويندو آهي. مثلاً ’ميوارام‘ کي મેવારામ جي بدران મવરમ لکيو ويندو، جو هوئن پڙهڻ ۾ ايندو ’م-و-ر-م‘* انهيءَ نالي جي مثال مان ظاهر ٿيندو تہ ستن اکرن مان ٽي اکر (حرف علت) حذف ٿي ويا آهن؛ ليڪن سمجهڻ وارو پڙهڻ مهل ان ۾ حرف علت ڏليؤن ڪڍي، ان کي ’ميوا رام‘ ئي پڙهندو. ان ڪري، واڻڪي الف-بي اهو ثابت ڪانہ ٿي ڪري تہ سنڌيءَ ۾ لفظ رڳو حرف صحيح مان ٺهيل هئا؛ بلڪ هيءُ محض هڪ خاص طبقي جي لکپڙهہ جو طريقو هو، جو محنت ۽ وقت بچائڻ جي اصول تي ٺاهيو ويو هو. انهيءَ مان اهو مفهوم وٺڻ تہ اها هڪ قديم الف-بي آهي، ۽ ان ڪري قديم سنڌي لفظ حرف علت کان سواءِ هئا، ۽ ان ڪري عربي ٻوليءَ سنڌيءَ کي حرف علت مهيا ڪيا، ڪيتري نہ سطحي ڳالهہ تي معلوم ٿئي!

ان بعد ڊاڪٽر صاحب عربي دور حڪومت ۾ سنڌيءَ تي ٿيل اثرن کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي. تعجب آهي تہ ڊاڪٽر صاحب هن حصي کي بيان ڪرڻ ۾ هڪ اهڙو ڍنگ اختيار ڪيو آهي، جنهن مان اهو ٿو محسوس ٿئي تہ عربن جي ڪاهہ کان اڳ سنڌ ۾ ڪو سماج،

---

*واڻڪي الف-بي جي ٽائيپ ٺهيل ڪانهي، ان ڪري هت گجراتي اکر ڏنا ويا آهن.

ڪو معاشرو، ڪو نظام ٻڌي هوئي ڪونه، ۽ اهو عربن اچي سنڌ کي ميسر ڪري ڏنو! انهيءَ کان ڪوبه شخص انڪار ڪونه ڪندو ته حملي آور قوم جڏهن فاتح بڻجي حڪومت ڪرڻ لڳي ٿي، تڏهن ان جي ٻوليءَ جو اثر مقامي ٻوليءَ تي ضرور ٿئي ٿو: مگر هڪ محدود دائري اندر. ٻوليءَ کي مرڪزيت ۽ تشڪيل ڏيڻ کنهن حملي آور قوم جي دائرهٔ اثر کان بلڪل ٻاهر آهي. ان لاءِ ڪيترا نفسياتي سبب به آهن. سڀ کان اول ته ٻولي ماڻهن جي هڪٻئي سان گهرن تمدني، سماجي، ۽ راڄنيتي ناتن جو هڪ وسيلو آهي. حملي آور قوم جي ٻوليءَ جو اثر صدين کان پوءِ ٿيڻ لڳي ٿو: ڇاڪاڻ ته محڪوم قوم پنهنجي حاڪم قوم سان پختا تمدني ۽ سماجي لاڳاپا تڏهن ٿي پيدا ڪري ٿي، جڏهن حملي آور قوم لاءِ سندس نفرت ۽ غير اطميناني وقت جي مرهم سان ميٽجڻ لڳي ٿي، ۽ اهو وقت جو مرهم ڌارينءَ قوم جي اڳرائيءَ ۽ زيادتيءَ جي زخمن کي ڇٽائڻ لاءِ صدين جي عرصي ۾ پنهنجو ڪم رفتي رفتي ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ائين چوي ته عربن لاءِ سنڌين جي دل ۾ پيدا ٿيل نفرت جلد ئي ختم ٿي ويئي هوندي، ته اهو شخص قومن جي تاريخ ۽ نفسيات کان بلڪل بيعلم آهي. اسان وٽ تازو انگريزن جو مثال آهي. انگريزن تقريباً سو ورهيه سنڌ تي راڄ ڪيو: انهيءَ سو سالن جي عرصي ۾ انگريزي ٻوليءَ سنڌيءَ تي جيڪو اثر ڪيو آهي، سو عالم آشڪار آهي— ٻه-ادائي ويهون لفظن جون ٻه مشڪل ملنديون، جي سنڌيءَ ۾ داخل ٿيا. قومن جي تاريخ ۾ اهو ٻه هڪ مثالي نشان آهي ته شروع شروع ۾ حملي آور قوم جي ٻوليءَ لاءِ ماڻهن ۾ نفرت هوندي آهي. سواءِ واپاري طبقي جي ڪن گروهن ۽ حڪومت جي چاپلوس ماڻهن جي، عوام انهيءَ ٻوليءَ کي ڳالهائڻ هڪ غداري ۽ قومي بيغيرتي تصور ڪندو آهي. اهي احساس رفتي رفتي ماٺا ٿيندا آهن، ۽ ان ۾ ڪافي عرصو لڳي ويندو آهي. ان ڪري، عربيءَ جو اثر سنڌيءَ تي تمام دير سان ٿيو هوندو. عربيءَ جي اثر ۾ اسلام جي درجي بدرجي رائج ٿيڻ جوئي سڀ کان وڏو هٿ آهي: پر انهيءَ اثر ٻه شروع ۾ سنڌي ماڻهن ۾، سواءِ ڪن علمي طبقي جي ماڻهن يا سرڪاري نوڪرن جي، ڪوبه نمايان ڦهلاءُ ڪونه ڪيو. تاريخي ثبوت به اهو آهي ته عربيءَ جو ماڻهن ۾ نمايان اثر مس مس ڏهين ۽ يارهين صديءَ ۾ ٿيڻ لڳو. ان جو سڪيه سبب هڪ نئين مذهب جو ولولو هو، ۽ ٻئي طرف حاڪم قوم کي خوش ڪرڻ جو درجي بدرجي اڀريل جذبو. ان ئي عرصي ۾ اسين ڪي عربيءَ جا سنڌي شاعر ۽ اديب به ڏسون ٿا. اهي تاريخي حقيقتون آهن، جن کان انڪاري ٿي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ائين ٿو سمجهي ته سنڌي ماڻهن هڪدم عربي اثر کي قبول ڪرڻ شروع ڪيو، ته اهو محض هڪ اڳ سٽيل رجحان جي ماتحت، ۽ دنيا جي قومن جي تاريخ کان لاعلميءَ جي باعث.

جيسين سنڌي ماڻهو عربيءَ جو ٿورڙو اثر قبول ڪرڻ لڳا، تيسين عربي حڪومت جو به خاتمو ٿي ويو، ۽ سنڌ مقامي ماڻهن وٽ موٽي آئي. ان بعد عربيءَ جو اثر فقط مذهب جي ذريعي ٿيڻ لڳو، ۽ هڪ محدود دائري اندر اهو اثر اڄ تائين به قائم آهي.

ڊاڪٽر صاحب جن ڳالهين کي ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿيڻ جا سبب ڄاڻايو آهي، تن کي پڙهي ائين ٿو معلوم ٿئي ته عربن کان اڳ سنڌ هڪ بيابان ۽ جهنگ هو، جنهن ۾ نه ماڻهن تي ڪي ٽالا رکيل هئا، نه شهر هئا، نه ڪو زرعي نظام هو، نه پنهنجو معاشرو هو، نه سياسي مرڪزيت هئي، نه ڪا سماجي لهه وچڙ هئي، نه ڪو وڻج واپار هو، ۽ نه ڪي نوان شهر ۽ ڳوٺ ٻڌا هئا! خود مسلمان مؤرخن جون لکيل تاريخون ڊاڪٽر صاحب جي بيان خلاف شاهدي ڏين ٿيون. برهمڻ ۽ راءِ گهراڻي جي حڪومت، چچناسي جي مؤرخ جي بيان منجهان، هڪ جامع سياسي ۽ معاشرتي تنظيم ثابت ٿئي ٿي. سنڌن زرعي نظام، راءِ سهاسيءَ جي سخاوت، عدل انصاف ۽ حڪومتي سرشتو، ۽ چچ جي همه گير سياسي تنظيم جون جهلڪون انهن تاريخن ۾ به موجود آهن. ڇا اهي سموريون ڳالهيون هڪ پختي سياسي ۽ سماجي نظام جي شاهدي ڪونه ٿيون ڏين؟

ان بعد ڊاڪٽر صاحب ٻوليءَ جي "نفسياتي ڪيفيت" تي ويهي بحث ڪيو آهي. بهتر ٿئي ها ته ڊاڪٽر صاحب "ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت" جي ڪا تشريح ڪري ها، ڇاڪاڻ ته ان بيان کي پڙهي ائين ٿو معلوم ٿئي ته عربن جي تعريف ڪندي ڪندي، ۽ سنڌي تمدن کي لوڙيندي لوڙيندي، ٻوليءَ جي 'نفسياتي ڪيفيت' بنهه سنڌن ذهن تان ئي لهي ويئي آهي. هن ئي بيان ۾ ڊاڪٽر صاحب عربن ۽ سنڌين جي سڳابنديءَ جي ذڪر ڪندي هي لفظ ڪم آندا آهن، ۽ مضمون جي آخر ۾ وري به دهرايا آهن: "عرب اخلاقيات واريون وصفون — مثلاً مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت، سادگي ۽ مردانگي — سنڌين جي شخصيت جو لازم ملزوم نفسياتي جز بنجي ويون!" جيڪڏهن هڪ ڪم علم ۽ سطحي ذهن جو ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪري ها، ته ان کي هڪ سطحي ذهن جون سطحي ڳالهيون چئي درگذر ڪري ڇڏجي ها، پر ڊاڪٽر صاحب جي قلم مان اهي لفظ پڙهي مون کي سخت ذهني ايذاءُ پهتو آهي — ۽ هر سنڌيءَ کي پهتو هوندو. آءٌ سمجهان ٿو ته ڊاڪٽر صاحب انهن لفظن مان ادا ٿيندڙ مقصد تي پوريءَ طرح غور نه ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه سوچڻ بعد هو جيڪر اهي لفظ هرگز استعمال نه ڪري ها!

اهي وصفون جيڪي ڊاڪٽر صاحب بيان ڪيون آهن، تن کي اول ته ڊاڪٽر صاحب عربن جي ملڪيت ٺهرائي ڇڏيو آهي — يعني ته دنيا ۾ فقط عرب ئي انهن اخلاقن جا مالڪ هئا، ۽ جيڪڏهن ٻيءَ ڪنهن قوم ۾ اهي وصفون موجود آهن ته اهي عربن کان ئي اڌاريون ورتون اٿن! انسان جي سماجي ارتقا ۽ سندس اخلاقي ۽ سماجي قدرن جي ارتقا ته ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪا شي ئي ڪانه ٿي پانئجي. جيڪي ڪجهه اخلاقي ۽ سماجي قدر اسين انسان ۾ ڏسون ٿا، سي سمورا عربن جي ملڪيت ۽ ورثو آهن!

ڊاڪٽر صاحب علم الانسان (anthropology) ۽ سماجي علم (sociology) جو پڻ ڪافي مطالعو ڪيو آهي؛ ۽ انهن وصفن کي "عرب" سڏي، ڊاڪٽر صاحب انهيءَ سموري مطالعي جي لفي ڪئي آهي! اهي عرب اخلاقيات جون وصفون سنڌ جي نفسياتي ڪيفيت ۾ عربن جي ڪري

پيدا ٿيون، انهن چوڻ بدران جيڪڏهن ائين چئجي ها ته عربن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ سنڌي ماڻهو بي مروت، بي ضيافت، ڪانئر ۽ ڪنجوس هئا، ۽ منجهن مردانگي ڪانه هئي، ته ائين لکڻ سان ڪهڙو ڪم عصبيت کي ته ذهني سڪون ميسر ٿئي ها! ڪيڏي نه افسوسناڪ ڳالهه آهي جو جذبات جي وهڪ ۾ وهي اهڙيون ڳالهيون لکيون ويون آهن! نه رڳو ايترو، پر جذبات جو اهو وهڪ به ڪو اهڙو تکو ٿي ڏٺو، جو ڊاڪٽر صاحب کان اهو به وسري ويو ته پاڻ اڳيان ڇا چئي آيو آهي. عربن ۽ سنڌين جي سڳن جون ڳالهيون ڪندي، ڊاڪٽر صاحب هي لفظ به لکيا آهن ته "اهل سنڌ جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان به متاثر ٿيا"... ڪيڏو نه تضاد آهي ڊاڪٽر صاحب جي لفظن ۾! پر هتي به "اهل سنڌ" مان ڊاڪٽر صاحب جي مراد شايد صرف اهي اهل سنڌ هئا، جي عربن کان شرافت ۽ مروت سکي، شريف ۽ بامروت بڻجي چڪا هئا-!

اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو ته "(اهي اخلاقي وصفون) اهڙا تخيلات (concepts) هئا، جن جو اثر، خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت (thought process)، عمل جي نوعيت (behaviour)، ۽ اڃا به زياده لفس ڪلام جي هيئت ۽ ٻوليءَ جي سٽا تي پيو، جنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات اصلاً توڙي اصولاً بدلجي ويئي". ان لاءِ آءٌ سڌو سنئون اهو عرض ڪندس ته قبلا، اهي اخلاقي وصفون سنڌين جي خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت ۾ اڳي ئي بدرجهء اتم موجود هيون، ان ڪري انهن وصفن جو جيڪو اثر سنڌي ٻوليءَ جي هيئت ۽ سٽا تي پيو، سو اصلاً ۽ اصولاً عربن کان ڪئين صديون اڳ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ موجود هو.

ڊاڪٽر صاحب عربيءَ مان آيل لفظن تي ويهي بحث ڪيو آهي، سو ايترو ته اڇاترو آهي جو ان تي جيڪر ڪجهه نه چئجي ته بهتر. عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ لفظ داخل ٿيا آهن، تنهن کان ڪنهن کي به انڪار ٿي نٿو سگهي، پر انهن لفظن جي ڪري سنڌي تمدن کي ڪُلي طور عرب- تمدن جو مرهون منت سمجهڻ يقيناً زيادتي آهي. ٻن ٻولين جي هڪٻئي سان واهپي رهڻ ڪري ٻوليون هڪٻئي سان لفظن جي ڏي-وٺ ڪنديون آهن. تعجب آهي ته اسان جا عالم سنڌيءَ ۾ آيل عربي لفظن لاءِ ته ايترو بغاغو مچائڻ جا عادي ٿي ويا آهن، پر ڪنهن به عالم اڄ تائين انهيءَ امڪان تي غور ڪونه ڪيو آهي ته سنڌيءَ مان پڻ ڪي لفظ عربيءَ ۾ داخل ٿيا، ۽ ڪي پنهنجي اصليت عربيءَ ۾ وڃائي چڪا آهن. شايد ان جو اهوئي سبب آهي ته هو سمجهن ٿا ته عربيءَ کي 'امتيازي درجو' (privilege) حاصل آهي،— ۽ اهو ڀلا ڪيئن ممڪن آهي ته عربيءَ ۾ سنڌي لفظ آيا هجن؟ پر جيڪي ماڻهو سمورين ٻولين کي— پوءِ سنڌي هجي يا عربي، تامل هجي يا تيليگو— انسان جي ڳالهائڻ جو هڪجهڙو وسيلو سمجهن ٿا، سي ٻولين جي هڪٻئي سان ڏي-وٺ کي ڪنهن به تمدني عصبيت جي لڳاهه سان ڪونه ٿا ڏسن. عربيءَ ۾ سنسڪرت لفظن جو نشان "ڪافور" وغيره جهڙن لفظن ۾ ملي ٿو، ساڳيءَ طرح سنڌيءَ جا به ڪي لفظ عربيءَ ۾ آيا آهن، بلڪ انهن مان ڪن کي ابتو ڪري عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيل ثابت ڪرڻ

جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ۽ ڪن لفظن کي زوريءَ عربيءَ جو پڇ ڳنڍيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جيڪي لفظ مثال طور ڏنا آهن، انهن ۾ به اها دانسته ڪوشش نمايان آهي — يقيناً، لفظن جي اصليت کي ڳولي ڪڍڻ جي بيريا ڪوشش کي ان ۾ ڪو دخل ڪونهي.

مثال طور، 'هاري' لفظ وٺو. اول ته ڊاڪٽر صاحب ان کي 'حارث' مان ثابت ڪرڻ ٿو گهري؛ پر خود کيس ئي شڪ ٿو جاڳي، ۽ ان کي 'هر' مان نڪتل ته چوي ٿو، پر عربي اسم فاعل جي قاعدي سان! 'هَرُ' لفظ سڌو سنئون سنسڪرت ڌاتوءَ جو آهي، جو هنديءَ ۾ 'هل' آهي، ۽ گجراتيءَ ۾ "هڙ" آهي. گجراتيءَ ۾ ته ان سان لاڳاپيل فعل به آهي — 'هڙوون'، معنيٰ چِرڻ يا چورڻ، جو کيڙڻ جي معنيٰ ۾ به ڪم اچي ٿو — جيتوڻيڪ کيڙڻ يا هر ڏيڻ لاءِ گجراتيءَ ۾ عام استعمال ٿيندڙ فعل 'کيڙوون' آهي، ۽ ان مان 'کيڙوت' لفظ هاريءَ جي معنيٰ ۾ نڪتو آهي. ڊاڪٽر صاحب ته عربيءَ جو ڄاڻو آهي، ان هوندي به فرمائي ٿو ته 'هاري' لفظ اسم فاعل آهي عربي اثر هيٺ 'هر' منجهان. 'هر' اسم آهي، ۽ اسم فاعل اسم مان نه پر فعل مان ٺهندو آهي. جيڪڏهن 'هاري' کي اسم فاعل سمجهجي ته به عربي گرامر جو اثر ته ظاهر ڪونه ٿو ٿئي، ڇو ته اسم مان اسم فاعل ٺاهڻ جو ته عربيءَ ۾ ڪوئي قاعدو ڪونهي! دراصل 'هاري' لفظ اسم صفت آهي، جنهن مان تمليڪي اضافت جي معنيٰ ٿي نڪري —'هاري' معنيٰ 'هر وارو'. اهڙن اضافتي اسمن ٺاهڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ جي پويان "ي" گڏڻ جو عام قاعدو آهي. ڪن ٻه اکرن لفظن ۾ وري پهرئين اکر جي زبر کي ڊگهو ڪري، "آ" جو اچار پيدا ڪيو ويندو آهي: مثلاً، هر- هاري، مٽ- ماٽي = مٽ وارو، مڇ- ماڇي = مڇي وارو، وغيره.

جيڪڏهن 'هاري' کي اسم فاعل به تسليم ڪجي، ته پوءِ به اهو سنڌيءَ ۾ عام قاعدو آهي ته امر جي پويان "ي" ۽ "و" گڏڻ سان اسم فعل ٺهندو آهي: جيئن مارڻ- مار- ماري، تياڳڻ- تياڳ- تياڳي، ڄاڻڻ- ڄاڻ- ڄاڻو، ترڻ- تر- تارُو، وغيره. 'تارو' لفظ ۾ 'ت' جي زبر کي ڊگهو ڪري 'تا' ڪيو ويو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح، 'هر' مان جيڪڏهن 'هاري' اسم فاعل آهي، ته خالص سنڌي قاعدن پٽاندر 'هر' جي ڪنهن فعل منجهان. جيئن ته گجراتيءَ ۾ 'هڙوون' لفظ اسان کي ملي ٿو، تيئن سنڌيءَ ۾ به ممڪن آهي ته ڪو فعل هجي، جنهن جي موجوده صورت ڪا نه جي ويل ٿي پائنجي. قديم سنڌيءَ جا ڪيترا ئي لفظ ائين صورت مٽائي چڪا آهن، يا استعمال مان نڪري ويا آهن. "هاڻ" لفظ به غالباً اهڙيءَ لفظ سان لاڳاپيل آهي. 'هر' سان بنهه لاڳاپيل لفظ "هوڙ" يا "اوڙ" به اهولي پتو ڏئي ٿو ته ڪو فعل "هوڙڻ" يا "اوڙڻ" جي لڳ ڀڳ هو، جنهن مان اهي اسم نڪتا آهن. "آلوڙڻ" لفظ به معنوي لحاظ کان انهن لفظن سان لاڳاپيل پائنجي ٿو. انهيءَ سڄيءَ اپٽار مان منهنجو مقصد صرف هيءُ آهي ته اسان جا عالم سگهورا پنهنجي ٻوليءَ جي هر لفظ جي اصليت کي ڪنهن ڌارينءَ ٻوليءَ سان منسوب ڪرڻ بدران جيڪڏهن اول پنهنجيءَ ٻوليءَ جي سرمايي ۾ تلاش ڪن، ته هولد ڪين زياده سونهي.

شهر ’سکر‘ لاءِ بہ ڊاڪٽر صاحب عجيب نظريو پيش ڪيو آهي. سکر سان ملندڙ جلندڙ نالو، ساڳئي وزن تي، ’بکر‘ پڻ آهي. تعجب آهي تہ ان لاءِ ائين چونہ چيو ويو آهي تہ ’بکر‘ تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ ـــ جنهن کي سنڌيءَ ۾ ابوبَڪْر رضہ جي بدران، ’ڪ‘ تي زَبر سان، ’ابوبَڪَر‘ رضہ چيو ويندو آهي ـــ جي ياد ۾ اهو نالو پيو، ۽ ’بڪر‘ ڦري ’بکر‘ ٿيو آهي! عربي اثر تہ ائين ئي ظاهر ٿئي ٿو! اهڙا نظريا تہ بلڪل ان مثال وانگر آهن، جئين شيڪسپيئر کي بہ ڪي ماڻهو خالص مسلمان ثابت ڪري ’شيخ پيربخش‘ سڏڻ لڳن ٿا! سنڌيءَ ۾ ’سکر‘ لفظ ’چڱو‘ جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو: ان ڏانهن شايد ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان نہ ويو تہ متان انهيءَ معنيٰ سان اهو نالو شهر تي پئجي ويو هجي.

توراڙن ۽ ماڻن جي نالن ۾ ڊاڪٽرصاحب کي ”چوٿائيءَ“ کي ”عربي ’ربع‘ جو ترجمو“ چوڻ جو موقعو ملي ويو آهي. جيڪڏهن ’ڪاسو‘ ۽ ’خرار‘ فارسيءَ مان اسان وٽ استعمال ٿيا، تہ اهو چو ضروري آهي تہ ’چوٿائيءَ‘ لاءِ اسان ’ربع‘ جو ترجمو ڪيو؟ ’پائي‘، ’ٽويو‘، ’ڏڙي‘، وغيره بہ اسان جا ماڻ آهن، ـــ انهن لاءِ شايد ڊاڪٽر صاحب کي عربي ۽ فارسي لفظ خيال ۾ نہ آيو آهي، نہ تہ تہ اهي سڀ جدول عربن جي ثابت ٿي سگهي ها!

لفظن جي باري ۾ اڳي هي چئي بحث ختم ڪرڻ ٿو گهران تہ اها حقيقت آهي تہ عربيءَ جا ڪي لفظ سنڌيءَ ۾ مروج آهن، پر اهڙا بہ ڪي لفظ آهن، جيڪي سنڌيءَ منجهان عربيءَ ۾ داخل ٿيا آهي، جن لاءِ ڊاڪٽر صاحب التو فرمائي ٿو تہ اهي عربيءَ مان آهن.

تمدن جي ميدان ۾ ڊاڪٽر صاحب جا نظريا تہ گهڻيءَ لاءِ اهو سوچڻ تي مجبور ٿا ڪن تہ ڊاڪٽرصاحب واقعي اهي ڳالهيون خود بہ مڃي ٿو، يا محض عربن جي برتري ثابت ڪرڻ لاءِ اهي مثال ويهي گهڙيا اٿس؟ مثال طور، سنڌ جي ماڻهن جي نالن تي عربي تمدن جو اثر وڌو. ان لاءِ ڊيگهہ ۾ وڃڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ ٿو سمجهان، ڇو تہ برسرخود اها ڳالهہ ايڏي غلط آهي جو ڪجهہ لکڻ فضول آهي. عربن ڪان اڳ سنڌ جي ماڻهن جي نالن ۾ ڏاهر جي پٽ جو نالو ”جئسينہ“ ملي ٿو، جنهن لاءِ چچنامي ۾ ايترو بہ وضاحت سان لکيل آهي تہ ڏاهر اهو نالو ”شينهن کي اڪيلي سر وڙهي مارڻ“ جي يادگار طور پٽ تي رکيو هو، ۽ ان جي معنيٰ آهي ”شينهن جهڙو“. ان منجهان نہ صرف ڏاهر جي شجاعت ۽ دليري ثابت ٿي ٿئي (جا ڳالهہ شايد ڊاڪٽر صاحب جي نظريي موجب فقط عربن جو ورثو آهي)، پر ٻئي طرف سنڌي ماڻهن جي نالن ـــ ’شينهن‘ وغيره جهڙن امتيازي نالن ـــ جو پتو پڻ پوي ٿو. دنيا جي ڪيترين ئي قومن ۾ جانورن، پکين ۽ وڻن ٽڻن جا نالا ماڻهن تي رکيا وڃن ٿا ـــ مثلاً انگريزن، فرينچن، ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ ’فاڪس‘ (لومڙ)، ’وولف‘ (بگهڙ)، ’ليوبٽل‘ (نئين لڙائي)، ’نائيٽنگيل‘ (بلبل)، ’گولڊسمٿ‘ (لوهار)، ووڊ (ڪاٺ)، وغيره، ماڻهن جا نالا آهن. ڇا اهي نالا بہ عربي نالن جو عڪس ۽ اثر آهن؟

ان بعد ڊاڪٽر صاحب چوپائي مال ۽ وهٽن جي شوق ۽ انهن جي نالن جو ويهي ذڪر ڪيو آهي. ان لاءِ بہ آءٌ ايتروڻي چوندس تہ سنڌ زرعي ۽ چراگاهي ملڪ هو ۽ آهي، جنهن ۾ چوپائي مال ۽ اُٺن گهوڙن کي عوام جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت آهي، ۽ چوپائي مال لاءِ سنڌن پيار ۽ شوق عربن کان گهڻو پراڻو آهي. رڳو ڊاڪٽر صاحب "ڳوٺ" لفظ جي تاريخ ۾ اونهو وڃي ها، تہ ڪيس سنڌ جي ماڻهن جي چوپائي مال ڌارڻ جي مڪمل تاريخ ملي پوي ها. ويدن ۾ اسان کي سموري سنڌو واديءَ جي تعريف ۾ هي ٽڪرو ملي ٿو:

"The Sindhu is rich in horses, rich in gold ornaments well-made, rich in wood ever fresh abounding in Silama plants and the auspicious river wears honey-growing flowers." *Reg Veda,* x75, Prof. Wilson's translation.

جنهن ملڪ جي تهذيب ايتريقدر قديم هجي، جنهن جي تهذيب قديم زماني ۾ بہ ايتري شاهوڪار هجي، ان جي ٻوليءَ جي خزاني ۾ بہ يقيناً اوترا ئي قديم ۽ بيشمار تمدني لفظ هوندا. وهٽن جو پيار سنڌي قديم تمدن جي هڪ خاص نشاني آهي. شايد ئي ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ وهٽن ڪي سڏڻ لاءِ اهڙا مٺا ۽ پاٻوهہ پريا لفظ ملندا — پٿاري، سياڳي، اما، ٻٽ، وغيره. اهو سڀ وهٽن جو پيار اسان جو قديم تمدني ورثو آهي. تمدني طرح سنڌ عربن کان گهڻو اڳ ايتري بلنديءَ تي هئي، جو عرب اڄ تائين ان جي ڪا پتي بہ حاصل نہ ڪري سگهيا آهن. اهڙي شاهوڪار تمدن ۾ گهوڙن ۽ اُٺن جا مختلف نالا، ۽ تمدني زندگيءَ جي جزئيات جا بيشمار نالا، خود پنهنجي ئي ماحول جي پيداوار آهن، نہ ڪہ ڪنهن ڌارئين تمدن کان اڌارا ورتل. ڪا زبان ڪنهن ڌارئين تمدن جو اثر قبول ڪندي آهي، تہ انهيءَ جي ئي زبان ۾. سنڌيءَ ۾ مينهن، ڍڳين، اٺن، گهوڙن، هاٿين وغيره جا بيشمار نالا آهن، ۽ انهن نالن مان اڪثر خالص سنڌيءَ ۽ سنسڪرت سان لاڳاپيل آهن. خود ڊاڪٽر صاحب بہ قبول ڪري ٿو تہ "سنڌ پنهنجي طبعي بناوت جي لحاظ کان عرب جهڙي هئي"؛ ان ڪري طبعي جزئيات بہ ساڳيا هئا، ان ڪري انهن جو تفصيل ٻنهي تمدنن ۾ موجود هو. عربن کان اڳ بہ اهو تفصيل ۽ ماحول موجود هو، ۽ عربن کان پوءِ بہ موجود هو، بلڪ سنڌ جو اهو ماحول عرب ماحول کان گهڻو گهڻو وسيع ۽ مختلف قسمن جو هو. ان ڪري جزئياتي نالا ۽ اسم عربي تمدن هيٺ نہ، پر اصلوڪي طرح سنڌي تمدن جي پيداوار آهن. ساڳيءَ طرح، سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جا اصطلاح — ٻير ڪٽڻ، نڪ نهارڻ، ڏت ڏورڻ، ڪوهيون ۽ ٽوڪٽائڻ، جهوڪ جون باهيون ٻارڻ، وغيره — سنڌ جي زرعي، ڪوهستاني، ساموندي، ريگستاني ۽ سرسبز وادين جي پيداوار واري ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب خواهہ مخواهہ جتي ڪٿي ائين ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ماڻهو هر سنو اخلاق عربن کان سکيا؛ پر جيڪڏهن علم الانسان جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ مهمان نوازي وغيره قبائلي اوصاف آهن، جيڪي لڳ ڀڳ هر اهڙي تمدن ۾ پنهنجيءَ پنهنجيءَ صورت ۾ موجود هئا ۽ آهن. معاشي ارتقا ۽ معاشي ضرورتن جو وڌڻ، انهن وصفن جي

ختم ٿيڻ جو ڪارڻ آهي، عربن يا ٻيءَ ڪنهن حملہ آور قوم جي اچڻ جو انهن جي پيدا ٿيڻ ۽ ختم ٿيڻ سان ڪو واسطو ڪونهي.

افسوس تہ اهو آهي جو ڊاڪٽر صاحب اسان جي خالص سنڌي شاعريءَ ۾ بہ عربي شاعريءَ جي تمثيلن ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور، ڊاڪٽر صاحب عربي شاعرن جي پنهنجي محبوب جي ڳچيءَ کي ڏاچيءَ جي ڳچيءَ سان مشابهت ڏيڻ جي تمثيل پيش ڪئي آهي. شڪر آهي تہ سنڌي شاعرن مان ڪنهن بہ، ڪنهن سنڌي محبوب جي ڳچيءَ کي ڏاچيءَ جي ڳچيءَ سان تشبيهہ نہ ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ اٺن جي ڳچين ۾ انساني سونهن صرف عربن کي ئي نظر اچي سگهي ٿي. ڊاڪٽر صاحب سانوڻ فقير جو مثال ڏنو آهي، تنهن ۾ هين ست — ”جويون جيسلمير جون، آئي ڪل ڪنوات“ — ۾ ’ڪنوات‘ منجهان مقصد ڪنوات جي ڳچي نہ، پر ڪنوات اٺن جي چنچلتا ۽ مستاني چال ڏانهن اشارو آهي.

ڊاڪٽر صاحب اسان جي ٻوليءَ جي علم ادب جي واڌاري جو جيڪو بيان ڏنو آهي، ان مان تہ فقط ايترو ئي ثابت ٿي سگهيو آهي تہ ويچارن عربن تہ سنڌيءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو، البت ڪن سنڌي عالمن عربي علم ۾ واڌارو ضرور آندو. سنڌ حساب ڪتاب جي علم ۾ عربن کان اڳيري هئي — جيئن ابن نديم جو حوالو ثابت ڪري ٿو. هونئن بہ تاريخي طرح اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ عرب تنهن زماني مطابق اعليٰ حسابي علم هندستان منجهان سکيا: ۽ جيئن تہ هندستان ۾ سڀ کان اول سنڌ ن واسطو سنڌ سان ئي رهيو، ان ڪري هو اهو علم سنڌ منجهان سکيا. ان سلسلي ۾ بہ اُٽو ائين ڪونہ چوندس تہ ڪو سنڌين عربن جي علم ادب تي ڪو ٿورو يا احسان ڪيو; ڇاڪاڻ تہ السانی ارتقا ۾ قومون هڪٻئي سان تمدني ۽ علمي ڏي-وٺ ڪنديون رهيون آهن، ۽ ان ۾ ڪا فخر جي ڳالهہ آهي تہ محض اها تہ اهي چيزون السانذات جي مجموعي ترقيءَ ۽ تمدن جي واڌاري جو اهڃاڻ آهن.

سڀ کان عجيب ڳالهہ سنڌ جي نام نهاد پهرئين شعر متعلق آهي، جنهن تي نہ رڳو ڊاڪٽر صاحب پر ٻين ڪن عالمن بہ ويهي اجائي دماغ سوزي ڪئي آهي. اهو شعر آهي — ”اره بره ڪنکره......“. انهيءَ شعر جي روايت خالص عرب مؤرخن جي نهج تي آهي، يعني اها روايت پنجن کان بہ مٿي راوين وٽ سينہ بسينہ هلندي آئي آهي، ۽ ان کان پوءِ ”روضةالعقلا“ جي مصنف وٽ پهتي. روايت ايتري ڪمزور آهي جو ان کي تاريخي درجو ڏيڻ ئي زيادتي آهي. ان کان سواءِ، جيئن ڊاڪٽر صاحب خود بہ اعتراف ڪيو آهي، هن شعر جا لفظ سمجهہ کان ٻاهر آهن. تاريخي طرح ڪڏهن ان کي يحيٰ سان منسوب ٿو ڪيو وڃي تہ ڪڏهن سندس پٽ فضل برمڪيءَ سان! ان بعد هڪ ٻيو مؤرخ ان کي پيغمبر صلعم ڏانهن منسوب ڪري، حضرت بلال رضہ جو چيل ڄاڻائي ٿو. جيتريقدر ان جي معنيٰ جو تعلق آهي، ان مان تہ اهو ئي يقين ٿئي ٿو تہ اهو پيغمبر صلعم جي شان ۾ چيل آهي. ٻوليءَ جي صورت بہ حبشي ٻوليءَ جهڙي آهي.

لسالي عالمن ٻولين جي گروهه بندي ڪندي اهو ڄاڻايو آهي ته آفريڪي ٻولين ۾ اها هڪ عام خصوصيت آهي ته هر وزن اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون نحوي اعتبار کان جملن جو خاص امتياز آهن. جيڪڏهن ڪا صفت استعمال ڪرڻي هوندين ته ان جي پڇاڙي جملي جي سمورن لفظن جي پويان گڏبي آهي. جملي جي مختلف نحوي صورتن — اضافي، توصيفي ۽ تشبيهي — ۾ مختلف ۽ مقرر ٿيل اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڪم آنديون وڃن ٿيون. هن جملي ۾ پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته "ڪراڪري" لفظ کان سواءِ سمورن لفظن ۾ "ره" پڇاڙي ڪم آيل آهي، ۽ غالباً اهو 'ڪراڪري' لفظ به "ڪراڪره" آهي، جو ڪاتبن جي غلط لکڻ سان 'ڪراڪري' بڻجي ويو آهي — ۽ ان طرح 'ره' پڇاڙي سڀني لفظن ۾ ثابت ٿئي ٿي. ان لحاظ کان به اهو ظاهر آهي ته اهو جملو ڪنهن آفريڪي زبان جو — ۽ غالباً حبشي ٻوليءَ جو — آهي. اهو جملو حضرت بلال رضہ جي مرقد مبارڪ تي لکيل آهي. اهي سمورا اهڃاڻ الهيءَ لتيجي جي تائيد ڪن ٿا. تاريخي طرح جيئن ته سموريون روايتون ڪمزور آهن، ان ڪري معنوي توڙي لساني اعتبار کان "ابن نورالدين" جي روايت کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب کي آءٌ اها ئي گذارش ڪندس ته ان نقط نگاهه کان جيڪڏهن پاڻ حبشي ٻوليءَ تي ڪا کوجنا ڪرڻ فرمائيندا ته لاشڪ سندن محنت بارآور ٿيندي!

ان شعر (يا چون-چون جي مربي؟) منجهان ڊاڪٽر صاحب جيڪي انومان ويهي ڪڍيا آهن، الهن جي منطقي يا علمي حيثيت ڪائي ڪانه آهي. اول ته اهو سنڌي ٻوليءَ جو شعر آهي ئي ڪونه، ان ڪري ٻيا سمورا لتيجا به ان جي بنياد تي برخود غلط آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ جي صلاحيت عربن جي ڪري نه، پر جيئن دنيا جي ٻيءَ هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي تيئن، پنهنجي ملڪ ۽ ماحول جي سادن سچاجهن انسانن، سندن هڪٻئي سان قرب ۽ پيار، سندن امن پسنديءَ، سندن گوناگون زندگيءَ جي سونهري پهلوئن، ۽ سنڌي تمدن جي موسيقيءَ ۽ فن جي طفيل پيدا ٿي هئي، ۽ عربن کان صديون اڳ پيدا ٿي چڪي هئي. افسوس صرف اهو آهي ته ان جو تاريخي رڪارڊ ڪونه ٿو ملي. آءٌ ته ائين به چوندس ته الهيءَ جو سبب به عرب ئي هئا. سنڌ ۾ اچڻ وقت عربن ۾ هڪ نئون جذبو ڪارفرما هو، ۽ مذهبي روايتن جي ڪري، سنڌ جي تمدن جي فنون لطيف ڪي ڪا ترقي ڏيارڻ بدران يا انهن جي ڪا همت افزائي ڪرڻ بدران، الهن جو بنهه خاتمو ڪري ڇڏيائون. سنڌ موسيقيءَ، رقص ۽ شعر شعريت جي سرزمين آهي — ۽ اهي چارئي شيون ابتدائي عربن هٿان، شرعي نگاهه کان يقيناً عتاب هيٺ آيون هونديون. اهي لطيف فن وري به تڏهن اڀري سگهيا، جڏهن سنڌ تي وري مقامي ماڻهن جو راڄ قائم ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو عربن جي زماني کان وٺي مقامي راڄ تائين شعر، موسيقيءَ ۽ رقص جو اسان وٽ ڪو به تاريخي رڪارڊ ڪونه ٿو ملي؛ پر عربن کان پوءِ رفتي رفتي سنڌ جي تمدني زندگيءَ ۾ جان اچڻ جا نشان ملڻ لڳن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ انگريزن جي زماني ۾، يا ان کان ڪجهه عرصو اڳ، عربي رسم‌الخط محض حالتن جي بنا تي رائج ٿيو. هڪ ته مسلمانن جي سنڌ ۾ اڪثريت هئي، ۽ جيئن ته سندن مذهبي تعليم عربيءَ ۾ ٿيندي هئي، ان ڪري عربي رسم‌الخط ئي ڪارآمد ۽ بهتر سمجهيو ويو. ان کان سواءِ، ڪجهه سنڌي ادب جيڪو مخطوطن ۾ بند ٿيو پيو هو، اهو به عربي رسم‌الخط ۾ هو. ان ڪري، عربي لپي وقت جي تقاضائن جي ڪري رائج ٿي ويئي. عربي رسم‌الخط جديد زماني جي تقاضائن موجب يقيناً هڪ غير ترقي يافته بلڪ تنزل ڏانهن مائل رسم‌الخط آهي — ساڳي حالت ناگري لپيءَ سان آهي. پر جيئن ته اسان جو سمورو ادبي سرمايو عربي لپيءَ ۾ محفوظ ٿي چڪو آهي، ان ڪري ان کي ڇڏڻ ادبي آپگهات وارو مثال ٿيندو. البت ان ۾ جيڪي بي‌ضرورت اکر ۽ لفظ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ تي عربيءَ (۽ فارسيءَ) جي فوقيت قائم رکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو خاص ڪارج پورو ڪونه ٿا ڪن، اهي يقيناً جديد دور جي تحريري ۽ طباعتي، علمي ۽ ادبي تقاضائن موجب ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ حائل آهن، ۽ انهن کان جيڪڏهن ڪنهن طرح ٻوليءَ جا پَلَوَ آجا ٿين ته چڱو. ڪاش، سنڌيءَ جا اهل علم حضرات ان نُڪتي تي ڪجهه سوچين!

ڊاڪٽر صاحب لاءِ، لفظن جي تلفظ ۾ ڪن ماڻهن جي ٻاتائيءَ ۽ زبان جي ڪمزوريءَ سبب، سمورن سنڌ وارن کي غلط اچار ڪندڙ چوڻ مناسب نه هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ش' ۽ 'ج' ٻئي اکر عام هئا، ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو زبان صحيح نه اٿلڻ ڪري ڪي اچار نه ڪري سگهيو ته ان کي طعنو ڏيڻ الهن لاءِ ئي زيب وارو هو، جي هوائن ئي پاڻ کان سواءِ دنيا کي 'گونگو' سڏڻ جا عادي هئا، حالانڪ اچارن ۽ آوازن جي لحاظ کان ته هو پاڻ ئي سڀ کان وڏيڪ گونگا هئا ۽ آهن. ايتريقدر، جو اڄ تائين ڪافي عرب، اسان جا پنهنجا آواز اچارڻ ته درڪنار، خود پنهنجي 'ج' جو صحيح اچار ڪري نٿا سگهن — مثلاً، 'مسجد' کي 'مسڪد' ۽ 'جمال' کي 'گمال' وغيره اچارين ٿا. ان ڪري، چا، ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته عربيءَ ۾ 'ج' شايد آهي ئي ڪونه! اها ساڳي عربي الف-بي موجود رکندي، ۽ سنڌين سان ٻه سو ورهين کان مٿي لاڳاپي هئڻ جي باوجود، عربن جي زبان صاف نه ٿي سگهي آهي. اڄ تائين ڪنهن عرب کي انگريزي يا ڪا ٻي زبان ڳالهائيندي ٻڌو ته اوهان کي ان جو يقين ٿي ويندو. تنهنڪري، ائين چوڻ ته عربن جي صحبت ۾ اچڻ يا عربي رسم‌الخط جي رائج ٿيڻ سبب سنڌ وارن جا اچار صحيح ۽ صاف ٿيا، بلڪل غلط آهي.

جيتريقدر اعرابن جو تعلق آهي، سو محض عربي لپيءَ کي اختيار ڪرڻ ڪري ائين ٿيو هجي ته اهي اعراب سنڌيءَ کي عربيءَ کان مليا. رسم‌الخط جي حد تائين ته اهو صحيح آهي، باقي اچارن تي عربيءَ جي اثر ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ڪو دليل ڪونهي. سنڌيءَ جا اچار اصل کان اهي ئي آهن — ايتريقدر جو سنڌيءَ جي ڪنهن به اسم جو آخري حرف ساڪن ڪونهي. ان جي برعڪس، عربيءَ جي اڪثر اسمن جا آخري حرف ساڪن آهن، جي پڻ سنڌيءَ ۾ سمائجڻ سان متحرڪ ٿي پون ٿا. عربيءَ بدران جي ڪو ٻيو رسم‌الخط اختيار ڪجي ها ته الهيءَ ۾

ب لازمي طرح اهڙيون ڪي ماترائون، لاڪنائون يا نشانيون قائم ڪجن ها، جيڪي لفظن جي متحرڪ اکرن کي چٽو ڪري بيهارين. ڊاڪٽر صاحب جيڪي مثال اعرابن جي ڦيرگهير جا ڏنا آهن، انهن مان ته ڪوبه مطلب ڪونه ٿو نڪري، ۽ نه ئي ڪجهه ثابت ٿئي ٿو — سواءِ انهيءَ جي ته سنڌيءَ جي نحوي بناوت نرالي آهي. خود ڊاڪٽر صاحب جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن جي نحوي بناوت جون صورتون به مختلف آهن. هت آءٌ فقط ٻه مثال ٿي ڏيندس. ڊاڪٽر صاحب مردن جي نالن متعلق جو جيڪو مثال ڏنو آهي، ان ۾ مردن (۽ زالن) جي نالن جي ڪا خصوصيت ڪانهي، بلڪ لفظن جي خصوصيت آهي. سنڌيءَ جا لفظ مختلف نحوي بناوتن پٽاندر مبني يا غيرمبني آهن. اهو اصول ماڻهن (مردن ۽ زالن) جي نالن سان به لاڳو آهي. انهن ڦيرين گهيرين کي لساني ماهرن انگريزيءَ ۾ "فليڪشن" (flexion) سڏيو آهي، جيڪي ٻوليءَ جي مقرر اصولن موجب عمل ۾ اينديون آهن. مثال طور، ڊاڪٽر صاحب مردن جي اهڙن نالن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جو آخري اکر 'و' آهي — جيئن 'الهڏنو'، 'الهڏنا' ۽ 'الهڏني' وغيره ۾ 'و' مٿجي مختلف صورتون اختيار ڪري ٿو. پر ڪي سنڌي نالا 'و' پڇاڙيءَ ۾ هوندي به مختلف 'فليڪشن' جو مثال پيش ڪن ٿا — ۽ انهن جي 'و' جي تبديلي 'آ' جي وڌاءَ سان ٿئي ٿي: مثلاً 'ڪُدُو'، 'علو'، 'اِسُو' وغيره نالا ندائي صورت ۾ بلڪل ڪونه ڦرندا، ۽ 'اي ڪدو'، 'اي علو' 'اي اِسُو' وغيره ئي رهندا. مفعولي صورت يا جريءَ ۾ 'آ' جو اضافو ڪرڻو پوندو: مثلاً، 'ڪدوءَ جو پٽ'، 'اِسوءَ جو پٽ'، 'علوءَ کي چيم'، وغيره — انهن ۾ 'ءَ' يعني 'آ' جو اضافو ڪرڻو پوي ٿو. ساڳيءَ طرح، زالن جا نالا به فقط صورت فاعلي ۾ مبني آهن — پر ٻين صورتن ۾، برعڪس عربيءَ جي، غيرمبني آهن. مثلاً، ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل مثال ۾، 'بانو آئي': فاعلي حالت ۾ 'بانو' لفظ ڪونه ٿو مٽجي؛ پر 'بانوءَ کي چيم' يا 'بانوءَ جو پٽ' وغيره ۾ 'ءَ' يا 'آ' جو اضافو ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا ان جي صورت 'بانو کي چيم' يا 'بانو جو پٽ' ('ءَ' کان سواءِ) ڏني آهي، سا غلط آهي. ان مثال ۾ به 'بانو' لفظ 'بانوءَ' بڻجي وڃي ٿو. اها به اعرابن جي نحوي تبديل آهي، ان جو مردن ۽ زالن جي نالن (مذڪر ۽ مونث) سان ڪوبه خاص واسطو نه آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ڏنل ٻڪڙو مثال پڙهندڙن جو ڌيان لهڻي: "احمدُ آيو" (فعل لازمي)، ۽ "احمدَ چيو" (فعل متعدي). سنڌيءَ ۾ ته لفظ 'احمد' کي زير اعراب سان قبوليو ويو آهي، ۽ چاڪاڻ ته زير اعراب وارا سڀ لفظ سنڌيءَ ۾ مبني آهن، تنهنڪري هتي به چئبو "احمدِ آيو" ۽ "احمدِ چيو". هن سلسلي ۾ جو ڪجهه ضميرن متعلق ڊاڪٽر صاحب هلندي هلندي انڪشاف ڪرڻ فرمايو آهي، تنهن جي ته ڳالهه ئي ڪهڙي! بهتر آهي ته ڊاڪٽر صاحب پاڻ ان تي ٻيهر سوچين — پڪ آهي ته قائم ڪيل نتيجي کان بنهه ٻئي ڪنهن نتيجي تي سندن رسائي ٿيندي!

مٿين مثالن مان ظاهر ٿي چڪو هوندو ته ڊاڪٽر صاحب جا اهي لفظ ته "سنڌي ٻولي جو هيءُ فنِ اعراب، عربي ٻوليءَ جي گهري اثر جو نتيجو آهي"، — سنڌي گرامر متعلق غلط فهمين

۽ لازمي فعل ۾ سنڌي 'آءٌ' جي جاءِ تي 'هون' ڪم ايندو. ان جي ابتڙ استعمال، سنڌيءَ وارن کي غلط ٿيندو.

مثال:

۱) مين رپيو آپيو.

(مون رپيو ڏنو.) ———— متعدي

۲) هون آويو.

(آءٌ آيس.) ———— لازمي

پهرئين مثال ۾ 'هون' استعمال ڪرڻ غلط آهي، ۽ ٻئي مثال ۾ 'مين' ڪم آڻڻ غلط ٿيندو. هنن مثالن ۽ وضاحت مان اميد ته پڙهندڙن توڙي ڊاڪٽر صاحب جن کي معلوم ٿي ويو هوندو ته اهي لفظ 'آءٌ' ۽ 'هون' نه صرف معنوي ۽ لساني اعتبار کان ساڳيا آهن، پر انهن جي سموري نحوي ڪيفيت پڻ اها ئي ساڳي آهي. ظاهر آهي ته انهن ٻنهي جو ماخذ ساڳيو آهي— ۽ اهو ماخذ آهي سنسڪرت 'اهم'، ۽ نه عربي 'انا'!

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي پڇاڙين متعلق جيڪي فرمايو آهي، سو به صحيح نه آهي. مون اڳي ئي سنسڪرت فعلن جي ٻوڌان ضميري پڇاڙين جا مثال ڏنا آهن، ۽ اهو ثابت ڪيو اٿم ته اسان جون سموريون پڇاڙيون هوبهو سنسڪرت واريون آهن— ۽ سنڌي انهن کي قائم رکندي آئي آهي. انڊو-يورپين ٻولين جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته شروع شروع ۾ سمورين ٻولين جي فعلن ۾ اهي پڇاڙيون ڳنڍيل هيون، ۽ ٻوليون ارتقا ڪنديون اهي پڇاڙيون ڇڏينديون آيون آهن، ۽ اڄ يورپي ٻولين ۾ ڪو ڇڙو مثال ملندو جنهن ۾ اهي پڇاڙيون قائم هجن. هندستان جي ٻولين ۾ سنڌي، ڪشميري ۽ سرائڪيءَ ۾ ئي اهي ئي پڇاڙيون قائم آهن. ڪشميريءَ جو پڇاڙيون به هڪ انوکي تاريخ رکن ٿيون— مثلاً 'مورم' ='مون ماريو'، وغيره. انهن پڇاڙين جو استعمال ساڳيو آهي، پر نحوي صورت مختلف اٿن. محض ان ڪري ته عربي ۽ فارسيءَ ۾ اِهي پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون، تنهنڪري سنڌيءَ کي عربيءَ کان (يا فارسيءَ معرفت عربيءَ کان؟) مليون آهن—اهو ته ڪو دليل ڪونهي. عربيءَ جو فارسيءَ تي به اثر رهيو آهي، ۽ ڪيترا عربي لفظ فارسيءَ جو جز بڻجي ويا آهن، پر شايد خود ڊاڪٽر صاحب به اها چوڻ جي جرات ڪونه ڪندو ته فارسيءَ جون اهي پڇاڙيون عربي اثر جو نتيجو آهن. پوءِ سنڌيءَ جي پڇاڙين کي عربي يا فارسي اثر جو نتيجو ڇو ٿو قرار ڏنو وڃي؟

ڊاڪٽر صاحب کي سنڌيءَ جي انفرادي حيثيت کان ايتريقدر ته انحراف آهي، جو سنڌيءَ جي ندائي ستا "نانگ-نانگ!" يا "چور-چور!" وغيره کي به عربي ندائي ستا 'تحذير' جو نتيجو سڏيو اٿن. دنيا جي تقريباً سمورين ٻولين ۾ ندائي ستا الهيءَ نموني جي آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ئي ترڪيبون انسان جي بنيادي احساسن ۽ انهن جي رد عمل جو اظهار آهن. خطري ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ انسان ڪوشش ڪندو آهي ته مددگارن کي سڏڻ وقت ڪين خطري

کان آگاهہ بہ ڪري. هو، ان ڪري، خطري واري لفظ کي ٻہ ڀيرا چئي، سان ئي هو پنهنجو اهو مقصد بهتر نموني سان ادا ڪري ٿو. ان کي فقط عربيءَ جو ورثو ثابت ڪرڻ عجيب منورتيءَ جو مظاهرو آهي، ۽ انساني نفسيات ۽ ٻولين جي نحوي ترڪيب کان اڻڄاڻائيءَ جو ثبوت. انگريز جيڪڏهن 'thief, thief!' 'help, help!' ۽ 'fire, fire!' چوي ٿو، تہ انسان جي خطري جي احساس جي شدت کان؛ ڇاڪاڻ تہ خطري کان آگاهيءَ جو اهو ئي هڪ موزون طريقو هن وٽ آهي— ان ۾ عربيءَ يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي اثر کي ڪوبہ دخل ڪونهي!

ڊاڪٽر صاحب 'تعميري دور' متعلق جيڪي ڪجهہ فرمايو آهي، ان لاءِ آءٌ صرف هي عرض ڪندس تہ جيڪي بيت يا ڏوهيڙا اسان جي قديم شاعريءَ ۾ ملن ٿا، انهن ۾ اسان کي عربيءَ جو اثر ڇو ڪين ٿو ملي؟ ڊاڪٽر صاحب آڳاٽن شاعرن جا جيڪي بيت ڏنا آهن، انهن مان ڪنهن هڪڙي ۾ بہ، ڪو هڪڙو بہ عربي لفظ ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ پاڻ عربيءَ جا ڪجهہ لفظ ۽ مذهبي ترڪيبون ملن ٿيون. شاعر ۽ سگهڙ زبان جا صحيح نمائندا آهن، ۽ اسانجن شاعرن ۽ سگهڙن هميشہ عوام جي ٻوليءَ ۾ شعر چيو آهي: ۽ پراڻي شاعريءَ جي مطالعي مان اهوئي ثابت ٿئي ٿو تہ عوام جي زبان تي ۽ پراڻيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ ان جي فن تي عربيءَ يا فارسيءَ جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. جيڪڏهن سنڌ جي ڪن ماڻهن عربيءَ ۽ فارسيءَ کي قبول ڪيو تہ فقط درٻاري شاعرن ۽ ٻولڙين؛ عوام جو ان سان ڪو تعلق ڪونہ رهيو. خود 'شاهہ' اهڙن ماڻهن تي سخت طنز ڪئي آهي. عوام فقط اهي ٿورڙا عربي ۽ فارسي لفظ قبول ڪيا، جيڪي مذهبي تحريڪن ذريعي هنن جي ٻوليءَ ۾ سمائجندا ويا. عوام ئي زبان کي ٺاهيندو ڊاهيندو آهي. جيڪڏهن عربيءَ جو ڪو ايترو گهرو اثر عوام جي زبان تي ٿئي ها، تہ اهو يقيناً قديم عوامي شاعرن جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ها— ڇاڪاڻ تہ اهي عربي دور جي بنهہ ويجهي زماني جا شاعر هئا.

ڊاڪٽر صاحب جيڪو مثال اٺين صديءَ جي شاعريءَ جو ڏنو آهي—

"جَرَ نہ ڪٽن ڪنگرين، راوَ نہ ڳنڍين ويڻ،
ڳولي ويئي ڳجرين، توءِ چولدا دودي ڀيڻ!"

— ان ۾ تہ عربيءَ يا فارسيءَ جو ڪو اٽڪلو اثر بہ ڪونہ ٿو ملي. جيڪڏهن عربيءَ جو سنڌيءَ تي ڪو بنيادي اثر ٿئي ها تہ يقيناً ان وقت جي ان شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ها. مٿيون شعر تہ سؤ وسيئون خالص سنڌي شعر آهي، جنهن جي هر لفظ جو ڌاتو سنسڪرت آهي، جنهن جي شعري ترڪيب 'دوهي' جهڙي آهي، جنهن منجهان خالص سنڌي تمدن جهاتيون پائي رهيو آهي: ان هوندي بہ ڪو چوي تہ سنڌيءَ تي عربيءَ جو ڪو بنيادي اثر ٿيو آهي، تہ اها محض ڏاڍ مڙسي ٿيندي.

آخر ۾ آءٌ ڊاڪٽر صاحب کان معافي گهرندي، وري بہ هيءُ عرض ڪندس تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سڀيتا جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ڪنهن بہ ذاتي پسند ۽ رجحان کي پاسيرو

رکي، خالص ادبي ۽ علمي نقطه‌نگاه کان ان جي تاريخ ۽ ارتقا کي جاچيون: اڳ قائم ڪيل مفروضن کي ڇڏي، حقيقت‌پسندانه رويي سان ان جي تحقيق ڪريون، ۽ ڪنهن ڌارينءَ قوم ۽ ڌارئين تمدن تي فخر ڪرڻ بدران پنهنجي ئي ملڪ، ٻوليءَ ۽ تمدن تي فخر ڪريون — (تازو هڪ ڪتابڙو ”ملتاني زبان ڪيا هي؟“ سيد علي شاهه ملتانيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، ان جي پڙهڻ جو مشورو آءٌ ڊاڪٽر صاحب کي ضرور ڏيندس). سنسڪرت کان اسان جي ڪن عالمن کي هرو ڀرو چڙ آهي، ورنه ڪو سبب نه آهي ته هو علمي تحقيق ۾ ٻاهرين ۽ اوپرين ڳالهين کي ڇڪي آڻين. سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن عربي ۽ فارسي امتزاج آهي، ته ان يقيناً اسان جي ٻوليءَ جي لفظن کي شاهوڪار ڪيو آهي. اڄ اسان جي زبان ٻن رنگن ۾ رڱيل آهي: هڪ اهو، جنهن ۾ سنسڪرت جي لفظن کي خواهه‌مخواهه آندو وڃي ٿو، ۽ ٻيو اهو، جنهن تي عربي ۽ فارسي لفظن جو مارو آهي — (منهنجو مضمون به انهيءَ ڪمزوريءَ جو بيمار آهي، جنهن لاءِ افسوس اٿم). اڃو ته اهڙي سنڌي ٻولي پيدا ڪريون، جنهن ۾ ڪو رنگ سواءِ سنڌيءَ جي نه هجي، جنهن تي اسين فخر ڪريون، ۽ جنهن جي تمدن تي اسين بجا طور ڳالهيون اوچي ڪرڻ جا مستحق ٿيون.



# آخري حل

> محترم رشيد آخوند جو ترجمو ڪيل هيءُ مضمون، پاڪستان جي سابق مالي وزير مسٽر امجد عليءَ جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ’اَج اور ڪل‘ جو پوئون باب آهي، جنهن کي مصنف جي شڪريي سان ’مهراڻ‘ ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. اميد ته اهو اسان جي محترم پڙهندڙن لاءِ علمي ۽ ادبي لحاظ کان دلچسپ ۽ مفيد ثابت ٿيندو. ـــ ادارو.

**’الف ليليٰ‘** جهڙن تصوراتي قصن مان هميشه انسان کي رس ۽ راحت ملندي رهي آهي؛ هتي آءٌ به هڪ اهڙو قصو ٻڌائي پنهنجي ڪتاب جو اختتام ڪندس. هي قصو منهنجي خواب جي آڌار آهي. مون کي اميد آهي ته اوهين به ان مان ايترو لطف اندوز ٿيندا، جيترو آءٌ ٿيو هوس.

پٺتي پيل ملڪن جي ترقيءَ جي منجهيل ۽ ڳُوڙهن مسئلن مون کي ايترو ته حيران ۽ پريشان ڪري وڌو هو، جو منهنجي راتين مٿان راتين جي ننڊ حرام ٿي ويئي هئي. خبر نه آهي، ڪيتريون راتيون مون انهن مسئلن جا حل سوچيندي، انهن تي غور ڪندي، ۽ خدا کي مدد لاءِ پڪاريندي، اکين ئي اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيون، پر مون کي جا راهِ نجات نه ملڻي هئي، سا نه ملي. آخر هڪ رات جڏهن انهن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ۾ ڏيئي وٺي آءٌ بنهه ٿڪجي پيس ۽ ڪو به حل نه پئي سُجهيم، تڏهن مون کي ننڊ اچي ويئي.

... اوچتو ائين سمجهيم، ڄڻ ڪو مون کي سڏي رهيو هو. آءٌ هڪدم اُٿي ويٺس. هڪ آواز هو، جيڪو مون کي ٻڌائي رهيو هو ته انسانن جي اڪثريت جون خراب حالتون تيستائين نه سڌرنديون، جيستائين اقليت جي دلين ڦيرو نه کاڌو آهي؛ ڇو جو رڳو اقليت وٽ ئي اڪثريت جي حالتن سڌارڻ جا ذريعا موجود آهن. ان تي مون هن آواز کان پڇيو ته آخر اهو دل جو ڦيرو ايندو ڪيئن؟ جواب آيو، ”تون ان ڳالهه جو خيال نه ڪر، اهو اسان جو ڪم آهي.“

پوءِ مون ڏٺو ته آءٌ پنهنجي اشگ هٿ ۾ کڻي، هوائي جهاز ۾ چڙهي، ماسڪو وڃي رهيو آهيان. ماسڪو پهچي، مون ملڪ جي سربراهه سان ملاقات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. خوش قسمتيءَ سان ٿورن ڏينهن ۾ منهنجا لايا سجايا ٿيا، ۽ مون کي هن جي پُروقار حضور ۾ پيش ڪيو ويو. هو مون سان ڏاڍي خوش اخلاقيءَ سان پيش آيو. رسمي گفتگو کان پوءِ،





”ٽوڪيو، ١٠-آگسٽ، ١٩٥٩ع.

”گذريل رات، اٽڪل پنجهتر هزار ماڻهن جي روحن کي تسڪين پهچائڻ لاءِ، ناگاساڪي (ڏکڻ جپان) جي ’يوراڪامي‘ نديءَ ۾ روشن شمعدان وهايا ويا. اهي ماڻهو چوڏهن سال اڳ مري ويا هئا، جڏهن ٻيءَ عالمگير جنگ ۾ سندن شهر تي ائٽم بم ڦاٽو هو.

”شمعدان نديءَ ۾ لهوارا ٿيا، ته هڪ جلوس، هٿن ۾ مشعل کڻي، نئين سر تعمير ڪيل ’ٽن شوڊو‘ ديول ڏانهن وڌيو، جيڪا ’٩-آگسٽ ١٩٤٥‘ تي جنگ جي ٻئي ۽ آخري ائٽم بم سان تباهه ڪئي ويئي هئي.

”اڇا چوغا پهريل پادري سڄي ناگاساڪيءَ ۾ ملهائجڻ واريءَ يادگار تقريب جي افتتاح لاءِ، صبح سوير اچي ديول ۾ گڏ ٿيا هئا. هڪ عام ميڙ شهر جي ’امن-پارڪ‘ ۾ اچي گڏ ٿيو، جتي بم جو انتهائي ڌماڪو محسوس ڪيو ويو هو.

”شام جو ٻوڌي ۽ عيسائي، ’شنتو‘ ڌرم جي رسمي پرارٿنائن ڪرڻ ۽ ’بائيبل‘ جي دعائن پڙهڻ لاءِ ’امن-پارڪ‘ ۾ گڏ ٿيا. فوت ٿي ويل ماڻهن جي عزيزن، پارڪ جي وچ ۾ بيٺل تمام وڏي ’امن جي پُتلي‘ اڳيان گُلن جا ڍير لڳائي ڇڏيا، جنهن جو هڪڙو هٿ مٿي آسمان ڏانهن کنيل آهي.

”بادلن ڀريل آسمان هيٺ، پنجن هزارن کان وڌيڪ ماڻهن اسڪولي ڇوڪرين جو گيت ٻڌو — ’ناگاساڪيءَ مان امن اُسري رهيو آهي!‘

”شهر جي ميئر، انهيءَ موقعي لاءِ آيل پيغام پڙهي ٻڌايا، جن ۾ جپان جي وڏي وزير، نوبوسڪي ڪيشيءَ، جو پيغام پڻ هو.

”مقامي وقت مطابق يارهن لڳي ٻن منٽن ۾ ڪي سيڪنڊ اڳ (گرينوچ، ٻه لڳي ٻه منٽ)— جنهن گهڙيءَ، چوڏهن سال اڳ، ناگاساڪيءَ تي تباهي آئي— ديولن ۽ مندرن جا گهنڊ وڄڻ لڳا، ۽ جهازن جي سيٽين جا آواز به انهن جي شور ۾ شامل ٿي ويا: ان وقت ٿي لک ٽيٽيهه هزار ماڻهن، مري ويلن لاءِ خاموش پرارٿنائون ڪيون. آخر ۾ مسٽر ٽگوا، ميئر، ’امن جو پڌرنامو‘ پڙهيو، ۽ هن موقعي جي ڪارروائي ختم ٿي.

”شام جو هيروشيما ۾ ٿيندڙ جنگي هٿيارن خلاف پنجين عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ غير ملڪي وفدن، پنج سو جپانين سان، هڪ هٿيارن خلاف بمباريءَ جي مظاهري ۾ شرڪت ڪئي.“

[’ڊان‘، ڪراچي، ١١ آگسٽ، ١٩٥٩ع]

مون هن کي چيو: ”آءٌ ڪنهن ملڪ، ڪنهن جماعت، ڪنهن اخبار يا ڪنهن خبر رسان ايجنسيءَ جو نمائندو ڪونه آهيان؛ آءٌ هڪ نظريي جو نمائندو آهيان، ۽ انهيءَ نمائندگيءَ لاءِ مون پاڻ کي پاڻ نامزد ڪيو آهي. اوهين هڪ عظيم انسان آهيو، ۽ پنهنجي عظيم ملڪ کي انقلابي اصولن پٽاندر عظمت جي اعليٰ بلندين تي پهچائي رهيا آهيو، تنهنڪري آءٌ اميد ٿو ڪريان ته اوهين مون ناقص جي خيالن کي پڻ توجهه سان گوش گذار فرمائيندا.“ آءٌ فورا هي تسليم ڪري ويٺس ته هن جي اڳيان سڀ ڏاريان نظريا پراڻا ۽ ناقابلِ عمل ٿي چڪا هئا، ۽ هن پنهنجن نظرين کي جديدترين ٿي ليکيو، پر سمجهيم ته جيڪڏهن هن منهنجن خيالن کي ٻه ٻڌو ته ڪا اربع خطا ڪانه ٿيندي.

هن مرڪندي مون کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. آءٌ کيس چوڻ لڳس: ”’زار‘ جي شهنشاهيت واري روس ۾ هڪ نئين نظام حيات جو اچڻ ويهين صديءَ جي مُسڪيه واقعن مان هڪ آهي. هي نئون نظام انساني برادريءَ جي هڪجهڙن حقن جي بنيادن تي ٻڌل آهي. ان جي شروعات تڏهن ٿي، جڏهن اشتراڪي انقلاب جي ميڙَ ’زار‘ جي ڪاريءَ ۽ گنديءَ تختيءَ کي مهٽي صاف ڪيو. ايڪيتاليهه سال گذري چڪا آهن، ۽ اشتراڪي انقلاب جي ڪري روس هڪ عظيم طاقت بڻجي ويو آهي. جڏهن توهين ڪجهه ڳالهائيندا آهيو ته دنيا هڪدم سائينجن جي لفظن کي سوَن ٻولين ۾ شايع ڪندي آهي. اها آهي اوهان جي طاقت ۽ اهميت، جيڪا اوهان ايڪيتاليهن سالن جي ننڍڙي عرصي ۾ حاصل ڪئي آهي. هاڻي آءٌ پڇڻ گهران ٿو ته جنهن ’عوام‘ لاءِ اوهان ان نظريي کي جنم ڏنو، ۽ بجلي-گهرن ۽ فولادي صنعتن جي مدد سان ان کي وڌايو ۽ ڦهلايو، ڇا اهو عوام اڄ وڌيڪ آسودو ۽ خوشحال آهي؟ ڇا، جنهن صنعت جي ديوَ کي انسان پنهنجو خون ۽ پگهر هڪ ڪري وجود ۾ آندو آهي، سو سندس قوّت ۽ جذبن کي پيڙهي نه رهيو آهي، ته جيئن هو موڳو ۽ نپل ٿي وڃي، ۽ زندگيءَ جي خوشين ماڻڻ جي قابل نه رهي؟ آءٌ ڄاڻان ٿو ته ’اِسپٽنڪ‘ سيارن اڄ هن کي گهمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو آهي؛ هو پاڻ کي جيٽ هوائي جهازن ۾ محفوظ سمجهي ٿو؛ پر ڇا هو انساني فخر محسوس ڪري ٿو؟...۽ ڇا هو حقيقت ۾ پاڻ کي محفوظ تصور ڪري ٿو؟ جواب ۾ مون کي ٻڌايو ويندو ته اڄ هن لاءِ جيڪي ترقيءَ جون راهون ڪليل آهن، تن جو اڳ هو خواب به لهي نٿي سگهيو؛ اڄ هن کي جيڪا آزادي ۽ امن امان مليل آهي، سو زار جي دور ۾ کيس ڪڏهن به نصيب نه ٿيو هو: مون کي ان جواب تي ڪو اعتراض ڪونهي، پر آءٌ سمجهان ٿو ته عوام جي ترقيءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ اوهان جي نئين نظام جا مقصد اڃا به ڪي ٻيا آهن. ان نظام جا اعليٰ ترين مقصد هي آهن ته ماڻهو پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ پاڻ هجن: هنن کي محنت ۽ جدوجهد گهٽ ڪرڻي پوي، ۽ وٽن سڪون ۽ سُڪار زياده کان زياده هجي. تنهن کان سواءِ، کين روزيءَ جو فڪر نه هجي: سندن ٻارن جي سار سنڀال، تعليم ۽ روزگار حڪومت جي ذمي هجي، ۽ هنن وٽ ايترو وقت بچي جو هو ان کي فن حاصل ڪرڻ، ادب پيدا ڪرڻ، ۽ سير ۽ تفريح ۾ صرف ڪري سگهن.“

روسي حڪومت جي سربراهہ منهنجين ڳالهين کي غور سان ٻڌو پئي. منهنجي خاموش ٿيڻ کان پوءِ، عزت مآب ڳالهائڻ شروع ڪيو:

”اِئين درست آهي تہ اسان صنعت جي ديوَ کي وجود ڏنو آهي؛ پر ان کي پيدا ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو بہ ڪو نہ هو. اسان جا نظريا ايترا تہ انوکا ۽ انقلابي هئا جو پراڻي نظام جي حامين هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ انهن کي اسرڻ کان روڪيو ۽ مٽايو وڃي؛ تنهنڪري اسان کي قربانيون ڏيئي پنهنجن نظرين جي حفاظت ڪرڻي پيئي. اسان ڏاڍيون اذيتون سهي ۽ وڏا ڪشالا ڪڍي، ان سرشتي کي سلامت رکيو آهي. شايد توهان سمجهين ٿو تہ هيءَ دنيا هڪ ’سمجهو دنيا‘ آهي. توکي ياد نہ آهي تہ هٽلر ڇا ڪيو؟ هن ٻي وڏي جنگ جي آفت آڻي اسان جي لکن ماڻهن کي ماريو، ۽ هزارن گهرن، ادارن ۽ آبادين کي تباهہ ڪيو. ان تباهيءَ جي تلافيءَ لاءِ، اسان انساني محنت جا ڪروڙين ڪلاڪ صرف ڪري، هزارين ٽن مال اسباب استعمال ڪري، نئين سر پنهنجي ملڪ جي تعمير ڪئي. هڪ وحشي ماڻهوءَ جي جنگي جنون اسان جي گهربل ترقيءَ کي پنجو ڏيئي ڇڏيو. اجهو هينئر، گذريل پنجن سالن ۾، اسين ان قابل اچي ٿيا آهيون جو پنهنجي ماضيءَ جي روايتن مطابق ترقيءَ جون نيون منزلون طي ڪري سگهون. تو پنهنجي گفتگو ۾ عوام جي حالتن کي بهتر بڻائڻ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. ڇا اسين هر سال سندن رهائش لاءِ نوان گهر نہ پيا بڻايون؟ ڇا اسين زياده کان زياده ڪپڙا، بوٽ ۽ ڪاڌي جون شيون هنن کي مهيا ڪري نٿا ڏيون؟ ڇا روسين جي گهرن ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن نہ آهن؟ ڇا هنن کي دنيا جي بهترين بئليٽ ناچ ۽ اوپرا راڳ مان لطف اندوز ٿيڻ جو موقعو نٿو ملي؟ ڇا سندن ٻارن جي پرورش حڪومت جي ٻالڪ-گهرن ۾ نٿي ٿئي؟ ڇا ٻارن کي مفت تعليم نٿي ملي؟ ڇا کين جديدترين هوٽلن ۾ رهڻ لاءِ، ۽ قدرتي نظارن مان راحت وٺڻ لاءِ، سير تفريح جي اجازت نٿي ڏني وڃي؟ اِئين برابر آهي تہ اسين پنهنجي عوام جي گهرجن کي پوري ڪرڻ ۽ سندن آرام ۽ خوشيءَ جي ڏس ۾ اِنهن سهوليتن کان گهڻو ڪجهہ وڌيڪ ڪري سگهون ها، پر اسان جو گهڻو وقت ۽ محنت پنهنجيءَ حفاظت ۾ صرف ٿيو آهي. تنهن هوندي بہ، جڏهن اسان جو نئون منصوبو تڪميل کي رسندو، تڏهن اسان جي عوام کي اڄ کا بي انداز سهولتون ميسر ٿينديون، ۽ اسان جي ترقيءَ سان دنيا جا کي ٿورا ملڪ مقابلو ڪري سگهندا. هاڻي، جيستائين سندن سياسي آزاديءَ جو تعلق آهي، توهان ڪيئن ٿو چوين تہ هو آزاد نہ آهن؟ هنن کي پوري پُني آزادي مليل آهي. هو حڪومت جي منصوبن جي باري ۾ پنهنجا رايا ڏيئي سگهن ٿا. حڪومت جڏهن بہ ڪو نئون قدم کڻندي آهي، تڏهن کين هرڪو موقعو ڏيندي آهي تہ هو اُن تي غور ڪن ۽ پنهنجا نيڪ مشورا ڏين. جڏهن اسين منصوبن کي عملي صورت ڏيڻ لڳندا آهيون، تہ پوءِ هنن کي لفظي چيني‌ءَ جي ڪهڙي اجازت ڏني وڃي، جيڪا هر طرح تخريبي ثابت ٿيندي؟ تنهنڪري، منهنجا دوست، مغربي طاقتن جي عملي دشمنيءَ هوندي بہ اسين ايترو تہ اڳتي نڪري ويا آهيون جو شايد ئي توهان اسان جي ترقيءَ جو اندازو لڳائي سگهين. اسان هن ملڪ

جو نقشوئي بدلائي ڇڏيو آهي. اڄ روس هڪ پٺتي پيل زرعي ملڪ مان مٽجي، هڪ عظيم‌ترين صنعتي ملڪ بڻجي ويو آهي. جيتوڻيڪ صنعتي لحاظ کان آمريڪا روس جي برابر آهي، پر هيءَ منهنجي دعوا آهي ته روس فوجي لحاظ کان آمريڪا کان گهڻو طاقتور آهي. تون شايد ان ڳالهه کي نه مڃين، پر ايترو ته ضرور قبول ڪندين ته آمريڪا ڪنهن به صورت ۾ روس کان سگهارو نه آهي. هاڻي وري اسان جي دوست ملڪن ڏانهن به نظر ڪر. انهن مان هر ملڪ اڄ اڳي کان وڌيڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته آهي. ڇا، عوامي چين جي عظيم ترقي هڪ معجزو نه آهي؟ ڪنهن جي خواب خيال ۾ هي اچي سگهيو ٿي ته اهو چين جيڪو يورپي ملڪن، آمريڪا ۽ جپان جي رحم ڪرم تي پلبو هو، سو ڏهن سالن جي ٿورڙي عرصي ۾ هڪ وڏي طاقت بڻجي ويندو! هن حقيقت کان رڳو اهي انڪار ڪندا، جيڪي انڌا يا احمق آهن. اسان کي پنهنجين ڪاميابين تي ناز آهي. اسان جو آئيندو نهايت روشن آهي. اسين هميشه اڳتي وڌندا رهنداسين. هاڻي ٻڌائي، توکي ڇا چوڻو آهي؟"

آءٌ.—"آءٌ پهرين ئي اوهان جي عظيم ڪاميابين ۽ ڪامرانين کي تسليم ڪري چڪو آهيان. آءٌ هي به مڃان ٿو ته اوهان جو ملڪ موجوده زماني جي هڪ وڏي طاقت آهي. خود منهنجو هتي حاضر ٿيڻ ان حقيقت جو دليل آهي، نه ته آءٌ پهرين روس ۾ نه اچان ها. نه وري مون کي ڪو ان ڳالهه کان انڪار آهي ته اوهان جو عوام ترقي يافته ۽ خوشحال آهي. منهنجو ۽ اوهان جو اختلاف رڳو ذاتي آزاديءَ ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جي مختلف طريقن تي آهي. پر هينئر هي بهتر ٿيندو ته هتي ان بحث کي نه ڇيڙيو وڃي. آءٌ توهان کان فقط هي پڇڻ ٿو گهران ته توهان دنيا جي ٻين ماڻهن لاءِ ڇا ڪيو آهي؟—خاص ڪري ايشيا جي ماڻهن لاءِ، جيڪي اڃا تائين غريب ۽ جاهل آهن، ۽ جن کي هڪ ڏينهن ۾ ٻه ويلا به پيٽ پوري ماني نٿي ملي! توهان جي قابل قدر ليڊرن ۽ مفڪرن سڄيءَ دنيا لاءِ "يوٽوپيا" (هڪ مڪمل، مثالي ۽ معياري دنيا) جا خواب لڌا آهن؛ پر اسين اڃا تائين ان 'مثالي دنيا' کان ڪيترو نه پري آهيون! ڇا، اسان ايشيائي ملڪن جي ماڻهن کي ڪُلهو اميدن جي آسري تي جيئڻو پوندو؟ ڇا، هڪ عظيم طاقت هجڻ جي حيثيت ۾ توهان جو هي فرض نه آهي ته ايشيا جي ڏتڙيل انسانن جي ڀلي لاءِ ڪجهه ڪريو؟ منهنجو هي مطلب هرگز نه آهي ته آءٌ توهان تي ڪنهن ملڪ جي ڳُڻن کي ظاهر ڪريان؛ پر ڇا هي صحيح نه آهي ته آمريڪا پٺتي پيل ملڪن جي مدد ڪري رهيو آهي؟

عزت مآب.—"مون کي تنهنجي نا سمجهيءَ تي افسوس ٿئي ٿو. تون پڇين ٿو ته اسان دنيا جي ٻين ماڻهن لاءِ، ۽ خاص ڪري ايشيا جي عوام لاءِ، ڇا ڪيو آهي. ڇا تو ڪڏهن هي سوچيو آهي ته جيڪڏهن روس اڃا به زار جي قبضي ۾ هجي ها، ته ايشيا جي حالت ڇا هجي ها؟ تون اڄ به سلطنتِ برطانيه جي غلاميءَ ۾ هجين ها، ۽ آهي سڀ ملڪ جيڪي اڄ آزاد آهن، اڃا تائين مغربي يورپ جون نوآباديون هجن ها. نوآبادي ملڪن جي عوام جي حيثيت ۾

جيڪا اوهان جي حالت هجي ها، تنهن کي توهان کان وڌيڪ سمجهي سگهين ٿو. روس دنيا جو آهو پهريون ملڪ آهي، جنهن ظلم، استبداد ۽ سرمائيداريءَ جي خلاف، دنيا جي مسڪين ۽ محڪوم عوام جي حق ۾ نعرو بلند ڪيو. اسان ٻي وڏي جنگ کان پوءِ هر بين الاقوامي ميڙ ۾ نوآبادين جي آزاديءَ ڪاڻ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون آهن. جيڪڏهن سامراجين کي هي دٻپ نه هجي ها ته متان نوآبادين جا عوام سندن ظلمن جي نتيجي ۾ اشتراڪي ٿي وڃن، ته جيڪر اوهان کي ڪڏهن به آزادي نه ملي ها. تو آمريڪي مدد جي متعلق به ڪجهه چيو آهي. اها به اسان جي وجود جي برڪت آهي جو اڄ آمريڪا پٺتي پيل ملڪن جي مدد ڪري رهيو آهي. تو ضرور آمريڪي ڪانگريس ۾ خارجي امدادي منصوبن تي وقت بوقت ٿيندڙ مباحثن کي پڙهيو هوندو: انهن مباحثن ۾ هميشه هي اعلان ڪيو ويندو آهي ته آمريڪا پٺتي پيل ملڪن کي رڳو ان ڪري مدد ٿو ڪري، ته جيئن هو اشتراڪين جي قبضي ۾ اچي نه سگهن. خود روس جو وجود نون آزاد ٿيل ملڪن جي آزاديءَ ۽ بقا جي ضمانت آهي. جيڪڏهن اڄ اشتراڪي روس نه هجي ها ته اوهان جي ملڪن کي وري غلام بڻايو وڃي ها. تنهنڪري، اوهين گويا اسان جي اثر هيٺ آزادي ماڻي رهيا آهيو. ان کان سواءِ، تون هي وساري رهيو آهين ته اسين به ايشيائي ملڪن کي سندن ترقيءَ ۾ مدد ڏيئي رهيا آهيون. اسين انهن ملڪن کي آمريڪا جي ڳالهين پيچندڙ وياج جي مقابلي ۾ سستن اگهن ۾ آڌار ڏيون پيا. پر، اسين ان لاءِ ڪنهن ملڪ کي آمريڪا وانگر معاهدن ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور نه ڪندا آهيون. اسان جي مدد ڪنهن به قسم جي زور ۽ زبردستيءَ کان پاڪ آهي. ڇا تون اڃا به سمجهين ٿو ته اسين ايشيا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي ماڻهن جا خيرخواه ۽ همدرد نه آهيون؟ تو شايد انهن شين جي قيمتن کي نه ڏٺو آهي، جيڪي اسين ٻين ملڪن کي وڪڻون پيا. ايشيا ۽ ٻين کنڊن جا ملڪ اسان کان خام مال ۽ ٻيو صنعتي سامان اهڙن گهٽ اگهن تي خريد پيا ڪن، جيڪي اڳي ڪڏهن به ميسر نه هئا. هاڻي اسين پنهنجي مال جي وڪري ۾ تمام گهڻو اضافو ڪرڻ وارا آهيون، ته جيئن دنيا جا ملڪ اسان کان سستو مال خريد ڪري مغربي سرمائيدارن جي ڦندي مان آجا ٿين. تو پنهنجي گفتگو ۾ 'يوٽوپيا' جو به ذڪر ڪيو هو. ان ۾ اسان جو اڄ به ايمان آهي. توکي معلوم آهي ته اشتراڪي سرشتي هيٺ اسان عظيم ترقي ڪئي آهي. اهو ساڳيو سرشتو اسان سڄيءَ دنيا کي آڇيو آهي. اسان جو نظام سرمائيدارن جي پراڻي، تنگ نظر ۽ رت-چوس نظام کان صد بار بهتر آهي. هاڻي ان جو مدار دنيا جي ٻين ملڪن تي آهي ته هو پنهنجون ٻوتيل اکيون کولين ۽ اسان جي طرز زندگي جي خوبين کي جاچين. ڇا عوامي چين ڪنهن ٻئي نظام ۾ ايترو طاقتور ٿئي ها، جيترو اڄ آهي؟ — يقيناً نه. مغرب جا سرمائيدار ۽ اجاره دار، اشتراڪي نظام کي لڳاتار ننديندا رهيا آهن؛ پر هي سندن ڏوهه نه آهي، ڇو ته اشتراڪي نظام سببان هنن جو وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي. اسان جي خلاف هنن جون تخريبي ڪارروايون جاري آهن. ان هوندي به، گهڻيئي ملڪ اسان جي نظام جي قوتن ۽ برڪتن مان

واقف ٿي چڪا آهن، ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن تيئن هو ان جي افاديت کي وڌيڪ سمجهندا. وقت اسان جي پاسي آهي. هر نئين ڏينهن تي اسان وٽ وڌيڪ خوراڪ، وڌيڪ مال، وڌيڪ مشينون، وڌيڪ سائنسدان ۽ وڌيڪ ماهر پيدا ٿي رهيا آهن. اسان جي تحقيق ۽ سائنسي کوجنا جيئن پوءِ تيئن آسري پيئي. اسان جا هوائي جهاز وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان اڏامن ٿا. اسان جا راڪيٽ عرش جي بلندين تي پهچي رهيا آهن. اهي سڀ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته وقت اسان جو ساٿ ڏيئي رهيو آهي: ۽ وقت ثابت ڪري ڏيکاريندو ته سرمائيدارانه معيشت نين حالتن جي دٻاءَ کي سهي نه سگهندي... پوءِ جيئن اسان جي معيشت ترقي ڪندي، تيئن اهو دٻاءُ تيز ٿيندو ويندو. اهو سڀڪجهه توهان جي حق ۾ فائديمند ثابت ٿيندو. توهان کي ڏينهون ڏينهن گهڻي مدد ملندي، ۽ مال به تمام سستو ملندو."

آءٌ. — "حضور ڪجهه دير اڳ فرمايو ته اشتراڪي روس جو وجود نون آزاد ٿيل ملڪن جي بقا جي ضمانت آهي، ۽ جيڪڏهن اشتراڪي روس نه هجي ها ته اسان جا پراڻا خودسر حاڪم وري اسان تي غالب پئجي وڃن ها: جيڪڏهن آءٌ توهان جي ڳالهه قبول ڪريان، ته پوءِ هي ضروري ٿيندو ته روس سلامت رهندو اچي ۽ سندس اثر بين الاقوامي سياست ۾ قائم رهي. مون کي چاڻ آهي ته توهين پاڻ کي فوجي لحاظ کان مغربي طاقتن جي مقابلي ۾ برتر سمجهو ٿا، پر فرض ڪريو ته ٽين وڏي جنگ ۾ هي ظاهر ٿي پوي ته توهان پنهنجي فوجي طاقت جي باري ۾ وڌاءَ کان ڪم ورتو هو، ۽ مخالف جي قوت کي غلطيءَ وچان گهٽ سمجهيو هو، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ تنهنڪري، ڇا، هي لازمي نه آهي ته ٽين وڏي جنگ کي منهن ڪيڏنهن ئي نه ڏنو وڃي؟"

عزت مآب. — "هاڻي تون بين الاقوامي امن جي موضوع تي ڳالهائي رهيو آهين. ان کان پهرين جو آءٌ ان ڏس ۾ ڪجهه چوان، آءٌ تو کان هڪ سوال ٿو پڇان. امن کي قائم ڪرڻ لاءِ انهن ملڪن ڪيتريقدر پاڻ پتوڙيو آهي، جيڪي هيئنر مغرب سان فوجي معاهدن ۾ شامل آهن؟ مغرب سان فوجي معاهدن ۾ شموليت ڪري، اوهين اسان کي ڪمزور بڻائي رهيا آهيو، ۽ اسان کي ڪمزور ڪرڻ معنيٰ اوهين آن ملڪ کي ڪمزور پيا ڪريو، جنهن نه فقط اوهان کي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ پر آزادي قائم رکڻ ۾ مدد ڪئي آهي!"

آءٌ. — "توهين شايد مون سان اتفاق ڪريو ته جمهوري ملڪن ۾ حڪومتن جي اهم مسئلن جا فيصلا عوام جي مرضيءَ مطابق ڪيا ويندا آهن. ڪابه جمهوري حڪومت پنهنجي عوام جي مرضيءَ خلاف ڪنهن به قدم کڻڻ جي همت نٿي ڪري سگهي. ان جو تازو مثال برطانيه جو سوئيز واهه تي حملو آهي. جڏهن 'ايڊن' سوئيز واهه تي حملو ڪرايو، تڏهن برطانوي عوام جي اڪثريت سندس ان قدم جي خلاف هئي. توهين برطانوي پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر جي راءِ کان ضرور واقف هوندا. تنهنڪري، جنگ جوٽڻ وقت، ڪنهن به جمهوري حڪومت لاءِ هي لازمي آهي

تہ پهرين هوءَ پنهنجي عوام جي تائيد حاصل ڪري. جيستائين جمهوري ملڪن جي عوام جو تعلق آهي، هو جنگ کان سخت نفرت ڪن ٿا، ۽ ڪڏهن بہ جنگ جوٽڻ جي اجازت نہ ڏيندا. ١٩٣٨ ۾ چيمبرلين، هٽلر جي طاقت کان هيسجي، ساڻس امن جون ڳالهيون هلايون. ان بدناميءَ واريءَ ڳالهہ پوءِ کي چيمبرلين 'عزت وارو امن' جو نالو ڏنو. ان مان ظاهر آهي تہ برطانيہ جي عوام جنگ کان نتائڻ ٿي چاهيو. تنهنڪري، حضور جن مڃين يا نہ، پر هيءَ حقيقت آهي تہ دنيا جون جمهوريتون ڪڏهن بہ جنگ شروع ڪرڻ نہ ڏينديون. ان مان ثابت آهي تہ مغربي طاقتن سان اتحاد ۽ معاهدا، تخريبي مقصدن جي تحت نہ ڪيا ويا آهن. اڄ جي فوجي حالتن جي مدنظر، ٽين جنگ جي صورت ۾ ايشيا جي ڪن ملڪن عملي مدد جي خاطر نہ، پر اخلاقي سببن جي ڪري مغرب جي معاهدن ۾ شموليت ڪئي آهي. اسان جي شموليت ان ڪري ضروري آهي تہ جيئن مغرب جا ملڪ، خاص ڪري آمريڪا، هي محسوس نہ ڪن تہ ايشيا ۾ سندن دوست نہ آهن. توهان کي شايد هيءَ ڳالهہ ڪل جهڙي لڳي، پر ايشيائي ملڪن جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي. حضور جن هڪ امن پسند انسان آهن، پر ان ڳالهہ جو ڪهڙو ثبوت آهي تہ توهان جو جانشين بہ اهڙو ئي امن پسند هوندو؟ — هو شايد ايشيا جي ڪمزور ملڪن کي بي يار و مددگار سمجهي ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪري!"

عزت مآب. — "تنهنجو اهڙين سوچڻ سراسر نادالي آهي. تون مغرب جي ليڊرن کي امن جا متوالا سمجهين ٿو، ۽ ان جي برعڪس، تو اسان تي حملہ آوار هجڻ جو گمان ظاهر ڪيو آهي. تون سمجهين ٿو تہ اسين رڳو انهيءَ انتظار ۾ آهيون تہ وجهہ وٺي ايشيا جي ملڪن تي قبضو ڪريون؛ — پر اسين جنگ ڪريون ئي ڇو، جڏهن ايشيا ۾ اسان جو اثر ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي؟ ايشيا جا باشندا جيئن پوءِ تيئن اسان جي ڪاميابين کان متاثر ٿي رهيا آهن؛ تنهنڪري خواهہ مخواهہ جنگ ڪري، اسين روسي عوام جي جان ۽ مال کي ڇو خطري ۾ وجهون؟ ازانسواءِ روس هيئنر تيز رفتاريءَ سان ترقي پيو ڪري، تہ پوءِ ڇو اسين ان ترقيءَ کي بنجو ڏيون؟ تنهنڪري اسان کي جنگ نہ، پر امن کپي! جيتوڻيڪ مخالف اسان لاءِ گهڻيئي رڪاوٽون پيدا ڪندا رهيا آهن، پر تڏهن بہ اسان، امن کي برقرار رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش پئي ورتي آهي. آخر آمريڪا کي ڪهڙو حق ٿو پهچي جو هو 'ڪومائي' ۽ 'ماتسو' ٻيٽن جي حفاظت جو ڍونگ رچائي، جڏهن تہ اهي ٻيٽ عوامي چين جي ملڪيت آهن؟ تنهنڪري، تنهنجو اهڙين چوڻ صحيح نہ آهي تہ اسين امن جا طالب نہ آهيون."

آءٌ. — "حضور جن هيئنر صاف صاف فرمائي رهيا آهن تہ اوهين ۽ اوهان جا دوست ملڪ امن جا طالبو آهن. ساڳيءَ طرح، آءٌ بہ واضح لفظن ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ مغربي جمهوريتون بہ امن جون خواهان آهن. هاڻي جيڪڏهن اهي دعوائون واقعي صحيح آهن تہ پوءِ ڇو دنيا جا ملڪ هٿيارن ناهڻ تي هڪ سو ارب ڊالر خرچ ڪري رهيا آهن؟ توهان چڱيءَ طرح سمجهو ٿا تہ جيڪڏهن اسلح سازيءَ

تي اوهان جو خرچ پنجاهه سيڪڙو گهٽجي وڃي ته روسي عوام کي ڪيڏو نه فائدو رسندو! اڄ پٺتي پيل ملڪن کي، فوجي امداد کان سواءِ، مختلف صورتن ۾، هر سال رڳو پنج ارب ڊالر ڏنا پيا وڃن؛ پر جيڪڏهن دفاعي خرچ گهٽائي هڪ چوٿائي رکيو وڃي، ته دنيا جي شاهوڪار ملڪن کي پنجهتر ارب ڊالر صافي بچندا. ايتري ساريءَ بچت مان انهن ملڪن جي اندر ٽيڪس گهٽائي سگهجن ٿا، ماڻهن جو معيار زندگي وڌائي سگهجي ٿو، ۽ باقي بچندڙ رقم کي پٺتي پيل ملڪن جي ترقيءَ ۾ لڳائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن پٺتي پيل ملڪن کي هر سال پندرهن ارب ڊالر ڏهن سالن تائين برابر ملندا رهن، ته ڏهن سالن جي آخر ۾ سندن عوام جو معيار زندگي اڄ کان ٻيڻو ٿي ويندو. ڇا، توهين هي پسند نه ڪندا ته توهان جي ملڪ جا ماڻهو سٺو کائين، سٺو پهرين، ۽ سٺيءَ طرح زندگي گذارين؟ ڇا توهين اهو به پسند نه ڪندا ته نون آزاد ٿيل ملڪن جا ماڻهو پڻ چڱن گهرن ۾ رهن، پيٽ ڀري کائين، ۽ پڙهيل ڳڙهيل هجن، ته جيئن هو موجوده زماني جي مادي ترقيءَ مان فيض حاصل ڪري سگهن؟ جيڪڏهن واقعي توهان ۽ مغرب جنگ جي خلاف آهيو ته پوءِ جنگ جي تيارين تي بي‌انتها خرچ ڇو ٿي رهيو آهي؟ آخر انهن ائٽم‌بمن، راڪيٽن ۽ ٻين ائٽمي هٿيارن جي ذخيرن مان ڪنهن کي فائدو رسندو؟ بدقسمتيءَ سان مغرب ۽ توهان کي هڪٻئي تي ڀروسو ڪونهي، تنهنڪري اوهين ٻئي طاقتون ڏپ وچان اسلح سازيءَ ۾ رڌل آهيو، ته متان ان تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جي ميدان ۾ مخالف گوءِ کڻي وڃي. فرض ڪريو ته اتفاق سان، يا ڪنهن سوچيل سمجهيل رٿ موجب، اڄ دنيا ۾ جنگ ڇڙي ٿي پوي. ان صورتحال ۾ جيڪي تباهه ڪاريون ٿينديون، تن کي حضور جن چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا. پوءِ دنيا جي ’سٺڪي‘ ملڪن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ منهنجي خيال ۾، توهين ۽ مغربي طاقتون ائٽمي تباهيءَ کان پوءِ وري نئين سر پنهنجن ملڪن جي تعمير کي جنبي پوندا. مطلب ته وري ڏهن سالن تائين اوهين ۽ مغرب، دنيا جي مادي ذخيرن کي، جن جي پٺتي پيل ملڪن وٽ بيحد کوٽ آهي، پنهنجي تعمير ۾ صرف ڪندا، ۽ دنيا جي حالت آها وڃي بيهندي، جيڪا ٻيءَ وڏي جنگ کان پوءِ هئي. توهان کي ته خبر آهي ته ٻي وڏي جنگ کان پوءِ عالمي بئنڪ جهڙيءَ بين‌الاقوامي جماعت به پنهنجي وجود جي پهرين ٽن سالن ۾ سڄو قرض فقط مغربي يورپ کي ڏنو— آمريڪا ته ذري گهٽ ۴۵ ارب ڊالر مغربي يورپ کي امداد طور ڏنا— ۽ جيستائين انهن ملڪن جي حالت بلڪل سڌري نه ويئي، تيستائين دنيا جي ٻين پٺتي پيل ملڪن کي ڪنهن به قسم جي مدد نه ڏني ويئي. هاڻي جيڪڏهن وري جنگ لڳي، ته پوءِ ايشيا جا پٺتي پيل ملڪ ته بنهه ليست لابود ٿي ويندا، ڇو جو هنن کي اهي پنج ارب ڊالر به ملڻ بند ٿي ويندا، جيڪي هينئر ڪين ملي رهيا آهن! انهن ڳالهين مان ظاهر آهي ته دنيا جو مستقبل حضورجن جي هٿن ۾ آهي. توهين چاهيو ته پنهنجيءَ دنيا کي، مغرب جي دنيا کي، ۽ غريب ملڪن جي دنيا کي بچائي سگهو ٿا: ۽ ائين تڏهن ٿيندو، جڏهن توهين جنگ کي آسرڻ جو موقعو نه ڏيو. هڪ دفعي توهين جنگ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو، ته پوءِ ٻنهي ڌرين جي درميان اسلح سازي ۾ ڪميءَ بابت فيصلن ٿيڻ ۾ دير نه لڳندي.“

آءُ.—"ان قسم جي بحث سان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪرندو. آءُ رڳو ايترو چوندس ته جيڪڏهن مغرب جا اردا اهڙا هجن ها ته هو توهان سان اُن زماني ۾ ئي جنگ ڪري ها، جڏهن وٽن ائٽم بم هو، ۽ توهان وٽ اجا هي مهلڪ هٿيار نه هو. تنهنڪري، مون کي يقين آهي ته مغرب جو عوام جنگ جي خلاف آهي، ۽ هو ضرور امن پسنديءَ جو اظهار ڪندو."

عزت مآب.—"آءُ توکي اها حقيقت ٻڌائي سگهان ٿو ته آمريڪا چو اُن زماني ۾ اسان سان جنگ نه ڪئي؛ پر هينئر ماضيءَ جي اُپٽار اجائي آهي. هاڻي تون اسان کان ڪهڙو قدم ڪڻائڻ ٿو چاهين؟ اسين دليا تي هر طرح سان واضح ڪري چڪا آهيون ته اسان کي امن کپي."

آءُ.—"آءُ حضور جن جي آڏو ٻهرين ٻي پنهنجو نقطءِ نظر رکي چڪو آهيان. آءُ وري به چوندس ته امن جي ڏس ۾ دنيا جي وڏن مدبرن جون تازيون ملاقاتون ناڪامياب ٿيون آهن: انهن ملاقاتن سان تيستائين ڪجهه نه ورندو، جيستائين گڏيل سمورن شڪن شبهن ۽ نااتفاقين ڪي وساري، دلين ۾ ڦيرو نه آندو ويو آهي. سڀ کان پهرين هي ضروري آهي ته ٻئي ڌريون سچيءَ دل سان امن جي خواهش ڪن، ۽ پوءِ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان عملي قدم کنيا وڃن. جيڪڏهن اوهين اهو فيصلو ڪري چڪا آهيو، ته پوءِ مناسب آهي ته اوهين ان جو عام اعلان ڪريو. مون کي ڄاڻ آهي ته اڳي توهان ۽ مغرب ان قسم جا گهڻيئي اعلان ڪيا آهن؛ مون کي هيءَ به ڄاڻ آهي ته انهن اعلانن تي عمل ڪرڻ لاءِ توهان امن-ڪانفرنسون ڀڻ ڪوٺايون؛ پر هن ڀيري هيءُ اعلان هڪ جدا نوعيت جو ٿيندو."

عزت مآب.—"تون ڪيئن ٿو چوين ته هڪ وڌيڪ اعلان سان صورتحال ۾ ڦيرو اچي ويندو، ۽ اهو اسان کي امن جي ويجهو آڻيندو. تو جن امن-ڪانفرنسن جو ذڪر ڪيو آهي، ڇا آهي ظاهر نٿيون ڪن ته اسين سچيءَ دل سان امن جا خواهان آهيون؟ ڇا اسان جي ليڊرن انهن ميڙن ۾ واضح لفظن ۾ نه ٻڌايو آهي ته روس جي عوام جو امن ۾ پختو ايمان آهي؟"

آءُ.—"پر هن ڀيري هي اعلان هڪ لئين طريقي سان ڪيو ويندو. ان ۾ سڀ کان پهرين واضح ڪيو ويو ويندو ته 'عالمي جنگ سچيءَ دنيا تي تباهي ۽ بربادي آڻيندي، تنهنڪري روس عالمي جنگ جي هر امڪان کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو: ان سلسلي ۾ اسان جو پهريون فيصلو هي آهي ته اسلح سازيءَ ۾ ايتريقدر ڪمي آندي وڃي، جو دنيا جو ڪو به ملڪ وڏي پيماني تي جنگ شروع ڪرڻ جي قابل نه رهي: اسان جي ٻي تجويز هيءَ آهي ته ننڍن ملڪن جي فوجن سان هڪ 'گڏيل قومن جي فوج' ٺاهي وڃي، جيڪا ايتري ته طاقتور هجي جو ڪنهن به حملآور ملڪ کي سولائيءَ سان شڪست ڏيئي سگهي: اسين وڏين طاقتن کي نينڊ ٿا ڏيون تـه هو هڪ بين الاقوامي امن-ڪانفرنس ۾ اچي اسان سان گفتگو ڪن، ۽ انهن تجويزن کي عملي جامو پهرائين'."

عزت مآب.—"پر فارموسا، ڪوريا، ورهايل جرمني، ۽ اهڙن ٻين غير حل شده مسئلن جو ڇا ٿيندو؟"

آءُ. — ”جڏهن هڪ دفعي دنيا مان جنگ جو انديشو ختم ٿي ويندو، ته مون کي اميد آهي ته انهن مسئلن جو به ڪو نه ڪو حل نڪري ايندو. اهي مسئلا واقعي ڏاڍا مُنجهيل آهن، جن کي تسلي بخش طريقن سان طي ڪرڻ لاءِ اعليٰ تدبر جي ضرورت آهي؛ ليڪن مون کي يقين آهي ته دنيا جا مدبر سياستدان جنگ جي عذاب مان نجات حاصل ڪرڻ ۽ هنن تڪراري مسئلن جي حلن تلاش ڪرڻ جي اهميت ضرور محسوس ڪندا — ٻيءَ صورت ۾، هو ڇڱيءَ طرح سوچي سگهن ٿا ته جيڪڏهن موجوده صورتحال اجا به قائم رکي ويئي، ته پوءِ نه هو پاڻ رهندا، نه سندس مسئلا ۽ ملڪ، بلڪ سڄي دنيا تباهه ٿي ويندي. آءُ حضور جن کي خاطري ٿو ڏيان ته جيڪڏهن هڪ دفعي دنيا جي ماڻهن جي راءِ کي آڀاريو ويندو ۽ هنن کي محسوس ڪرايو ويندو ته امن حاصل ڪرڻ سندن اختيار ۾ آهي، ته هو پنهنجن سياستدانن تي زور آڻي کين مجبور ڪندا ته بين الاقوامي مسئلن جو حل ڳولين.“

عزت مآب. — ”چڱو، هاڻي تون مون کي ڪجهه وقت ڏي ته آءُ پنهنجن ساٿين سان گڏجي تنهنجين تجويزن تي غور ڪريان. توکي گهڻا ڏينهن ترسڻو نه پوندو، آءُ توکي جلدئي گهرائيندس. ڀلا، عالمي امن جي اعلان کان سواءِ، روس جي عوام کان ٻي تنهنجي ڪهڙي طلب آهي؟“

آءُ. — ”حضور جن بيحد مهربان آهن. في الحال مون کي ٻيو ڪجهه به چوڻو نه آهي.“

اجا هفتو کن مس گذريو، ته مون کي وري عزت مآب سان ملڻ لاءِ گهرايو ويو. هن ڀيري هو اڪيلو هو، ۽ ترجمان کان سواءِ ٻيو ڪو به ماڻهو وٽس موجود ڪو نه هو. هو ڪن ڳوڙهن ويچارن ۾ ويٺو هو.

عزت مآب. — ”مون کي افسوس آهي جو توکي ايترا ڏينهن انتظار ڪرڻو پيو؛ پر تنهنجين تجويزن تي ويچار ڪرڻ لاءِ مون کي وقت کپندو هو. اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ته تنهجين تجويزن مان ڪو خاص فائدو ڪو نه ٿيندو: اسان کي يقين آهي ته مغربي سرمائيدار ۽ سامراجي، اشتراڪي ملڪن سان اقتصادي مقابلي کان بچڻ خاطر، ۽ پنهنجين تجارتي منڊين جي حفاظت لاءِ، جنگ چاهين ٿا. کين بخوبي معلوم آهي ته تجارتي مقابلي ۾ هو اسان کان هارائي ويندا، تنهنڪري هو جنگ جي امڪانن کي وڌائيندا ٿي رهندا. پر، انهن تلخ حقيقتن جي باوجود، اسين تنهنجيءَ راءِ کي آزمائش جو موقعو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، ڇاڪاڻ ته اسين امن جا خواهان آهيون، اسان هميشه امن لاءِ پاڻ کي پتوڙيو آهي، ۽ هيءَ هڪ وڌيڪ ڪوشش پڻ امن جي راهه ۾ اسين ڪري رهيا آهيون: آءُ تنهنجين تجويزن پٺاندر اعلان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!“

آءُ. — ”مون کي اوهان جي انهيءَ فيصلي تي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. آءُ سمجهي سگهان ٿو ته مغرب ڏانهن اوهانجن شڪن شبهن واريءَ حالت ۾، اوهان لاءِ هيءُ فيصلو ڪرڻ ڪيتريقدر مشڪل هو. مون کي دنيا جي، ۽ خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم انسانن جي روشن مستقبل ۾ ايمان آهي. هاڻي آءُ توهان جي آڏو ٻه رٿون رکان ٿو: هڪ ته عالمي امن جي

باري ۾ اعلان، اهڙي سهٽي نمولي ۾ ڪيو وڃي جو هڪدم دنيا جي ماڻهن جي ذهنن تي اثر ڪري؛ ۽ پيو ته توهان جا دوست ملڪ به موقعي آهر اهڙو ئي اعلان ڪن."

عزت مآب. — "مون کي تنهنجي پهرينءَ رٿ سان اتفاق آهي ته امن جي مهم کنهن اثرائتي نمولي ۾ هلائي وڃي. ان کي ڪجهه وقت لڳندو — پر گهٽو نه — تيستائين تنهجو هتي رهڻ ضروري آهي. باقي رهي تنهنجي ٻي رٿ، سو ان جي باري ۾ آءٌ دوست ملڪن سان مشورو ڪندس. مون کي يقين آهي ته هو به ان مهم ۾ منهنجي حمايت ڪندا، ڇو جو اسان وانگر هو به امن قائم ڪرڻ لاءِ بيچين آهن. منهنجو خيال آهي ته جيستائين هي اعلان ٿئي، تيستائين اسان جي ڳالهين کي مخفي رکيو وڃي. تون يقيناً اسان جي باهمي گفتگو جي اهميت کان واقف آهين."

آءٌ. — "حضور جن خاطري ڪن ته اسان جي گفتگو مخفي رهندي. آءٌ تيستائين ڪا به ڳالهه ظاهر نه ڪندس."

اسان جي ملاقات کي اڌ مهينو ٿي ويو، ۽ آءٌ اڪيلو ۽ پريشان ٿيڻ لڳس. ڇو ته آءٌ کنهن سان به نٿي ملي سگهيس، ۽ نه وري سير تفريح ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري سگهيس. کنهن ٻئي شهر ۾ به وڃي نٿي سگهيس، ڇو ته مون کي کنهن به ڏينهن ملاقات لاءِ سڏ ٿي سگهيو ٿي. هي اڌ مهينو مون ڪافي بي صبريءَ ۾ ڪاٽيو. آخر هڪ ڏينهن پيغام آيو ته ٻئي ڏينهن ڇهين بجي ڏاري هڪ جلسي ۾ شرڪت لاءِ تيار رهان. مون کي چيو ويو ته آءٌ ان موقعي تي پنهنجو قومي لباس پهريان.

خدا خدا ڪري ٻيو ڏينهن آيو. موسم خوشگوار هئي، ۽ آءٌ به خوش هوس. مون پنهنجو ملڪي لباس پاتو، ۽ بيچينيءَ سان مقرر ڪيل وقت جو انتظار ڪرڻ لڳس. آخر هڪ خاص آفيسر مون کي موٽر ۾ وٺي وڃڻ آيو. سندس ڀڙڪيدار ڊريس ڏسي آءٌ حيران ٿي ويس. اسين موٽر ۾ چڙهي 'سُرخ چوڪ' ۾ آياسين. سڄو ميدان حشام ماڻهن سان ڀريو پيو هو. لينن جي مجسمي وٽ هڪ رنگا رنگي اسٽيج ٺاهيو ويو هو، ۽ مون کي وڏيڪ حيرت ٿي، جڏهن مون کي انهيءَ اسٽيج تي آڻي ويهاريو ويو. آهستي آهستي بالا آفيسر اچڻ لڳا. پهرين اشتراڪي ملڪن جا ايلچي آيا. ان کان پوءِ ٻين ملڪن جا ايلچي آيا، جن کي اسٽيج جي هڪ پاسي جڳهه ڏني وئي. سوين فوٽوگرافر اچي جمع ٿيا هئا؛ ساڻن فلمي ڪئمرائن وارا به هئا. اخباري نمائندن جي جڳهه ته صفا ڀرجي وئي هئي. پنجن ۾ اجا ٻه منٽ هئا، ته عزت مآب ڪابينه جي وزيرن سميت اسٽيج جي پهرينءَ قطار ۾ اچي ويٺو. هو تارن ۽ تمغن سان سينگاريل، سونهري ۽ اڇيءَ يونيفارم ۾ ڏاڍو پُروقار پئي لڳو. جيئن هو اچي ويٺو ته روس جو قومي ترانو وڄڻ شروع ٿيو. تراني جي اختتام تي هن پنهنجو نائب مون ڏانهن موڪليو، جنهن مون کي عزت مآب جي ڀر واريءَ ڪرسيءَ تي آڻي ويهاريو. هو عظيم انسان مون ڏانهن نهاري مشڪيو، ۽ پوءِ مائيڪروفون تي بيهي تقرير ڪيائين. تقرير جو ترجمو هن ريت آهي:

”معزز سفيرو ۽ ساٿيو! اسين هن اڄوڪي غير معمولي موقعي تي ان ڪري جمع ٿيا آهيون، ته دنيا تي هڪ دفعو وري واضح ڪريون ته روس امن جو طالب آهي. اڳي به گهڻن ئي موقعن تي اسان امن لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، پر افسوس ته آهي ڪامياب نه ٿيون. انهن ناڪامياين لاءِ هينئر ڪنهن کي قصوروار ٺهرائڻ فضول آهي. اڄ وري به اسين امن جي واٽ ۾ هڪ وڏيڪ ڪوشش ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهيون، ڇو ته روسي عوام ۽ اسان جي دوست ملڪن جي عوام پاڻ کي امن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ آمريڪا ۽ مغرب جي ٻين ملڪن کي ڳڻو ايترو چوندس ته جنگ سڄي انسانذات جي تباهي آهي — انهن مڙني شين جي تباهي، جن کي جوڙڻ ۾ توهان جي ۽ اسان جي عوام پنهنجو رت ۽ پگهر ڏنو آهي. اسين ايڏي ساري انساني پورهئي کي ڇو تباهه ڪريون، جنگ کي ڇونه ختم ڪري ڇڏيون؟ آءٌ پنهنجيءَ حڪومت جي طرفان اعلان ٿو ڪريان ته اسين جنگ کي مٽائڻ جي فيصلي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: آءٌ دنيا جي ٻين ملڪن کي نينڊ ٿو ڏيان ته هو به ساڳيو فيصلو ڪن، ۽ اسان سان گڏجي هٿيارن گهٽائڻ جو ڪو حل ڳولين. اڄ وڏيون طاقتون دفاع تي هڪ سؤ ارب ڊالرن کان وڌيڪ خرچ ڪري رهيون آهن. ڪيڏو نه زبردست زيان آهي پيسي جو! ڇو نه اسين ايتري ساري خرچ مان هڪ وڏو حصو بچائي، پنهنجي ۽ انهن ملڪن جي ترقيءَ تي صرف ڪريون، جن کي اسان جي مدد جي ضرورت آهي! تنهنڪري، اچو ته انهيءَ فرض جي پورائيءَ لاءِ اسين سڀ متحد ٿي هٿيارن گهٽائڻ جي فيصلي تي اتفاق ڪريون، ۽ ان لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪريون جو ڪابه هڪ طاقت ٻيءَ طاقت تي ناجائز چڙهائيءَ جي قابل نه رهي. ساڳئي وقت، اسين هڪ اهڙي طاقتور بين الاقوامي فوج قائم ڪريون، جيڪا هر ڏاڍائي ڪندڙ ملڪ کي شڪست ڏيئي سگهي. اچو ته ننڍن ملڪن کي اجازت ڏيون ته هو اها فوج ٺاهي امن جي رکوالي ڪن. اڄ جي دور ۾ ڪو به ملڪ ٻين ملڪن کان بيگانو رهي گذاري نٿو سگهي، ڇو جو زمين ۽ خلائن جا فاصلا مٽجي چڪا آهن. اڄ جي دور ۾ اسين سڀ هڪٻئي کان ڪجهه نه ڪجهه لهڻون. تنهنڪري، اچو ته گڏجون؛ اچو ته هڪٻئي جي تعاون سان دنيا جي محتاجن کي ڪاڌو ڏيون ۽ مسڪينن کي ڪپڙا ڍڪايون؛ اچو ته دنيا جي غريبن کي موقعو ڏيون ته هو به اڄ جي ترقي يافته دور جي راحتن مان مزو ماڻين! آءٌ روسي حڪومت جي طرفان واعدو ٿو ڪريان ته اسين پٺتي پيل ملڪن جي ڏتڙيل ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ تيار آهيون. هن وقت اسان وٽ پٺتي پيل ملڪن جو هڪ نمائندو موجود آهي. آءٌ توهان سان سندس تعارف ٿو ڪرايان. هن مون کان امن لاءِ هڪ دفعو وري ڪوشش وٺڻ جو واعدو ورتو آهي. آءٌ کيس دنيا جي آڏو پيش ڪريان ٿو، ۽ کيس اجازت ٿو ڏيان ته هو اسان جي طرفان ’امن جو ايلچي‘ ٿي، دنيا جي ٻين ملڪن ۾ وڃي. مون کي اميد آهي ته هو ڪامياب ٿيندو. هاڻي اچو ته اسين سڀ، امن جي ترانې جي آجيان ڪندي، پاڻ کي ۽ اڄ جي ڏينهن کي امن لاءِ وقف ڪريون. عالمي امن زنده باد!“

ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ نئين گاڏي آئي، جنهن تي آفريڪا جي هڪ سون جي کاڻ جو نظارو هو. کاڻ ۾ قاتل ڪپڙا پهريل آفريڪي مزدور، پٺن تي ڳرا بار کنيو ڪم ڪري رهيا هئا. هو سڀ پگهر ۾ شل هئا. هڪ آفريڪي مزدور کي هڪ 'اڇيءَ چمڙيءَ واري' جمعدار چهبڪ سان سٽيو پئي. گاڏيءَ تي لکيل هو "اڄ". پوءِ ٻي گاڏي ساڳيءَ کاڻ سان لنگهي. پر هاڻي مزدورن بدران کاڻ مان سون مشينن ٿي ڪڍيو. آفريڪي مزدور انهن مشينن جي سنڀال ڪري رهيا هئا. کين اَجري پوشاڪ پهريل هئي. هنن سان گڏ اڇي چمڙيءَ وارا مزدور به هئا. سڀني ڪم ڪندي هڪٻئي سان چرچو ڀوڳ پئي ڪيو. تختيءَ تي لکيل هو "سڀاڻي".

ان کان پوءِ ڪيتريون ئي گاڏيون آيون. ڪن تي سائنسدان هئا، ته ڪن تي ڊاڪٽر، ۽ ڪن تي سماجي ڪارڪن. هي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪرت جا ماهر، انساني ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. ڪن سائنسدانن وسيع خلائن ۾ اڏامندڙ راڪيٽ تيار پئي ڪيا ته جيئن انسان عرش تائين سفر ڪري سگهي، ته ڪي سائنسدان لُوڻياڻي پاڻيءَ مان مٺي پاڻيءَ بڻائڻ جي کوجنائن ۾ مصروف هئا ته جيئن دريائن کان سواءِ سمنڊ مان به پيئڻ ۽ آباديءَ لاءِ پاڻي حاصل ڪري سگهجي، ۽ ڪي سائنسدان سج جي ڪرڻن مان صنعتي توانائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هئا. ڊاڪٽر وري مهلڪ مرضن ۽ وچڙندڙ وبائن جي علاج لاءِ نين دوائن ۽ ويڄڪ جي نون طريقن جي کوجنائن ۾ رُڌل هئا. ٻئي طرف سماجي ڪارڪن ٻارن جي فلاح و بهبود جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا، ۽ گهرو زندگيءَ ۾ گهڻي کان گهڻي خوشي ۽ راحت پيدا ڪرڻ بابت سوچي رهيا هئا.

هاڻي اسان جي آڏو وڏيون ٽئنڪون لنگهيون، جن تان مستري وڏيون وڏيون مصيبت جهڙيون توبون لاهي رهيا هئا. ننڍين ٽئنڪن کي ٽريڪٽرن ۾ تبديل ڪيو ويو هو، جن هاڻي زرعي سامان پئي ڍوئيو. جنگي لارين کي وري عام سفري بسون بڻايو ويو هو. بسن جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ پريڊ ختم ٿي، ۽ روس جو قومي ترانو وڄڻ لڳو. جلسي ختم ٿيڻ تي عزت مآب مون کي چيو ته آءٌ ڪجهه ڏينهن وڌيڪ روس ۾ ترسان.

ٻئي ڏينهن روسي اخبارن عزت مآب جي تقرير، پريڊ جي سڄي احوال سميت، وڏين سرخين سان شايع ڪئي. اخبارن ۾ منهنجي تصوير به 'امن جي ايلچيءَ' جي عنوان سان ڇاپي وئي. غير ملڪي اخبارن جي نمائندن مون کي پريس-ڪانفرنس سڏائڻ لاءِ چيو. مون هنن جي تجويز کي قبول ڪيو. سڀني سفارتخانن جي نمائندن مون کي زور ڀريو ته آءٌ سندن ملڪن جي سفيرن سان ملاقات ڪريان. مون عزت مآب کي پنهنجي پريس-ڪانفرنس ڪوٺائڻ واري خيال کان واقف ڪيو، ۽ پڻ غيرملڪي سفيرن سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي. عزت مآب منهنجي تجويز قبول ڪئي، ڇيائين ته اخباري نمائندن ۽ سفيرن جي گڏيل ڪانفرنس جو انتظام جلد ڪيو ويندو. مقرر وقت تي سفير ۽ سندن عملي جا عهديدار، ۽ اخباري نمائندا اچي دعوت ۾ ڪٺا ٿيا. آءٌ سندن

تہ هڪڙي ڏينهن ۾ سيني ماڻهن جي راءِ کي بدلائڻ ناممڪن هو ۽ ان لاءِ مسلسل ڪوشش جي ضرورت هئي. ساڳئي ڏينهن عوامي چين ۽ جپان جا سفير مون وٽ آيا، ۽ پنهنجين حڪومتن طرفان چين ۽ جپان اچڻ جي دعوت ڏنائون. مون جپاني حڪومت جي دعوت قبول ڪئي، ۽ جپاني سفير کي چيم تہ آءٌ پنهنجي وڃڻ جي تاريخ پوءِ ٻڌائيندس. مون عوامي چين جي سفير جا ٿورا مڃيندي کيس چيو تہ في‌الحال منهنجو چين وڃڻ جو ارادو ڪونهي، ڇو جو ٻن هفتن کان پوءِ مون کي وطن ورڻو آهي.

شام جو جپاني سفارتخاني کي مون وڃڻ جي تاريخ ڏني. ٻئي ڏينهن، منهنجي عرض تي، عزت مآب مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مون ساڻس چين ۽ جپان جي دعوتن ۽ پنهنجي جپان وڃڻ جي فيصلي جو ذڪر ڪيو، ۽ وڃڻ کان اڳ ڪن روسي شهرن گهمڻ جي اجازت ورتيمانس. جپان ڏانهن رواني ٿيڻ ۾ اڃا هفتو پيو هو. مون عزت مآب کي هي بہ عرض ڪيو تہ روسي شهرن ۾ منهنجي وڃڻ جي خبر کي شايع نہ ڪيو وڃي، تہ جيئن آءٌ فراغت سان گهمي ڦري سگهان. عزت مآب چيو تہ ائين ٿيڻ ناممڪن آهي، ڇو جو تنهنجي تصوير اڳي ئي روس جي سيني اخبارن ۾ شايع ٿي چڪي آهي، ۽ جتي بہ توهين ويندين آتي جا ماڻهو هي هرگز پسند نہ ڪندا تہ تون سندن شهرن ۾ اچي، ساڻن ملڻ کان سواءِ هليو وڃين. مون، ان ڪري، روسي شهرن گهمڻ جو ارادو بدلايو، ۽ عزت مآب کان ماسڪو ۾ هڪ هفتو وڌيڪ ترسڻ جي اجازت ورتي، جنهن کي هن وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيو. عزت مآب مون کي ٻڌايو تہ هن منهنجي رواني ٿيڻ کان اڳ، تمام وڏي پيماني تي، روس جي اعليٰ موسيقارن ۽ فنڪارن جي شموليت سان، امن جي موضوع تي هڪ عظيم‌الشان ڊرامي جي تيارين لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون هيون؛ پر جيئن تہ ان جي تيارين ۾ ٥-٦ مهينا گهربل هئا، ۽ آءٌ تمام ترت هتان روانو ٿيڻو هوس، تنهنڪري هن وڏي اشتياق سان مون کي انهيءَ موقعي تي ٻيهر ماسڪو اچڻ جي دعوت ڏني. هن منهنجي جپان روانو ٿيڻ جي تاريخ پاڻ وٽ نوٽ ڪئي، ۽ منهنجي هوائي سفر جي اطمينان بخش انتظام جي خاطري ڏني. مون سندس مهمان نوازيءَ، خوش اخلاقيءَ ۽ مهربانين جا ٿورا مڃيا، ۽ خاطري ڏنيمانس تہ "دليا ضرور توهانجين تجويزن جي آجيان ڪندي، ڇو جو دنيا جون اخبارون متفق طور امن جي حق ۾ آهن. امن جي تصفيي لاءِ دليا جي وڏين طاقتن جي باهمي ملاقات کي جيتوڻيڪ ڪجهہ وقت ضرور گهربل ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ڪي ملڪ ان لاءِ اوائلي ڇنڊڇاڻ ۽ صفائي طلب ڪندا، پر جيئن تہ حضورجن امن لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن، تنهنڪري مون کي اميد آهي تہ ان ۾ ضرور ڪاميابي حاصل ٿيندي." عزت مآب هڪ دفعو وري مون کي يقين ڏياريو تہ هو پاڻ، سندس حڪومت، ۽ روس جو عوام، امن جي فائدي ۾ آهن؛ ۽ اميد ڏيکاريائين تہ هو پنهنجن مغربي دوستن سان امن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ اوترو ئي ڪامياب ٿيندو، جيترو هتي ماسڪو ۾ ٿيو هو.

هفتو بہ اچي پورو ٿيو. ان وچ ۾ منهنجي خط و ڪتابت ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو هو. مون کي سينيءَ هنڌان خط اچڻ لڳا، جن مان معلوم ٿيم تہ گهڻيئي ماڻهو ۽ جماعتون امن جي حصول لاءِ تيار ٿيون هيون. ماسڪو ڇڏڻ جو وقت آيو، تہ هڪ سرڪاري موٽر مون کي هوائي اڏي تي پهچائڻ لاءِ آئي. هوائي اڏي تي هزارين ماڻهو مون کي الوداع ڪرڻ آيا هئا. عزت مآب بہ وزيرن سميت آيو هو. فوٽوگرافرن ۽ فلمي ڪئميرا وارن موٽر کان وٺي هوائي جهاز جي در تائين منهنجا فوٽا پئي ورتا. صاف پوشاڪ پهريل ٻارڙن مون کي قسمين قسمين گلن جا تحفا پيش ڪيا. آءٌ عزت مآب سان آخري ڀيرو مليس. هن ٻڌايو تہ مون کي ٽوڪيو ڪٽي وڃڻ لاءِ خاص هوائي جهاز جو انتظام ڪيو ويو هو. مون هڪ دفعو وري سندس مهمان نوازيءَ جو گرمجوشيءَ سان شڪرانو ادا ڪيو. روسي عوام جي ايڏي پُرخلوص اهتمام کان آءٌ بيحد متاثر ٿيس، ۽ سموري انسانذات جي خوشحاليءَ جون دعائون گهرندي، اسان هڪٻئي کان وداع ٿياسين.

آءٌ جنهن جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هوس، سو جنگي مقصد لاءِ ٺهيل، ٻہ انجڻن واري، هڪ لنڊي قسم جو جيٽ هوائي جهاز هو؛ ٻر هاڻي ان کي ڏاڍي سهڻيءَ طرح سينگاريو ويو هو، ۽ منجهس آرام ۽ آسائش جو سڀ سامان موجود هو. هوائي جهاز ۾ منهنجي چاڪري شاهانہ نموني ۾ ڪئي ويئي. جپان جي ماسڪو واري سفير مون کي ٻڌايو هو تہ ٽوڪيو ۾ منهنجو قيام ڇهن ڏينهن لاءِ رٿيو ويو آهي — مون کي گهڻو وقت ٽوڪيو ۾ ترسڻو هو، پر جي مون چاهيو تہ هڪ ڏينهن ٽوڪيو کان ٻاهر وڃي سگهيس ٿي.

اسين چوويهن ڪلاڪن ۾ ٽوڪيو پهچي وياسين. جڏهن هوائي جهاز جپان جي ويجهو آيو تہ مون هوائي عملي جي هر هڪ فرد جا ٿورا مڃيا، جن ڏاڍي چاهہ سان منهنجي خاطرداري ڪئي هئي. مون انهن سڀني جا نالا لکي ڇڏيا، تہ جيئن ڪنهن ڏينهن کين تحفا موڪلي پنهنجي عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪريان.

هوائي جهاز جڏهن زمين تي لٿو تہ ٽوڪيو تي سج چمڪي رهيو هو. هوائي اڏي تي هڪ وڏو هجوم جمع هو. آءٌ هوائي جهاز جي در کان ٻاهر نڪتس مس، تہ ماڻهن امن جي فلڪ شگاف نعرن سان منهنجو استقبال ڪيو. مون بہ جواب ۾ هٿ لوڏي کين سلام ڪيو. جيئن ئي آءٌ هيٺ آيس، تہ جپان جي هڪ عاليٰ ترين شخص مون کي اچي ڀاڪر پاتو. هن سان ۽ سندس خاندان سان ملڻ کان پوءِ، ٻين عهديدارن سان منهنجو تعارف ڪرايو ويو. پوءِ اسين سڀ هڪ وڏي سجايل اسٽيج تي وڃي ويٺاسين. اسان جي ويهڻ تي امن جو ترانو وڄڻ لڳو. اُن کان پوءِ جپان جو قومي ترانو پيش ٿيو، جنهن جي احترام ۾ اسين اٿي بيٺاسين. پوءِ هن عظيم شخص اٿي تقرير ڪئي — جنهن جو ترجمو مون کي تقرير ختم ٿيڻ کان پوءِ فوراً ڏنو ويو. هن چيو: ”اڄ اسين پنهنجي هڪ ايشيائي ڀاءُ جي آجيان لاءِ اچي هتي گڏ ٿيا

آهيون. اسين جپاني عوام جي طرفان هن جو آڌرڀاءُ ٿا ڪريون، ۽ ڪيس ۽ سڄيءَ دنيا کي يقين ٿا ڏياريون ته جپان جو عوام هميشه امن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو. جپاني عوام کي جنگ جي تباهڪارين جو ذاتي تجربو آهي: اسين ئي اها قوم آهيون، جنهن ائٽم بم جا قهر ۽ ڪلور اکين سان ڏٺا آهن — تنهنڪري اسين، جپان جا باشندا، پنهنجي پوري عزم سان هي عهد ٿا ڪريون ته جنگ جي خلاف اسين هر ممڪن جهاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، ۽ امن حاصل ڪرڻ اسان جو ايمان آهي! اسين 'امن جي ايلچيءَ' جي تهدليون آجيان ٿا ڪريون. پاڻ هڪ پڇتي پيل ملڪ جو رهاڪو آهي، ۽ اسان کي هن جي ملڪ ۽ ٻين پٺتي پيل ملڪن جي ضرورتن جي بخوبي ڄاڻ آهي. جيتوڻيڪ اسان جا وسيلا ڪي گهڻا نه آهن، پر تڏهن به اسين انهن ملڪن جي ترقيءَ ۾ پنهنجي حال آهر مدد ڏينداسين. اسان جي دعا آهي ته امن قائم ٿئي، ۽ انسانيت خوش ۽ خوشحال ٿئي!" هوائي اڏي کان هڪ کليءَ موٽر ۾ چڙهي، اسين شهر آياسين. 'عظيم شخص' ۽ سندس خاندان جا ماڻهو مون سان گڏ هئا. رستن جي ٻنهي پاسن ماڻهو قطارون ڏاهيو بيٺا هئا، ۽ جيئن اسين لنگهياسين ته هو گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا. سندن هٿن ۾ امن جا پوسٽر هئا، ۽ سڀ ماڻهو خوشيءَ وچان ٽهڪي رهيا هئا. عظيم شخص ۽ سندس ساٿي وات تي هڪ هنڌ لهي پيا، ۽ مون کي مهمان-گهر ۾ آڻي ترسايو ويو. آنهيءَ ڏينهن آجيان-ڪميٽيءَ جو چيئرمن مون وٽ آيو، ۽ ايندڙ ٽن ڏينهن جي گشت جو پروگرام ڏنائين. پهرئين ڏينهن مون کي ناگاساڪي وڃڻو هو؛ ٻئي ڏينهن، واپس اچي، ٽوڪيو ۾ جپاني نوجوانن جي هڪ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻو هو؛ ۽ ٽئي ڏينهن جپان جي عورتن طرفان سڏايل هڪ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻو هو.

شام جو ڪاڏو مون جپان جي وڏن واپارين ۽ صنعتڪارن طرفان سڏايل هڪ دعوت ۾ ڪاڌو. هيءَ هڪ خانگي دعوت هئي، جنهن ۾ فقط ڪارخانن ۽ فرمن جا عهديدار ۽ سندن عورتون شريڪ ٿيون. جپاني رواج مطابق، اسين سڀ فرش تي ويناسين. ڪاڌو عورتن پنهنجن هٿن سان تيار ڪيو هو، ۽ کارايو به انهن ئي — نوڪرن جي ڪا به مدد ڪانه ورتي ويئي. هن قسم جي قربانيءَ مهمان نوازيءَ مون کي گهڻي قدر متاثر ڪيو. ڪنهن به تقرير ڪانه ڪئي؛ البت جڏهن مون کي هڪ سون سان ٺهيل ۽ جواهرن سان جڙيل گلدستو پيش ڪيو ويو، ته سڀني چيو — 'شل تون ڪامياب ٿين! شل تون ڪامياب ٿين!' جواهرن کي اهڙيءَ ترتيب سان جڙيو ويو هو جو انهن مان لفظ "امن" ٺهي پيو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ هوائي جهاز ذريعي ناگاساڪي پهتس. جيتوڻيڪ هوائي اڏي تي فقط ٻه-ٽي سؤ ماڻهو آيا هئا، پر جڏهن آءٌ جلسي ۾ پهتس ته ائين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ سڄو شهر اچي اٿلي پيو هو. اسٽيج اڳيان سوين ننڍڙا سهاڄهڙا ٻارڙا ويٺا هئا، جن سڀني کي اڇيون پوشاڪون پهريل هيون. اسين پهتاسين ته ڪارروائي شروع ٿي. پهرين ٻارڙن هڪ گيت ڳايو. سازن مان اهڙا المناڪ ۽ درديلا آلاپ نڪري رهيا هئا، ڄڻ ڪنهن موت جي مجلس ۾

مرثيي خواني ٿي رهي هجي. چوڏهن سال اڳ، ٻي عالمگير جنگ ۾، هن ئي سر زمين تي ”ائٽم بم“ ڪيرايو ويو هو: ڪيڏي تباهي ۽ بربادي انسانن تي آئي، ڪيترا انسان ان ۾ موت جو ٻڪ بڻيا، ڪيترا انسان ان جي اثر سبب انڌا ٻوڙا ۽ گونگا بڻجي ويا، ڪيترا انسان ان جي دهشت سببان ٻنهه پاڳل بڻجي ويا — اهو سمورو احوال اهڙي ته دردناڪ انداز ۾ گيت ۾ بيان ڪيو ويو هو، جو جيتوڻيڪ اُهو جپاني ٻولي نٿي سمجهي سگهيس، پر سازن جي پُرسوز آواز ۽ ٻارڙن جي معصوم چهرن تي اڀرندڙ عذاب جا اثرانگيز آثار، مون کي جنسي اوچنگارون ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. جنهن شخص هن منظر جو خيال رٿيو هوندو، سو يقيناً ڪو تمام وڏو فنڪار هوندو، ڇاڪاڻ ته هن ساديءَ پيشڪش منهنجي روح جي انتهائي گهراين ۾ جنبش آڻي ڇڏي هئي.

ان کان پوءِ هڪ ڇوڪريءَ مختصر تقرير ڪئي، جيڪا ائٽم بم جي حادثي مان بچي ويئي هئي. سندس منهن ۽ هٿن تي زخمن جا ڪيترائي نشان هئا، پر هوءَ خوش مزاج ۽ مُرڪڻي هئي. هن فقط چند منٽ ڳالهايو، ۽ ائٽم بم جي حادثي وقت پنهنجيءَ عمر وغيره ٻڌائڻ کان وڌيڪ هوءَ ان وقت جا ڪي به حالات نه ٻڌائي سگهي. ڪيس اها ئي آس هئي ته ڪو ڏينهن اهڙو ٿيندو، جڏهن بمن ۽ بارودن کي بلڪل ناس ڪري ڇڏجي، جيئن اهي انسانن جي جسمن ۽ روحن کي ناس نه ڪري سگهن. هن پنهنجي اها تمنا ظاهر ڪئي ته سڄيءَ دنيا جا سائنسدان، عهد ڪري، تباهيءَ جي طريقن سوچڻ بدران، انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ سائنس جون کوجنائون ڪن. هن دنيا جي مدبرن ۽ اڳواڻن جي دلين ۾ تبديليءَ جي دعا گهري، ته جيئن هو امن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺن، جنهن سان سڄيءَ دنيا جا ماڻهو خوش ۽ خوشحال ٿي سگهندا. هن اُميد ظاهر ڪئي ته امن لاءِ هلايل تازي تحريڪ، جنگ کي ٽارڻ ۽ هٿيارن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي: ان بعد مون ٻه اکر ڳالهايا، جن ۾ ٻارڙن جي گيت ۽ ڇوڪريءَ جي تقرير کان پنهنجي گهڻي قدر متاثر ٿيڻ جو ذڪر ڪيم. مون اُميد ظاهر ڪئي ته دنيا ضرور انهيءَ فيصلي تي پهچندي، ۽ نه صرف ائٽم بم، بلڪ سڀني قسمن جي بمن بارودن ۽ جنگبازين کي سدائين لاءِ ختم ڪري ڇڏيندي، ته جيئن سموريءَ انسانذات تان ڪن انسانن جي هٿراد و پيدا ڪيل خطرن کي هميشه لاءِ ٽنجو اچي وڃي، ۽ وري ڪڏهن به اسان کي ۽ اسانجن نسلن کي تباهيءَ جو منهن نه ڏسڻو پوي. آخر ۾ امن جو ترانو ڳايو ويو، ۽ جلسو ختم ٿيو.

پوءِ مون کي موٽر ۾ چاڙهي، ناگاساڪي جو شهر گهمايو ويو. ائٽم بم واري هولناڪ حادثي جا اجا به جيڪي آثار ڪن هنڌن تي ڏسڻ ۾ آيا ٿي، تن منهنجي دل دماغ کي لرزائي ڇڏيو. طبيعت اهڙي ته ملول ۽ مغموم ٿي ويئي، جو شام جو جڏهن واپس ٽوڪيو پهتاسين ته مون رات جي ماني به ڪانه کاڌي. آجيان ڪميٽيءَ جي چيئرمن — جيڪو سمورو وقت مون سان گڏ هو — مون کي راڳ جي هڪ محفل ۾ هلڻ لاءِ چيو، پر اوڏانهن وڃڻ به پسند نه ڪيم. منهنجي رهائش واري ڪمري ۾ ڪيترين انگريزي اخبارون آڻي ڍير ڪيون ويون هيون.

هيئر اسانجين هنجن ۾ آهي، جيڪو اڳتي هلي پنهنجن ابن ڏاڏن جي ناموس کي قائم رکندو. اسين هنن کي ڏاڍيءَ سڪ سان پنهنجين ڇاتين جو کير پياري پالي رهيون آهيون، تہ جيئن هي تندرست ۽ توانا ٿي وڌن. هرهڪ ٻار جي پرورش تي اسين پنهنجي جوانيءَ جا بهترين سال انهيءَ اميد سان صرف ڪنديون آهيون تہ هو وڏو ٿي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندو. پندرهن سال اڳ جڏهن اسين ٻار هيوسين، تہ جنگ جو ڪارو ديو اسانجن سرن تي هو. اڄ جڏهن اسين مائرون آهيون، تہ اها ساڳي بلا وري اسانجن ٻارن کي کائڻ جي انتظار ۾ آهي! ڇا، هزارين ڏک ڏاکڙا ۽ مصيبتون سهي، اسان پنهنجن ٻارن جي پرورش ان ڪري ڪئي آهي تہ هنن کي بمن ۽ بندوقن جو کاڄ بڻايو وڃي؟ ڇا، اسان کي ڪڏهن بہ امن نہ ملندو؟ ڇا، اسين ڪڏهن بہ انسان نہ ٿينداسين؟ ڇا، اسان انساني مائرن جي حالت هميشہ انهن جانورن جهڙي رهندي، جن کي هر وقت پنهنجن ٻارن جي جانين جو خوف رهندو آهي، ۽ وڻن جي هر جهنگٽي مان کين دشمن جو خطرو پيو محسوس ٿيندو آهي! اسين دل جي انتهائي گهرائين مان هڪ وڏيءَ تبديليءَ جي دعا ٿيون طلبيون — ماڻهن جي ذهنن جي تبديلي — انهن جي دلين ۽ روحن جي تبديلي — تہ جيئن هو جنگ کي ختم ڪري، امن کي قائم ڪن!...... اسين پنهنجن هنن معصومن جون حياتيون پنهنجن هٿن سان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪڏهن جنگ جي منحوس ڏائڻ انهن کي کائڻ کان پوءِ هميشہ لاءِ مري وڃي، ۽ وري ڪڏهن بہ انسانذات تي ان جو ڇانو نہ پوي!"

انهيءَ راڳ ڳائيندي، سڀئي عورتون پنهنجن ٻارڙن کي ڇاتين سان لائي لوڏينديون رهيون. هي انتهائي دلگداز منظر، امن جو پرپور مظاهرو هو، جنهن سڀني کي بيحد متاثر ڪيو.

آءٌ انهن عورتن کي ڪجهہ نہ ٻڌائي سگهيس، ليڪن کين اهو يقين ڏياريم تہ هاڻي اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي، جڏهن سندن اميدون پوريون ٿينديون، ۽ اسين جنگ جي سڀني امڪانن کي ختم ڪري هميشہ لاءِ امن جي فتح حاصل ڪنداسين.

ان کان پوءِ چند ڪلاڪ ڪيئو جو خوبصورت شهر گهمي، آءٌ ٽوڪيو موٽي آيس.

آنهيءَ ڏينهن انڊيءَ جي ايلچيءَ مون کي شام جي کاڌي تي گهرايو، جنهن پنهنجي ملڪ طرفان مون کي هيتان کان اوڏانهن وڃڻ جو سرڪاري دعوتنامو ڏنو هو. هوائي جهاز ۾ منهنجي لاءِ جڳهہ جو انتظام پڻ ڪري ڇڏيو هئائين. کاڌي کان پوءِ اسين سڌا هوائي اڏي تي آياسين. اڌ رات اچي ٿي هئي، تنهنڪري فقط امن-ڪميٽيءَ جا ميمبر مون کان موڪلائڻ آيا هئا. مون گرمجوشيءَ سان سندن مهماننوازيءَ ۽ آدرڀاءَ جا ٿورا مڃيا، ۽ هنن جي ذريعي جپاني عوام جو بہ شڪريو ادا ڪيم، جن جپان ۾ گهرائي مون تي هي ظاهر ڪيو هو تہ هو نيڪ نيتيءَ سان امن جا خواهان آهن.

صبح جي ٽِڏيءَ روشنيءَ ۾ اسان جو هوائي جهاز اچي روم جي شهر ۾ لٿو. هوائي اڏي کي جهنڊن ۽ بامڻين سان سينگاريو ويو هو، ۽ ماڻهن جو هڪ وڏو مجموعو اڳي ئي منهنجي لاءِ منتظر هو. هوائي اڏي تي اٽليءَ جي اهم شخصيتن منهنجو استقبال ڪيو. منهنجي پهچڻ شرط امن جو ترانو شروع ڪيو ويو، ۽ ان کان پوءِ اٽليءَ جو قومي ترانو پڻ ڳايو ويو. پوءِ اسين موٽرن ۾ چڙهي شهر ڏانهن روانا ٿياسين. هوائي اڏي کان وٺي ويندي شهر جي وچ تائين، رستن جي ٻنهي پاسن تي ماڻهن جا هجوم بيٺا هئا. هنن پنهنجا هٿ لوڏي ۽ خوشيءَ جا نعرا هڻي منهنجي مرحبا ڪئي. شهر جي عمارتن ۽ دڪانن کي وڏين وڏين تصويرن سان تمام سهڻيءَ طرح سجايو ويو هو، جن مختلف طريقن سان امن جي تصور جي ترجماني پئي ڪئي.
مون کي اٽليءَ جي هڪ معزز خاندان جي قديم محل ۾ ٽڪايو ويو. اهو هڪ وڏو اعزاز هو، ڇاڪاڻ ته انهن محلن کي وڏي تاريخي اهميت هئي، ۽ انهن جي تعمير پنهنجي وقت جي بهترين فنڪارن ڪئي هئي. اٽليءَ ۾ منهنجو گشت چئن ڏينهن لاءِ هو: پهرئين ڏينهن شام جو مون کي 'ڪلوزيم' (Colosseum) ۾ ٿيندڙ هڪ جلسي ۾ شرڪت ڪرڻي هئي؛ ٻئي ڏينهن اٽليءَ جو پراڻو شهر 'ميلان' ڏسڻو هوم؛ ٽئين ڏينهن وري روم ۾ واپس اچي، 'پوپ' سان ملاقات ڪرڻي هيم؛ ۽ چوٿين ڏينهن مون کي 'وينس' وڃڻو هو.
شام جو ڪيترن ملڪن جا ايلچي مون سان ملڻ آيا، ۽ پنهنجن ملڪن جا دعوتناما ڏنائون. مون هنن جو شڪريو ادا ڪيو؛ پر جيئن ته مون کي گهران نڪتي اٽڪل ٻه مهينا اچي ٿيا هئا ۽ اوڏانهن واپس ورڻو هوم، تنهنڪري سندن دعوتن کي فوري طرح قبول نه ڪيم، ۽ ڪين ٻئي ڀيري سندن ملڪن ڏسڻ جي خاطري ڏنم.
ڪلوزيم وارو جلسو جيئن ته شام جي ڪاڏي کان پوءِ ٿيڻو هو، تنهنڪري مون کي مختلف ملڪن جي اخبارن جاچڻ جو موقعو ملي ويو. اخبارن منهنجي جهان واري گشت جو تفصيلي احوال تمام سٺي نموني شايع ڪيو هو. ڪاڏي کان پوءِ اسين ڪلوزيم ڏانهن روانا ٿياسون. جلسي جو ميدان سڄو ماڻهن سان ڀريل هو، ۽ ان کي طرح طرح جي روشنين سان سينگاريو ويو هو. منهنجي اتي پهچڻ شرط، ٻينڊن ۽ باجن جو غُل مچي ويو، ۽ ڪارروائي شروع ٿي. سڀ کان پهرين ٽيهارو کن رومي پهلوان، جن کي روم جي قديم وضع جي پوشاڪ پهريل هئي، ميدان ۾ آيا. سندن هٿن ۾ اهڙا ئي هٿيار هئا، جهڙا قديم زماني ۾ روم جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا. اچڻ سان "سيزر زنده باد!" جو نعرو هڻي، هو پاڻ ۾ لڙائي ڪرڻ لڳا. ڪنهن جي هٿ ۾ ڀالو هو، ڪنهن وٽ ٻڇي هئي، ته ڪنهن وٽ تلوار يا ڪهاڙي هئي. ڪو نيزو هلائي رهيو هو، ته ڪو تير-ڪمان استعمال ڪري رهيو هو. وٽن گهڻن ئي قسمن جا هٿيار هئا، جن سان هڪٻئي کي مارڻ لاءِ هوائين لڙي رهيا هئا جيئن اڳئين زماني جا ماڻهو لڙايون ڪندا هئا ـــ جڻ ته سچ پچ هڪٻئي کي ماري ڇڏيندا. هنن ڪمال خوبيءَ سان قديم رومين جي جنگي ۽ خونخوار جذبن جي ترجماني پئي ڪئي. هيءَ ويڙهه ڪجهه وقت جاري رهي.

اوچتو موسيقيءَ جو آلاپ آيريو، ۽ هڪ عورت جي اطالوي راڳ ڳائڻ جو آواز اچڻ لڳو. جيئن جيئن هوءَ ڳائيندي رهي، هڪ هڪ ٿي سڀني جوڌن پنهنجي ويڙهه بند ڪري ڇڏي پهرين ته هو سُنجهي بيهي رهيا، پر پوءِ جيئن ئي راڳ جي سُريلن ٻولن جو اثر هنن تي ٿيڻ لڳو، ته هو پنهنجا هٿيار پڇي ڦٽا ڪرڻ لڳا. سڀني هڪٻئي سان هٿ ملايا، ڀاڪر پاتا، ۽ پرجوش آواز ۾ سڀئي گڏجي ساڳيو راڳ ڳائڻ لڳا. راڳ ۾ ايترو ته سوز ۽ اثر هو جو مجمعي مان پڻ ڪيترا ئي ماڻهو آٿي راڳ ڳائڻ لڳا.

راڳ ختم ٿيڻ تي سڄي جلسي جون بتيون وسامي ويون، ۽ سڄي ميدان ۾ اولڌهه ٿي ويئي. جلد ئي وري بتيون ٻريون، ۽ ميدان تي جنگي جوڌن جي بدران هڪ سفيد لباس پهريل ماڻهو بيٺو هو، جنهن کي وڏي اعزاز وارو ڇٽ مٿي ۾ پيل هو. هن اچڻ سان اعلان ڪيو ته 'آءٌ امن جو پيغامبر آهيان!' اوچتوئي هڪ هيبتناڪ شينهن ظاهر ٿيو، جنهن ايندي ئي شرط اهڙي ته دل ڏاريندڙ گجگوڙ ڪئي جو سڄي ميڙ تي موت جو هراس طاري ٿي ويو. شينهن ماڻهوءَ ڏانهن وڌڻ لڳو، پر هُو سڪون ۽ صبر سان پنهنجيءَ جڳهه تي بيٺو رهيو. جڏهن شينهن بنهه ويجهو اچي پهتو، ته هُو بهادر شخص اُن کي خطاب ڪري چوڻ لڳو: 'اي تباهيءَ ۽ جنگ جا نشان! تو منهنجن گهڻن ئي امن جي ساٿين کي ماريو آهي، اڄ تون مون کي به مارڻ آيو آهين — پر آءٌ تنهنجو مقابلو ڪندس. تون مون کي ماري نٿو سگهين. آءٌ اڪيلو نه آهيان. ڏس، هتي ويٺل هزارين انسان مون سان گڏ آهن. انهن سڀني جي قوّت مون ۾ موجود آهي. سڄيءَ دنيا جي بيشمار انسانن جو زور منهنجين ٻانهن ۾ سمايل آهي. آءٌ تو کي پڇ کان جهلي مٿي ڪشندس، ۽ ڦيرائي ڦيرائي اوڙاهه جي اهڙي تري ۾ ڦٽو ڪندس، جتي تون هميشه لاءِ ختم ٿي ويندين — اي جنگ جا نشان — ۽ دنيا جي تختي تي تنهنجو نالو به ڪونه رهندو!' شينهن زوردار گجگوڙ ڪئي ۽ حملي لاءِ تيار ٿي ويو. جيئن ئي هو تيزيءَ سان وات کولي، گجڪار ڪندو اڳتي وڌيو، ته ماڻهوءَ سَٽَ ڏيئي اچي پڇ کان ورتس. هڪدم بتيون وسامي ويون، ۽ وري جڏهن روشني ٿي ته شينهن غائب هو — هو ماڻهو اڪيلو بيٺو هو. تماشائي زور زور سان تاڙيون وڄائڻ ۽ نعرا هڻڻ لڳا — 'امن جي فتح ٿي!' 'امن جي فتح ٿي!' سڀ ماڻهو جوش ۾ اچي اٿي بيٺا، ۽ سڀني پنهنجون ٻانهون مٿي ڪري، روم جي قديم روايت موجب، پنهنجا آڱوٺا مٿي ڪنيا — ان سان ظاهر هو ته هو قتل و غارت جي خلاف هئا.

بتيون وسامي ويون، ۽ وري جڏهن ميدان تي روشني ٿي ته سامهون هڪ ڊرامي جو ننڍڙو منظر هو —

[چند سپاهي هڪ زخمي ماڻهوءَ کي کڻيو پئي آيا. هي 'مارڪ انٽني' هو' جنهن خودڪشي ڪئي هئي. هو اڃا جيئرو هو.]

قلوپطرا: او سج! ساڙي ڇڏ اُن آسمان کي، جنهن ۾ تون ڦرين پيو. تون پاڻ ٻي نُور ٿي

وڄ، ته جيئن سڄيءَ دنيا تي اونده ڇانئجي وڃي!... انٽني! [چار ميان، اداس، منهنجي پياري کي آرام سان ليٽايو!

انٽني: سيزر جي ڇا مجال آهي جو انٽني کي شڪست ڏئي؛ اڄ انٽني پاڻ تي پاڻ فتح حاصل ڪئي آهي.

قلوپطرا: ها، انٽني جو فاتح انٽني آهي... پر منهنجي زندگي مون کان کسجي ويندي!

انٽني: آءٌ مران ٿو. مون سان گڏ مصر جي شان ۽ شوڪت به مري ويندي!

(انٽني مري ٿو.)

قلوپطرا: اڄ دنيا جو تاج سڄي ويو. جنگ جو سينگار هليو ويو. سپاهين جو آجهو ختم ٿي ويو. اڄ دنيا مان شان ۽ بهادري موڪلائي ويئي. هاڻي بزدلن ۽ بهادرن ۾ ڪو فرق نه رهندو.

[اسڪندريه ۾ هڪ ٻيو منظر. سيزر، گالس ۽ ٻيا داخل ٿين ٿا. قلوپطرا ۽ سندس درباري اڳ ۾ موجود آهن.]

سيزر: توهان مان مصر جي ملڪه ڪهڙي آهي؟

ڊولابيلا: (قلوپطرا کي) ملڪه، هي روم جو شهنشاهه آهي.

(قلوپطرا سيزر کي گوڏا ڀڃي سلام ڪري ٿي.)

سيزر: اوه مصر جي راڻي! پر تون منهنجي آڏو جهڪين ڇو ٿي؟ آءٌ توکي عرض ٿو ڪريان ته اٿي بيهه.

قلوپطرا: عاليجاهه، هيءَ خدائن جي مرضي آهي. مون کي پنهنجن مالڪن اڳيان سر جهڪائڻو آهي. هاڻي توهين منهنجا مالڪ آهيو. توهان جي حڪم جي پيروي منهنجو فرض آهي.

سيزر: اهڙيون ڳالهيون نه ڪر، قلوپطرا. جيتوڻيڪ تو اسان کي سخت تڪليفون پهچايون آهن، پر اسين انهن کي اتفاقي حادثا سمجهي وساري ٿا ڇڏيون.

قلوپطرا: سڄي جهان جا واحد مالڪ، تو سان جنگ مون فقط پنهنجي، پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي ملڪ جي حفاظت خاطر ڪئي. پر تون، اي منهنجا مالڪ، اي عظيم سردار، اي عظيم فاتح، ڪڏهن ان ڳالهه تي ويچار نه ڪيو آهي ته جنگ ڪيتريقدر نه بيفائدي ۽ زيانڪار آهي. تون جيڪڏهن اسان سان جنگ نه ڪرين ها، ته منهنجو پيارو انٽني مون کان جدا نه ٿئي ها! اي عظيم سيزر، تون جيڪڏهن جنگ نه ڪرين ها ته به عظيم هجين ها!

سيزر: توکي شايد خبر نه آهي، قلوپطرا، ته اسين سڪندراعظم جي روايتن تي عمل ڪري رهيا آهيون. جنگ خراب آهي — اهڙو خيال توکي ڪيئن آيو؟ انسان جي وڏائي جنگ سان آهي. اسان جي سامهون 'اڇيلس' ۽ 'راميسس' جهڙن جري سپاهين ۽

جرنيلن جا مثال موجود آهن. اسين اڄ به انهن جي جنگين کي ياد ڪريون ٿا. ساڳيءَ طرح، ايندڙ نسل مون کي به پنهنجي عظيم فتوحات جي ڪري ياد ڪندا.

قلوپطرا: منهنجو شاهي جبو ڪٿي آهي؟ چارميان، منهنجي مٿي تي شاهي تاج رک... مون کي انٿني سڏي رهيو آهي. آءٌ اچان پيئي، منهنجا خاوندا!

(قلوپطرا زهريلي نانگ کي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿي.)

قلوپطرا: امن! امن! هاڻي دنيا کي امن ملندو. منهنجا سرتاج انٿني، تون هليو وئين، هاڻي تنهنجي پانهي به تنهنجي پوئتان اچي ٿي... هاڻي سڀ ماڻهو امن سان زندگي گذاريندا ——.

(قلوپطرا مري ٿي.)

بئنڊ تي امن جي ترالي سان منظر ختم ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو، ڪجهه وقت مون سڄيءَ دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل بيشمار خطن کي پڙهڻ ۾ گذاريو. هر خط جي لکندڙ امن جي هلايل مهم تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو، ۽ پنهنجون پرخلوص خذمتون آڇيون هيون. ڪن ملڪن جي شهزادين ۽ مشهور ائڪٽريسن پڻ ذاتي طرح امن جي مهم ۾ حصي وٺڻ جو اظهار ڪيو هو. هو پنهنجي خرچ تي امن جي پرچار لاءِ مون سان گڏ دنيا جي دوري ڪرڻ لاءِ تيار هيون. ڪيترن ئي امير ماڻهن پنهنجي طرفان مالي مدد جي پيشڪش ڪئي هئي. مون کي هاڻي امن جي مهم جي ڪاميابيءَ جو يقين ٿيڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته دنيا جون مشهور ۽ اهم شخصيون امن جي حمايت ڪري رهيون هيون، جيڪي پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام کي چڱيءَ طرح متاثر ڪري سگهيون ٿي.

آنهيءَ ڏينهن اسين ميلان روانا ٿياسين. هوائي اڏي تان موٽر ۾ ويهي، جلوس جي صورت ۾، سڌو اچي هڪ وسيع ميدان تي پهتاسين، جتي اٽليءَ جي مزدورن طرفان جلسو ڪوٺايو ويو هو. مزدور ليڊرن کان سواءِ، اٽليءَ جا مشهور راڳيندڙ ۽ فلمي ائڪٽر اسان سان گڏ هئا، جن کي ڏسڻ لاءِ ميلان جا شهري وڏي تعداد ۾ اچي جمع ٿيا هئا.

جلسي جي ابتدا هڪ مشهور فنڪار جي راڳ سان ٿي. اهو راڳ امن ۽ جنگ بابت هو، جنهن ۾ جنگ کي ننديو ۽ امن کي ساراهيو ويو هو. راڳ تمام پراثر هو، ۽ سڀني کي گهڻو پسند آيو.

راڳ ختم ٿيڻ کان پوءِ ميدان جي وچ ۾ اڏيل هڪ عمارت تي پيل پردو هٽايو ويو. ڏسڻ وارا سمجهي سگهيا ٿي ته اها عمارت بارود ۽ هٿيارن ٺاهڻ جي فئڪٽري هئي. ان ۾ مزدور ڪم ڪري رهيا هئا. هو رائفلون، بندوقون ۽ بارود ٺاهڻ ۾ رُڌل هئا.

ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ مشهور ائڪٽريس فئڪٽريءَ ۾ آئي. پهرين هن سڄيءَ فئڪٽريءَ جو چڪر لڳايو؛ ۽ جڏهن هوءَ سڀني جنگي هٿيارن کي جاچي چڪي، تڏهن مزدورن جي وچ ۾ اچي بيٺي. پوءِ هن امن جو ترانو ڳائڻ شروع ڪيو. شروع ۾ مشينن جي شور سبب

ڪي ڏسيان ته اوهين ڇا ڪري سگهو ٿا.

هوءَ هڪ مشين ڏانهن ويئي. ٻٽڻ دٻائڻ سان مشين هلڻ لڳي. مشين مان هڪ خودڪار هٿيار جا پرزا ٺهي نڪرڻ لڳا. پوءِ هن پنهنجي ڪيسي مان سڀڻ جي مشين جي پرزن جون تصويرون ڪڍيون، ۽ هڪ مزدور کي چيائين ته هو جنگي هٿيارن جي پرزن جوڙڻ بدران اهي پرزا ٺاهي. اهڙيءَ طرح هوءَ ٻين مشينن ڏانهن ويئي، ۽ مزدورن کي مختلف قسمن جون تصويرون ڏنائين. ٿوري ئي وقت ۾ مشينون، رائفلن ۽ بندوقن ۽ ٻين هٿيارن بدران سائيڪلون، سبڻ جون مشينون، رانديڪا ۽ زراعت جا اوزار ٺاهڻ لڳيون.

تماشو ختم ٿيو، ۽ مون هڪ وڏيءَ فئڪٽريءَ جي هوٽل ۾ مزدورن سان گڏجي ماني کاڌي. روم واپس ورڻ کان اڳ مون ’ليئونارڊو دا-ونسي‘ جي مشهور تصوير ”آخري دعوت“ وڃي ڏٺي. هيءَ عظيم تصوير ڏسي، مون کي حسن ۽ خوشيءَ جو ڄڻ ته نئون خزانو مليو.

ٻئي ڏينهن آءٌ روم موٽي آيس. اڄ مون کي ڪروڙين ڪئٿولڪ عيسائين جي روحاني پيشوا ”پوپ“ سان ملاقات ڪرڻي هئي. مون کي ڪٺڻ لاءِ پوپ جي طرفان هڪ گاڏي آئي هئي، جنهن ۾ ڇهه گهوڙا جوٽيل هئا. مون ’پوپ‘ جي حضور ۾ عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو. هن منهنجي امن جي ڪوشش جي تعريف ڪئي، ۽ دعا ڪيائين ته شل دنيا جي وڏن اڳواڻن جي دلين ۾ ڦيرو اچي، جيئن هميشه هميشه لاءِ دنيا مان جنگ جون پاڙون پٽجي وڃن، ۽ امن قائم ٿئي. هن مون کي سندس ذاتي ڪمرا ڏيکاريا، جن ۾ فن جا عظيم شاهڪار رکيا هئا.

چوٿين ڏينهن آءٌ ’وينس‘ ويس. جشن جو انتظام ’سين مارڪو‘ ۾ ڪيل هو. اتي ايترا ته ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا هئا جو ويهڻ جي جاءِ ڪانه هئي — آسپاس جي سيني جڳهين ۾ ماڻهو پريا بيٺا هئا. وينس جي تاجرن جي صدر منهنجو استقبال ڪيو. هن مختصر تقرير ڪندي، منهنجي وينس جهڙي قديم شهر ۾ اچڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو، جنهن شهر جا ايشيا سان تمام پراڻا لاڳاپا هئا. هن چيو ته ”ڪنهن زماني ۾ وينس جو هڪ باشندو، ’مارڪو پولو‘، مشرق مان قيمتي خزانا ڪٺي آيو هو، ۽ هن پهرئين پيري مغرب کي مشرق جي شان ۽ شاهوڪاريءَ کان واقف ڪرايو.“ هن چيو ته ”اڄ اهو ايشيا، ماضيءَ وارو ’امير ايشيا‘ نه آهي. اڄ اهو شان شوڪت باقي نه رهيو آهي، جيڪو پنج صديون اڳ ايشيا کي حاصل هو. اٽليءَ جي رهواسين کي، خاص ڪري تاجر طبقي کي، پٺتي پيل ملڪن جي ضرورتن ۽ اُمنگن جو احساس آهي.“ هن بين الاقوامي سياست جي بدلجندڙ رُخ تي تمام خوشيءَ جو اظهار ڪيو، ۽ اميد ظاهر ڪيائين ته دنيا ۾ جلد امن قائم ڪيو ويندو، ته جيئن دنيا جا ملڪ پاڻ ۾ آزاديءَ سان واپار ڪري سگهن.

وينس جي تاجرن هڪ پيٽزين جي جشن جو انتظام ڪيو هو، جنهن لاءِ هن چيو ته ان مان وينس جي رهواسين جي امن لاءِ آس ۽ آڪير جو اندازو ڪري سگهبو. مون جواب ۾ هڪ مختصر تقرير ڪئي، ۽ سندن مهمان نوازيءَ ۽ پوئتي پيل ملڪن جي ترقيءَ جي واعدي جو شڪريو ادا ڪيو.

هاڻي ٻيڙين جو جشن شروع ٿيو. مون کي ڪناري تي آندو ويو، ۽ ٻيڙيون هڪ هڪ ٿي اسان جي اڳيان گذرڻ لڳيون. پهرينءَ ٻيڙيءَ ۾ سازن وارا ويٺل هئا، جن کي وچينءَ صديءَ جو لباس پهريل هو، ۽ اُنهيءَ دور جي سازن سان امن جو ترانو پئي وڄايائون. ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي "مرچنٽ آف وينس" جو منظر هو. مُک ڪردارن مان، حَسين 'پورشيا'، موراڪو جي شهزادي جي هٿ ۾ هٿ ڏيو بيٺي هئي، جو چئي رهيو هو— "مون کي منهنجي ڪاريءَ چمڙيءَ سببان نه ڌڪار!" شالاڪ پڻ خوش نظر اچي رهيو هو، ۽ چمڙي جي هڪ ڳوٿريءَ ۾ سوليون گنيون پري رهيو هو، جنهن تي وڏن اکرن ۾ لکيل هو— "پوئتي پيل ملڪن لاءِ." ٽيءَ ٻيڙيءَ ۾ جنت جو نظارو ڇنيو ويو هو. فرشتا ڪن ماڻهن جي چاڪري ڪري رهيا هئا. روم جو مشهور قديم شاعر 'ڊانتي' هي منظر ڏسي چئي رهيو هو— "هي آهي ماڻهو آهن، جن ان جي وات ۾ جان ڏني". چوٿين ٻيڙيءَ ۾ 'مارڪو پولو' جي سفر جو منظر هو. هو ايشيا جي هڪ شهنشاهه جي شان ۽ دٻدٻي واريءَ دربار ۾ بيٺو هو. ان ٻيڙيءَ تي وڏن اکرن ۾ لکيل هو "ڪالهه". ان جي پويان هڪ ٻيڙي آئي، جنهن تي ايشيا جو هڪ ڳوٺ ڏيکاريل هو. ڳوٺاڻن جي سقيم حالت، غربت، بُک ۽ بيماريءَ کي اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو هو. ان ٻيڙيءَ تي لکيل هو "اڄ". پوءِ هڪ لئين ٻيڙي آئي، جنهن ۾ اٽليءَ جا ٽي مشهور قديم مصور— ليئونارڊو ڊا ونسي، مائيڪل انجيلو ۽ رافئل— ويٺا هئا. هو ٽيئي ايشيا جي هڪ شهر ۾ آيل هئا. ليئونارڊو ڊا ونسي هڪ آبڪلاٽي بند لاءِ نقشو تيار ڪري رهيو هو؛ مائيڪل انجيلو ٻارن لاءِ هڪ سهڻو گهر جوڙي رهيو هو؛ ۽ رافئل هڪ عوامي هال جي ڇت تي تصويرون ڪڍي رهيو هو. ان ٻيڙيءَ تي لکيل هو "سڀاڻي". ان کان پوءِ مختلف رنگن جي سهڻيءَ ڇڳساليءَ سان آخري ٻيڙي آئي، جنهن ۾ وينس جي معزز تاجرن سان گڏ مون کي ويهڻ لاءِ چيو ويو. اسان جي پويان پيون ٻه گهٽيون ٿي ٻيڙيون هيون. اسين سڀ جلوس جي صورت ۾ وينس جي وڏين وڏين لهرن تان لنگهڻ لڳاسين. وينس جي رهواسين پنهنجن گهرن کي خوب سجايو هو. جتان جتان اسان جو جلوس گذريو ٿي، "امن زنده باد!" جي نعرن جو شور مچي ويو ٿي. امن لاءِ سندن جوش ۽ جذبي مون کي بيحد متاثر ڪيو. جلوس ختم ٿيڻ بعد مون کي هوائي اڏي تي پهچايو ويو، جتان آءٌ واپس روم ڏانهن روانو ٿيس.

روم جي هوائي اڏي تي بي‌انداز ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. آءٌ هوائي جهاز مان ٻاهر آيس ته هنن 'امن زنده باد' جا نعرا هڻي، آخري دفعو مون کي پنهنجي امن پسنديءَ جو يقين ڏياريو. مون پنهنجن سڀني ميزبانن جا ٿورا مڃيا، ۽ پوءِ ڪراچيءَ ويندڙ هوائي جهاز ۾ اچي سوار ٿيس. رستي تي ٻن هنڌن اسان جو هوائي جهاز لٿو، ۽ ٻنهي هنڌن وڏي تعداد ۾ ماڻهن 'امن' جي نعرن سان منهنجو استقبال ڪيو، ۽ پنهنجن شهرن گهمڻ جي دعوت ڏنائون. مون کين يقين ڏياريو ته آءٌ جلد ئي سندن ملڪن جو دورو ڪندس.

سج لهي چڪو هو، ۽ هوائي جهاز تمام مٿانهين تي آڏامي رهيو هو، تنهنڪري مون کي هيٺ زمين تي ڪجهه ڏسڻ ۾ نه پئي آيو، پر سمجهيم پئي ته ڪراچيءَ کي ويجهو ٿيندو پيو وڃان. ڪجهه دير کان پوءِ هوائي جهاز هيٺ لهڻ لڳو. آءٌ بي صبريءَ وچان دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس. مون کي شهر جي بتين ڏسڻ جو شوق ٿيو. اوچتو ٻري کان روشنيءَ جو چمڪو ڏٺم، ۽ سمجهي ويس ته ڪراچيءَ جو شهر اچي ويو. منهنجي خوشي ۽ بيچيني وڌندي وئي — ايتريقدر جو اک ڪٿلي پيئم.



—"ڪنهن به قوم کي مصيبت ۾ ڏسندي، اسين اها دعوا نٿا ڪري سگهون ته اسان جي پنهنجي سلامتي ۽ امن خطري کان ٻاهر آهي، ۽ ڪو به هوشمند شخص پنهنجي قوم کي انهن جهڙي اطمينان نٿو ڏياري سگهي ته 'اسان جو انهي قوم سان ڪهڙو واسطو، اها جنهن ملڪ ۾ رهي ٿي سا هتان کان هزارين ميل پري آهي'، وغيره. اهڙيون ڳالهيون هڪ بيوقوف ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن کي اهو پتو نه هجي ته هن زماني ۾ پري پري جا مفاصلا، سمئجي، لنڊن نيڊرن نقطن ۾ سهيڙجي ويا آهن. جيتري قدر دنيا جي سمورين قومن جو تعلق آهي، اهي سڀ هڪ ئي جسم جا الڳ الڳ عضوا آهن — ۽ جڏهن جسم جي هڪڙي حصي کي ڪو معمولي ايذاءُ رسندو، ته ان جو اثر سڄي جسم تي پوندو. تنهنڪري، انهي ڪري جسم کي مضبوط ۽ صحتمند رکڻ لاءِ ضروري آهي ته دنيا جون سموريون قومون، هڪ مرڪز تي گڏ ٿي، زندگيءَ جي بقا، حفاظت ۽ امن لاءِ اجتماعي جدوجهد ڪن."— ڪمال آتاترڪ

# 'مهراڻ' جا موتي

● "جو شخص بصيرت واريءَ اک سان مشاهدو نٿو ڪري، اهو گمراه آهي ۽ سزا جو حقدار آهي." — قرآن شريف

● "جيڪڏهن ڪو شخص خلق جي خدمت ڪرڻ گهري ٿو، ته پوءِ چاهڻ گهرجي ته زرق برق لباس پهرڻ سان خدمت نه ڪري سگهبي؛ ڇا لاءِ ته زيب ۽ زينت وارو لباس خود آرائيءَ ۾ مبتلا رکي ٿو." — غزالي

● "اوهان کي ڪم ڪرڻ جو حق آهي — پر فقط ڪم ڪرڻ خاطر — منافعي ماڻڻ جو اوهان کي ڪو به حق ڪونهي. منافعي جي تمنا، اوهان جي ڪم جو مقصد هرگز نه هجڻ گهرجي. منافعي جي لالچ سان ڪيل ڪم، منافعي جي لالچ بنا ڪيل ڪم جي مقابلي ۾ بلڪل حقير ۽ گهٽ درجي وارو آهي؛ جو ته منافعي جي موه کان بي نياز رهي ڪيل ڪم، خود-قربانيءَ جي جذبي سان ڪيل هوندو آهي." — ڀڳوت گيتا

● "نيڪيءَ جي ڦل حاصل ڪرڻ جي موسم، نيڪي ڪندڙ جي دلياوي زندگيءَ ۾ نٿي اچي؛ حقيقت ۾ انسان اهو آهي، جو ائين ڄاڻندي به ته پوکيل فصل لڻي نه سگهندس، هڪ محنتي هاريءَ وانگر پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهي." — ٽالسٽاءِ

● "بيفڪر ۽ بيعمل ماڻهن جي علم ۽ حال جو مثال ڪوريئڙي جي ڄار وانگر آهي، جو جيتوڻيڪ گهر آهي، پر نهايت ڪمزور ۽ بيڪار." — قرآن شريف

● "ڪنهن به انسان، فرقي يا قوم تي قدرت جي قهر نازل ٿيڻ جي ظاهرين نشاني اها هوندي آهي جو ماڻهن مان فڪر جي گهرائيءَ، حق گوئيءَ ۽ صالح ڪردار جي بجاءِ ڪوتاه نظري، حق ناشناسي ۽ بيعملي پيدا ٿي وڃي ٿي." — گورڪي

● "قدرت جي قانون موجب، حقائق کان بيگانگي، انسان جي صلاحيتن ۽ اهليت کي مرده ڪريو ڇڏي — پوءِ پل ته ظاهر ۾ اهو انسان روشين اکين، تيز ڪنن ۽ ڪينچيءَ جهڙيءَ زبان جو مالڪ هجي، پر مڙني صفتن هوندي به هو انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو ٿي وڃي ٿو." — نامعلوم

● "فڪر ۽ عمل جي پختگي، ڪافي عمر جي رياضت سان پيدا ٿئي ٿي. زماني جي اوچتن امتحانن ۾ اهي ئي انسان ڪامياب ٿين ٿا، جي هر طرف کان دامن ڇڏائي پنهنجي نفس کي دائمي قدرن جي طابع ڪن ٿا." — لينن

مينهيون متاريون، ٻڌليون ٻڌاريون، وڻاڻ ڏي ڏڪنديون ڌوڙنديون وڃن، ته ٻئي پاسي کان ڪاريون ڪانوريون، ٻگيون ۽ ٻئوريون ڳانيون، سايون ڊايون، رنيڻديون، ڪيري ڏي ڪاهي ٻيون وڃن؛ ٽئين پاسي کان وري ٻڌليون ڀريون، ڪاريون ۽ ڪمريون ڀڪريون، ڀيراٽ ڪنديون، پنهنجي واڙي ڏي وريون؛ ته چوٿين طرف کان دنبا ۽ دنبيون، رڍون ۽ ڪوڪيون، ٻي-ٻي جي ٻاڪار ڪنديون، لوڙهي ڏانهن لڙيون.

”آخر، جبل جو جنسار ڏسي، پاهه پلر پٽ پڻسي، ساڳئي ٻيچري جي وسيلي جبل کان هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪئيسين. نيٺ، نمي ڪمي، هيرَ پٽَ تي پهتاسين. گهوڙا مجاور هٿ ڳهرائي، ڪُميت ڪُڏائي، اچي پنهنجي مڪان تي پهتاسين.“

[سيد ميران محمد شاهه جي مضمون ”گنجي ٽڪر جو سير“ مان اقتباس، شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جي مرتب ڪيل ڪتاب ”چونڊ سنڌي نثر ۽ نظم“ تان ورتل؛ چونڊيندڙ نارائڻ شرما، حيدرآباد، سنڌ.]

- ”زندگيءَ جي قافلي جي راهه ۽ پيچ کان ته هر مسافر واقف آهي، پر ان جي آخرين منزلگاهه ڪهڙي آهي، ان جي ڪنهن کي ڄاڻ آهي؟ مخلوقات ماضيءَ مان نڪري، حال لتاڙي، وڃي مستقبل ڏانهن وک وڌائيندي؛ مگر اهو ماضي ڪٿان ۽ ڪڏهن شروع ٿيو، ۽ مستقبل ڪٿي وڃي ڇيهه ڪندو، ان جو به ڪو پتو پار آهي؟ جنهن کي اسين ’اڄ‘ ٿا سڏيون، سو ’ڪالهه‘ ۽ ’سڀاڻي‘ به آهي. ’حال‘ ماضيءَ ۽ مستقبل جي وچ ۾ صحيح سنڌو آهي، جنهن کي پنهنجي سر ڪا هستي ڪانهي: هيءَ هڪ سنڌو آهي جو ماضيءَ ۽ مستقبل کي ملائڻ لاءِ نهايت ضروري ۽ ڪارائتو آهي، پر انهن کان سواءِ سندس وجود بيڪار ۽ بيسود آهي. ان سبب ڪري، اُئين ڪٿي چئجي ته حقيقت آهي ئي ’ماضيءَ‘ ۽ ’مستقبل‘ کي، ’حال‘ جڻ آهي ئي ڪونه. پر، ماضي ختم ٿي چڪو آهي، ان ڪري ’مستقبل‘ جو ئي ويچار ڪرڻ گهرجي— جيتوڻيڪ اهو ماضي ئي آهي، جو حال ۾ پنهنجن لشيب ۽ فراز جي تجربن سان آئيندي جو اعليٰ رهبر ثابت ٿي سگهندو.“

[ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، ’خادم‘، جي لکيل مضمون ”وقت“ مان ورتل هڪ ٽڪرو؛ چونڊيندڙ قطب صديقي، حيدرآباد، سنڌ.]

- ”اڄوڪي زماني ۾ سائنس جي ترقي، هنر ۽ ڪاريگريءَ جي وک، ۽ مادّي مزن ۽ عيشن جا اڪيچار وسيلا ڏسي عقل چرخ تي ٿو وڃي. جسماني ۽ حواسي خوشين جي ته حد ئي ڪانهي. پر ان ڪشمڪش پريءَ زندگيءَ جي تهه ۾ وڃبو، ته ڏسبو ته آنند ۽ شانتي بلڪل گهٽجي ويا آهن. هڪ طرف قومن جو پاڻ ۾ نفاق، جاتي جهيڙا، ذات پات جا ويڇا، جدا جدا ڌرمن جا تنگ دائرا، فساد، پرانتيپڻي جي ڇڪتاڻ، ٻولين جا رڳڙا ۽ کهرو اٻيٽ، ته ٻئي طرف سرمائيداري ۽ سامراجي لڙايون، ويچار-ڌارائن جو ٽڪر، يعني شاهوڪاري-غريبي

# علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون

## پهرين سنڌ "سنڌي ادبي سنگت" ڪانفرنس

(٦-٧ فيبروري، ١٩٦٠ع: بسنت هال، حيدرآباد، سنڌ)

گذريل فيبروريءَ ۾، حيدرآباد جي مشهور 'بسنت هال' ۾ پهريون ڀيرو وڏي پيماني تي 'سنڌي ادبي سنگت' جي سنڌ-ڪانفرنس ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ جي گهڻن ئي شهرن مان سنگت جي اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي. 'سنڌي ادبي سنگت' حيدرآباد جي سهاري سان سڏايل هيءَ ڪانفرنس ٻن ڏينهن تائين جاري رهي، جنهن ۾ ترتيبوار مقالن، افسانن ۽ شعر شاعريءَ جون ڪل ٽي نشستون رٿيل هيون. ڪانفرنس جو افتتاح حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر ابو نصر ڪيو.

پهرين ڏينهن، ڇنڇر ڇهين فيبروري، شام جي ڇهين بجي، مقالن جي پهرين نشست ٿي، جنهن جي صدارت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊين آف فئڪلٽي آف آرٽس، سنڌ يونيورسٽي، ڪئي. ان ۾ ڪل ست مقالا پڙهيا ويا: (١) عبدالغفور انصاري، "سنڌي مختصر افسانو"؛ (٢) 'تنوير' عباسي، "سنڌي جديد شاعري"؛ (٣) شيخ حفيظ، "جمال ابڙي جا افسانا"؛ (٤) غلام علي الانا، "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"؛ (٥) عبدالجبار 'شام'، "سنڌي ڪافي"؛ (٦) سروپچندر 'شاد'، "تنقيد ڇا آهي"؛ ۽ (٧) شمشيرالحيدري، "سنڌي ثقافت". مسٽر غلام حسين ڪؤنريجي ٻنجي تي ڪوهياري پيش ڪئي، ۽ مسٽر ڪريم بخش بلوچ چنگ وڄايو—اهي ٻئي شوقيه فنڪار آهن. نشست جي ڪارروائي ختم ٿيڻ بعد، فلم 'نئون ڪرنٽو' پڻ ڏيکاري وئي.

ٻئي ڏينهن، آچر ستين فيبروري، شام جي ٽين بجي، ڪانفرنس جي ٻي نشست مشهور افسانهنگار محترم ابن الياس سومري جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ سنگت جي ڪيترن ئي ڪهنه مشق ۽ نون افسانهنگارن جون منتخب تخليقون پيش ٿيون. ساڳيءَ ئي نشست ۾ سنڌي افساني بابت هڪ مباحثو پڻ ڪيو ويو، جنهن جي ابتدا مرزا مراد علي 'اختر' جي افتتاحي مقالي، "مختصر افساني جو فن"، سان ٿي.

ساڳئي ڏينهن شام جو ڇهين بجي مشاعرو ٿيو، جنهن جو افتتاح سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ ڪيو، ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' ان جي صدارت ڪئي. مشاعري ۾ اٽڪل ٽيهارو کن شاعرن، مختلف صنفن ۾ پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. وچ ۾ "سگهڙن جي ڪچهري" ٿي، جنهن ۾ ڀيڙي فقير ۽ سندس ساٿين ڳجهارتن جي ڏي-وٺ

ڪئي. آخر ۾ ٺي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، جن مان سڪ ٺهراءُ تعليم ڪميشن جي رپورٽ ۾ ذريعءِ تعليم جي تبديليءَ بابت ظاهر ڪيل سفارشن جي باري ۾ هو، جنهن جو متن هيٺ درج آهي؛ باقي ٻن ٺهرائن مان، هڪڙي ۾ مرحوم حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻوي، مرحوم 'اختر' هالائي، ۽ مرحوم نوازعلي 'نياز' جعفريءَ جي وفات تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو، ۽ ٻئي ٺهراءَ ۾ سرڪار کي گذارش ڪئي ويئي ته 'ڪينجهر ڍنڍ' تي 'ڪاري ڍنڍ' جي ڏالي رکڻ سان ان جي ادبي ۽ تاريخي پس منظر ۽ روماني روايتن کي ضرب پهچندي، تنهنڪري مناسب آهي ته انهيءَ ڍنڍ تي 'ڪينجهر' جو اصل نالو رهڻ ڏنو وڃي.

ڪانفرنس جون ٽيئي نشستون نهايت ڪامياب رهيون. هر طبقي جي حاضرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ۽ مقامي توڙي ٻاهران آيل سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن جو معياري مواد پيش ٿيو. ڪانفرنس جي مفصل ڪارروائي، افتتاحي ۽ صدارتي تقريرون، پيش ٿيل مقالا، افسانا ۽ شعر وغيره، اميد ته 'مهراڻ' جي ايندڙ پرچي ۾ پيش ڪنداسين. — ادارو

## ٺهراءُ

"سنڌي ادبي سنگت' جي هيءَ سنڌ-ڪانفرنس، تعليم ڪميشن جي قومي تعليم بنسبت ظاهر ڪيل سفارشن ۾ صفحي '٢٩٠' تي آيل انهيءَ تجويز تي تشويش جو اظهار ٿي ڪري، جنهن مطابق، اولهه پاڪستان صوبي جي سنڌ ۽ سرحد علائقن ۾ اڙدو زبان کي ابتدائي ٽئين درجي کان لازمي ڄاڻائيندي، حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن ۾ ڇهين درجي کان اڙدو کي تعليم جو واحد ذريعو ٺهرايو ويو آهي. تعليم ڪميشن جي انهيءَ اصول تي پوري غور ۽ خوض ڪرڻ بعد، سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن، تعليمي ماهرن ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ شهرين جو هيءُ اجلاس محسوس ٿو ڪري ته سال '١٩٦٣ع' کان سنڌ علائقي ۾ موجوده رائج تعليمي ذريعي (يعني سنڌي زبان) کي اڙدوءَ ۾ بدلائڻ سان سنڌي علم ادب، زبان ۽ ثقافت جي ترقيءَ جا دروازا هميشه لاءِ بند ٿي ويندا، ۽ هتي جي موجوده تعليمي ادارن جو وجود پڻ خطري ۾ پئجي ويندو، جنهن جو اثر پاڪستان جي اڌ ڪروڙ سنڌي ڳالهائيندڙن ۽ سندن ايندڙ نسلن تي بيحد بڇڙو پوندو.

"هن اجلاس جو خيال آهي ته جيڪڏهن پاڪستان جي مختلف علائقائي زبانن، ادب ۽ تعليمي ادارن کي زنده رکڻو آهي، ته پوءِ انهن کي آزاديءَ سان وڌڻ ويجهڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن. لساني، تعليمي توڙي نفسياتي لحاظ کان، ڪنهن به نسل جي صحتمند تعليم ۽ تربيت صرف اهڙيءَ صورت ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ذريعو سندس 'مادري زبان' کي ٺهرايو وڃي.

"هيءَ ڪانفرنس حڪومت پاڪستان کي زوردار گذارش ٿي ڪري ته سنڌي زبان پاڪستان جي هڪ تمام قديم، ترقي يافته، شاهوڪار، ۽ تاريخي، علمي ۽ ادبي زبان آهي،

## «آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين!»
(شاهه)

# حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻائي.

هيءَ خبر سنڌي ادب جي خيرخواهن ۽ علم دوست پائرن لاءِ نهايت رنج پهچائيندڙ آهي تہ سنڌي ادب جي خاموش ۽ مخلص شاعر ۽ اديب، الحاج ميان محمود صاحب 'خادم' لاڙڪاڻائيءَ، ٩- جنوري ١٩٦٠ع تي، داعيءِ اجل کي لبيڪ چوندي، وفات ڪئي آهي — انالله و انا اليه راجعون.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ 'خادم' مرحوم جون علمي ۽ ادبي خدمتون ۽ سرگرميون نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪيون آهن. سندس خاموش، مخلص، بيلوث ۽ سرگرم علمي شخصيت جي زندگيءَ ۽ علمي ڪارنامن تي تبصري ڪرڻ لاءِ هڪ مختصر تحرير ناڪافي آهي.

مرحوم 'خادم' تونيہ (علوي) خاندان جو فرد هو، ۽ سندس وطن مالوف ٻُنّي تعلقو ميرو خان ضلعو لاڙڪاڻو آهي. پاڻ ٢٩-نومبر ١٨٩٥ع ۾ ٻنيءَ جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو، ۽ پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ علمي ادبي خدمتن جي طفيل شهرت دوام جي مقام تي پهتو. سندس ابتدائي تعليم ٻنيءَ جي وڏي عالم ۽ فاضل علامہ حاجي دين محمد جي دارالعلوم کان شروع ٿي. سنڌيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم پوري ڪري، ان ئي مدرسي ۾ عربيءَ جي تحصيل 'شرح ملا جاميءَ' تائين ڪيائين، ۽ عربيءَ ۾ هڪ منتهي طالب العلم وارو استعداد پيدا ڪيائين. ان کان پوءِ سنت سنڌي ۽ انگريزي پڙهڻ لاءِ لاڙڪاڻي جي مشهور مدرسي ۾ داخلا ورتائين. اتي فائينل سان گڏ انگريزيءَ ۾ بہ چڱو استعداد پيدا ڪيائين. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو، ۽ ان سال حج تي روانو ٿيو. حج تان واپس اچڻ کان پوءِ ذريعہءِ معاش جي تلاش ڪيائين. پيءُ ڪنهن چڱيءَ ملازمت جي نہ ملڻ ڪري، تپيداري پڙهي، تپيدار ٿيو، ۽ اها ملازمت ڪجھ عرصي تائين ڪيائين. اڳتي هلي، سينارٽيءَ موجب، براج کاتي ۾ سپروائيزر ٿيو، جتان ٥٥ سالن جي عمر ۾ رٽائر ڪيائين. تپيداريءَ جي زماني ۾ ٻنيءَ مان لڏي پلاٽي جيئن اچي لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ رهيو، تيئن آخر تائين اتي ئي سڪونت پذير رهيو.

'خادم' مرحوم، پنهنجي علمي ۽ ادبي نقطهٔ نظر سان ان فن شاعريءَ جو معياري شاعر ۽ ناقد تسليم ڪيو ويو آهي، جو فن علمِ عروض جي فني ۽ اصولي موشگافين جو پابند آهي. غزل، جو پنهنجي هيئت جي اعتبار سان لچ فارسي صنف آهي، ان جي لوازمات ۽ فني متعلقات کي ادب ۾ هڪ انفرادي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. اڙدو شاعريءَ جو پورو ڍانچو غزل جي فارسي صنف سان بنايو ويو آهي. غالب، داغ، مير ۽ ذوق ان صنف جا عظيم شاعر ليکجن ٿا، جن جو اثر اڙدوءَ جي متقدمين ۽ متاخرين پنهي گروهن تي هڪجهڙو پيو آهي. سنڌي غزل به ان ئي هيئت ۽ فن جو مرهون منت آهي.

سنڌي ادب ۾ فارسي ۽ اڙدو غزل جي ترويج ۽ اشاعت ۾ خادم مرحوم جي خدمتن جو وڏو دخل رهندو آيو آهي. غزل ۽ ان جي فن متعلق اڙدودان ناقدن جي عروضي ۽ فني موشگافيون پيدا ڪيون، اهي خادم مرحوم سنڌي اديبن سان روشناس ڪرايون. تغزل ۽ ان جا لوازمات، عروض ۽ ان جا اصول، حرڪات سڪنات جا قاعدا، اقسام قافيه، عربي ۽ فارسي بحر، عيوب ۽ فڪ اضافت، تنافر، تعقيد ۽ تعقيب جا مباحث، سنڌي ادب ۾ خادم صاحب ئي مروج ڪيا. اڄ سوين سنڌي اهڙا آهن، جن جي عروضداني 'خادم' جي تنقيدي مقالن، خطن ۽ تبصرن تي مبني آهي.

ان فن ۾ سندس ننڍڙو ڪتاب "رياض البلاغت" جهونو ۽ معياري ڪتاب ليکجي ٿو، جنهن سان مبتدي ۽ قادرالڪلام شعراي ڪرام اڄ به مستفيد ٿي سگهن ٿا، جنهن ۾ نهايت دلنشين ۽ آسان پيرايي ۾ عروض ۽ ان جا مفيد ۽ ضروري مسئلا پيش ڪيل آهن. ان کان سواءِ سنڌي زبان جي مختلف جهونين ۽ نين اخبارن — الوحيد، سنڌ زميندار، ستاره سنڌ، الحقيقت، مسلمان، بيداري؛ ۽ جهونن رسالن — جامع، بهار اخلاق، الاسلام، تحفهٔ احباب، اصلاح، جعفر زٽلي، ڪچڪول، مخلص، ڪاميابي، الڪاشف، الهمايون، ترقي، مصطفي (لاڙڪاڻو)؛ ۽ تازي دور ۾ روح ادب، نئين زندگي، شاعر (حيدرآباد)، طالب المولي (دادو)، مهراڻ (نئون ۽ پراڻو دور)، ۾ به خادم صاحب فن عروض ۽ غزلگوئي ۽ تنقيدي اصولن جي وقت بوقت چنڊڇاڻ پئي ڪئي آهي. سندس انهن علمي ڪاوشن ۽ تنقيدي تبصرن کي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ڪاش، ان پوري مواد کي نئين سر سهيڙي شايع ڪيو وڃي.

'خادم' مرحوم جي خاموش ۽ مخلصانه خدمتن ۾ 'انجمن سازي' ۽ 'بزم آرائيءَ' جو هڪ مستقل باب آهي. مرحوم مرزا قليچ بيگ کان وٺي اڄ تائين، جي به علمي ادبي محفلون، بزمون ۽ تنظيمون رهيون آهن، انهن ۾ خادم مرحوم جو وڏو هٿ هوندو هو. نئين دور ۾ 'آل سنڌ ادبي ڪانفرنس' جو رواج به خادم مرحوم جي ڪوششن جو مرهون منت آهي. "جمعيت الشعراء سنڌ" ۽ "سنڌي سڌار سوسائٽي" جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ خادم صاحب جي خدمتن کي وڏو دخل آهي. مرزا قليچ بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم محمد هاشم

مخلص، مرحوم شمس الدين بلبل، علي محمد قادري ۽ جيٺمل پرسرام جهڙن جهونن بزرگوارن سان گڏ بيهي، خادم صاحب جيڪا سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي، اها وسارڻ جهڙي نه آهي.

”جمعيت الشعراء سنڌ“ جي اهتمام سان لاڙڪاڻي، دادو، نوابشاهه، ميهڙ، جيڪب آباد، سکر، ٺٽي، حيدرآباد، خيرپور ميرس ۽ ڪراچيءَ ۾ جي به آل سنڌ ادبي ڪانفرنسون ٿيون آهن، تن جو سرگرم ڪارڪن ’خادم‘ مرحوم ئي هوندو هو. ڪانفرنس جي ابتدائي مرحلي ڪان آخر تائين، پورو انتظام خادم جي تجربيڪاريءَ ۽ فني مهارت جو مرهون منت رهندو آيو آهي. صدارتي خطبا تيار ڪرڻ، استقباليه تقريرون لکڻ ۽ ڇپائڻ، دعوتناما لکڻ ۽ پوسٽ ڪرڻ، اخبارن ۾ پروپئگنڊا ڪرڻ، فند گڏ ڪرڻ، مهمانن جي رهائش جو انتظام ڪرڻ، چوند اديبن ۽ فنڪارن کي گهرائڻ، ريزوليشن لکڻ ۽ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ، مختلف فيصلن کي عملي صورت ڏيندڙ ڪاميٽيون ٺاهڻ، وس وارن سان ملڻ لاءِ وفد بنائڻ: مطلب ته سڀنيءَ کان سگهي سوڊو ڪم خادم صاحب پاڻ تي وسائيندو هو.

ڪانفرنسن کان سواءِ، طرحي مشاعرا به خادم صاحب جي ڪوشش سان سنڌ ۾ روشناس ٿيا. انهن جو بنياد اگرچه اڳ ۾ پئجي چڪو هو، پر مشاعرن کي باقاعدي تشڪيل ڏيڻ، مصرع طرح ڏيڻ، ان تي نوآموز شاعرن جي آيل ڪلام جي اصلاح ڪرڻ، نون شاعرن کي وڏين محفلن ۾ کڙو ڪرڻ، کين داد ۽ تحسين ڏيڻ، کين همت‌افزائيءَ جا خط لکڻ، سندن ڪلام جو انتخاب ڪنهن رسالي يا اخبار ۾ شايع ڪرائڻ، نون شاعرن کي بهترين تخلص ڏيڻ — اهي‌سڀ خاموش خدمتون آهن، جن کي ڪڏهن به سنڌي ادب جا گهڻگهرا وساري نٿا سگهن.

شاعريءَ سان ۽ خاص طور غزل سان تعلق، سندس استاد ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ جي حوصله افزائيءَ ۽ مشفقانه تربيت جي ڪري ٿيو. ڊاڪٽر صديقي مرحوم اڪبر الهه‌آباديءَ جو شاگرد رشيد هو، ۽ فن عروض جو ماهر ۽ قادرالڪلام استاد هو. خادم مرحوم، فن جي تربيت ۽ تڪميل لاءِ، باوجود ذاتي مطالعي ۽ ذوق جي، هڪ ماهر ۽ استاد وٽان تربيت حاصل ڪرڻ کي افضل ڄاتو، لهاذا عروض جا معياري ۽ مستند ڪتاب، سبقاً سبقاً، پنهنجي استاد مرحوم کان پڙهيائين — حتاڪ ”بحرالفصاحت“ جهڙن ضخيم ۽ مغلق، پراڻيءَ طرز جي ڪتابن تي به عبور حاصل ڪيائين.

’خادم‘ صاحب باضابطي ۱۹۱۵ع ۾ استاد کان پاڪر ۽ سَنَد حاصل ڪئي، ۽ نومشقيءَ جو دور ختم ڪري، ۱۹۱۷ع کان ڪلام چوڻ ۽ ڇپائڻ شروع ڪيو. سندس علمي ۽ ادبي مصاحبن ۾ عبدالله عبد عاقلي، اياز قادري، رشيد لاشاري، حامي، جامي، اثر، ناظر، نظام، آغا گل، خواب، نظامي، عاشق ۽ فدا جا نالا اچن ٿا. هندو شاعرن سان دلگير، دڪايل ۽ رام پنجواڻي به سندس فن ۽ شخصيت جا قدردان هئا. ’بيوس‘ جهڙو عمر رسيده شاعر به سندس اصلاح ۽ مشوري کي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. سنڌي ٻوليءَ جا وڏا عالم سندس سنڌيءَ متعلق

خادم صاحب، پوئين دور ۾ دائم المريض رهيو، ۽ سالن جا سال صاحب فراش رهيو. تاهم، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مسئلن متعلق ڪنهن به ميٽنگ، بزم، محفل يا ڪانفرنس کي قضا نه ڪيائين. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙن دور دراز شهرن تائين به پاڻ ڪٺائي اچي شريڪ ٿيندو هو. نه فقط شرڪت ڪندو هو، پر تجويزون لکندو هو؛ ۽ بعض وقتن تي وفدن ۾ به پاڻ ڪٺائي، وزيرن جي درن تي هلندو وتندو هو. رب ڪريم شال سندس خدمتن کي قبول فرمائي!

حاصل ڪلام، سنڌي ادب جي هن مخلص ۽ خاموش اديب، ٦٥ سالن جي عمر ۾، چنچر ڏينهن، ٩-جنوري ١٩٦٠ع تي وفات ڪري، دوستن کي اشڪبار ڪيو آهي. رب ڪريم شال کيس مرهي! —انا لله و انا اليه راجعون. (غ. م. گ.)

## مرحوم 'عاجز' ساڪرائي.

مرحوم 'عاجز' ساڪرائي، سنڌ جو ڪهنه مشق شاعر به آخر الوداع ڪري ويو. مرحوم جو تعلق مغليه خاندان جي چغتائي شاخ سان هو. مرحوم 'عاجز' ١٨٨٧ع ۾ ڄائو، ۽ ٢٥-جولاءِ ١٩٥٩ع تي ٧٢ سالن جي طويل عمرگذاري، حيدرآباد ۾ وفات ڪئي آهي. سندس والد ماجد جو نالو ملا محمد سليمان هو، جو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ فاضل شخص هو.

عاجز مرحوم ابتدائي تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد وٽان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ فائينل پاس ڪيائين، ۽ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ٻن ٽي سال رهي تربيت حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ڪراچي ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۾ ماستري ڪيائين. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ، گوشي نشين ٿي گذاريائين.

سندس شاعريءَ جو استاد مير عبدالحسين 'سانگي' هو. 'سانگي' مرحوم جي تربيت ۽ صحبت ۾ 'عاجز' مرحوم فن ۽ استادن جي ڪلام جو چڱو مطالعو ڪيو. 'سانگيءَ' جي اصلاح 'عاجز' جي ڪلام ۾ آهستي آهستي پختگي پيدا ڪئي. اهوئي سبب آهي جو اڳتي هلي 'عاجز' جو ڪلام سهڻو ۽ سلوڻو ٿيو. سندس شعر و شاعريءَ جو داد ان دور جي ٻين ڪهنه استادن ڏنو، جن مان مرحوم شمس‌الدين 'بلبل'، مرحوم محمد هاشم 'مخلص'، مرحوم شمس‌العلماء مرزا قليچ بيگ، مرحوم زمان شاهه 'ساقي' ٺٽوي، مشهور بزرگ آهن.

'عاجز' مرحوم جي شاعريءَ ۾ ياس ۽ حرمان، غم ۽ اندوهه ججهو آهي. مرحوم 'عاجز' اول اول ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجي والد جي وفات جو سُور سَٺو—ان کان پوءِ ڄڻ ته سورن اچي منهن ڪڍيو. آخري عمر تائين گمنامي ۽ گوشي‌نشيني اختيار ڪري پئي وقت گذاريائين. سندس شاعري، حُزن ۽ ملال جي زنده تصوير چئي وڃي ٿي.

دستور موجب، ڪن شاعرن سان معرڪا به ٿيا، جن مان زمان شاهه 'ساقي' ٺٽويءَ سان ٿيل شاعرانو معرڪو مشهور آهي، جنهن ۾ آخرڪار 'ساقيءَ' جي غلط فهمي دور ٿي، ۽ پاڻ ۾ شير و شڪر ٿي ويا.

عاجز مرحوم جو منتشر، ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪلام سندس پاڻتي مرزا غلام معصوم بيگ (سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد) وٽ موجود آهي. "سنڌين جا سخن" ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن وٽ موجود آهي، جنهن ۾ قديم شاعرن جي ڪلام جو انتخاب ڏنل آهي.

سندس اولاد ۾ ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي، ۽ هڪ پاڻيٽو آهي.

آخر ۾ دعا آهي ته رب ڪريم شال مرحوم کي مرهي! — انا لله و انا اليه راجعون.

(غ. م. گ.)

## نواز علي 'نياز' جعفري.

هيءَ خبر سنڌي علم ادب سان تعلق رکندڙ حلقن لاءِ نهايت ڏک پهچائيندڙ آهي ته سنڌ جي مشهور قادرالڪلام غزلگو شاعر، نواز علي خان جعفري، 'نياز'، ۱۲-نومبر ۱۹۵۹ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٦٧ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي آهي- انالله و انا اليه راجعون.

"نياز" جعفري، لاڙڪاڻي جي مردم‌خيز سرزمين مان هڪ گلِ نوشگفته وانگر نڪتو، ۽ اتي ئي موت جي ظالم هٿن سان مرجهائجي ويو! لاڙڪاڻي ۾، ۱۸-آڪٽوبر ۱۸۹۲ع تي، سومرن جي مشهور خاندان ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد آچرخان هو. 'نياز' مرحوم، ننڍي وهيءَ ۾ ئي يتيم ٿي چڪو هو. پنهنجي مربي ۽ پياري والد جي جدائيءَ هن ننڍڙي ۽ لماڻي ٻالڪ کي ڪافي متاثر ڪيو. سندس نماڻائيءَ ۽ سادگيءَ ۾ ان ابتدائي عمر واري اوندهه آگين حادثي جو وڏو دخل قائم رهيو. والد جي وفات کان پوءِ سندس تعليم ۽ تربيت جو بار سندس مامي، ماستر محمد پريل جهڙي مشهور فاضل شخص پاڻ تي هموار ڪيو. ماستر محمد پريل لاڙڪاڻائي، پنهنجي مذهبي مشرب ۽ تصنيفات جي ڪري، اهل تشيع فرقي جو سرگرم فاضل شخص هو. ماستر صاحب پنهنجي قلم ۽ ذوق سان سنڌي ادب ۾ ۽ سنڌ ۾ ڪافي طور پنهنجي مذهب جي اشاعت ڪئي آهي. 'نيار' جي تربيت ۾ سندس وڏي ڀاءُ غلام علي خان جعفريءَ جو به وڏو دخل رهيو آهي، جو صاحب به مذهب شيعه سان وابسته هو. انهن ٻنهي بزرگن جي تربيت ۽ صحبت جي ڪري، مرحوم 'نياز' به ان مشرب جو مخلص مومن ٿي نڪتو هو. ٻچاڙيءَ تائين اهلبيت اطهار ۽ معصومين جي حب ۽ مشرب ۾ سرشار رهيو.

سندس شاعريءَ جو ذوق، مرحوم 'بلبل' جي ديوان مطالعي ڪرڻ سان پيدا ٿيو. ان لاءِ سندس چوڻ آهي ته "ديوان بلبل" مون پنهنجيءَ والده ماجده وٽ ڏٺو، ۽ ان جي پڙهڻ کان پوءِ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو.

'نياز' صاحب ڪجهه وقت لاڙڪاڻي مدرسي ۾ به ماستري ڪئي. سندس ذڪر شمس‌العلماء دائود پوٽي پنهنجيءَ مختصر آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي، ۽ لکيو آهي ته "ان وقت کهڙو محمد ايوب خان، ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ هو، جنهن کي مسٽر نوازعلي 'نياز' خاص طرح پڙهائيندو هو." تعليم جي شغل کي ڇڏڻ کان پوءِ، روينيو کاتي ۾ ويو. ترقي ڪري مختيارڪار

# تبصرا

افسوس آهي جو هن پيري ڪتابن تي تبصرا پيش نہ ڪري رهيا آهيون، جنهن لاءِ ادارو 'مهراڻ' جي پڙهندڙن توڙي ڪتابن جي ناشر صاحبن کان معذرت چاهي ٿو. اميد تہ ايندڙ پرچن ۾ تبصرا ڪيا ويندا. — ادارو.

## پهچ

(۱) نيڪي ۽ بدي — صفحا ۱۴۱ (ڪرائون سائيز)؛ ديده زيب سرورق؛ قيمت ۰-۸-۱؛ سنڌيڪار مرحوم مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'؛ ملڻ جو هنڌ 'سنڌي ادبي بورڊ' جو بڪ اسٽال، اسٽيشن روڊ، حيدرآباد سنڌ.

(۲) ٽي گهر — صفحا ۳٦۰ (ڪرائون سائيز)؛ ديده زيب سرورق؛ قيمت ۰-۸-۳؛ سنڌيڪار مرحوم مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۳) گلن جي ٽوڪري — صفحا ۲۱۱ (ڪرائون سائيز)؛ ديده زيب سرورق؛ قيمت ۰-۴-۲؛ سنڌيڪار مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۴) فيروز دل افروز — صفحا ۱۵۹ (ڪرائون سائيز)؛ گردپوش سهڻو؛ قيمت ۰-۸-۱؛ سنڌيڪار مرحوم مرزا قليچ بيگ، ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۵) گليور جو سير ۽ سفر — صفحا ۱۲٦ (ڪرائون سائيز)؛ ڪور رنگين؛ قيمت ۰-۸-۱؛ سنڌيڪار مرحوم مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(٦) ٽيلسمن، عرف غازي صلاح الدين — صفحا ۱۱۵ (ڪرائون سائيز)؛ ديده زيب سرورق؛ قيمت ۰-۴-۲؛ سنڌيڪار ساڌو هيرانند ۽ پيرومل؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۷) دلپسند قصا — صفحا ۳۸۴ (ڪرائون سائيز) قيمت ۰-۴-۲؛ مصنف مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۸) نل دمينتي — صفحا ۲۸۱ (ڊيمي سائيز)؛ ديده زيب سرورق؛ قيمت ۰-۰-۳؛ مترجم رشيد احمد لاشاري؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۹) چندن هار — صفحا ٦۰۰ (ڊيمي سائيز)؛ مجلد، آرٽ پيپر جو گردپوش؛ قيمت ۰-۰-۹؛ مصنف مرزا قليچ بيگ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۱۰) ڪيمياي سعادت — صفحا ۱۸۱ (ڪرائون سائيز)؛ ديده زيب گردپوش؛ قيمت ۰-۰-۲؛ سنڌيڪار غلام حسين جلباڻي؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۱۱) سچل جو سرائڪي ڪلام — صفحا ۳۷۷ (ڊيمي سائيز)؛ آرٽ پيپر جو ڪور؛ قيمت ۰-۸-٦؛ مرتب مولوي محمد صادق رانيپوري؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(۱۲) مداحون ۽ مناجاتون (لوڪ ادب) — صفحا ۵۰۰ (ڊيمي سائيز)؛ مجلد، آرٽ پيپر جو گردپوش؛ مؤلف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(١٣) تاريخ معصومي (اڙدو) — صفحا ٥٧٠ (ڊيمي سائيز)؛ مجلد، آرٽ پيپر جو رنگين گرد پوش؛ قيمت ١٠-٨-٠؛ مصنف مير معصوم؛ مترجم اختر رضوي؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'

(١٤) جادو ۽ سائنس — صفحا ٦٢٤ (ڊيمي سائيز)؛ آرٽ پيپر جو رنگين گردپوش؛ قيمت ٨-٠-٠؛ مصنف سر جيمس جارج فريزر؛ مترجم سومار علي. م. سومرو؛ ڇپائيندڙ 'سنڌي ادبي بورڊ'.

(١٥) آءٌ ته چوريون چنگ — صفحا ١١٢ (ڪرائون سائيز)؛ آرٽ پيپر جو رنگين ڪور؛ قيمت ١-٨-٠؛ مصنف موتي پرڪاش؛ ڇپائيندڙ 'جيوَن ـ ڪلا پبليڪيشن'، ٦ ـ ماڌو ڀون، سگنل هيل اوينيو، بمبئي ـ ١٥.

(١٦) سجاڳيءَ جو سڏ — صفحا ٢١٤ (ڪرائون سائيز)؛ رنگين ڪور؛ قيمت ٢-٤-٠؛ مصنف محمد دائود سولنگي؛ ڇپائيندڙ 'ادارهٔ سنڌي ادب'، ٽنڊو محمد خان، سنڌ.

(١٧) تعميرِ زندگي — صفحا ٩٠ (ڪرائون سائيز)؛ رنگين ڪور؛ قيمت ١-٤-٠؛ مترجم رسول بخش 'خمار'؛ ڇپائيندڙ 'اداره آواز ادب'، حيدرآباد سنڌ.

(١٨) حسن — صفحا ١١٢ (ڪرائون سائيز)؛ آرٽ پيپر جو ڪور؛ قيمت ١-٨-٠؛ مصنف رسول بخش 'خمار'؛ ڇپائيندڙ 'اداره آواز ادب'، حيدرآباد سنڌ.

(١٩) بناءُ الاسلام — صفحا ٢٦٢ (ڪرائون سائيز)؛ سادو ڪور؛ قيمت ٣-٠-٠؛ مصنف مرحوم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي؛ ملڻ جو هنڌ: حاجي احمد خان ابڙو، ڪلاٿ مرچنٽ، نصرپور، سنڌ.

(٢٠) رسالو "نئين دنيا"، بمبئي، (سنڌيت نمبر، جنوري ـ فيبروري ١٩٦٠ع) — ملڻ جو هنڌ: ٧٧، ڪاپڙ بزار، ماهم، بمبئي ـ ١٦.

(٢١) سورج شاخون ڪيريون — صفحا ١٤٣ (ڪرائون سائيز)؛ آرٽ پيپر جو رنگين ڪور؛ قيمت ١-٨-٠؛ مصنف محمد علي ڏني؛ ڇپائيندڙ 'اداره آواز ادب'، حيدرآباد، سنڌ.

(٢٢) ماهوار رسالو "روح رهاڻ"، حيدرآباد (ٻهريون پرچو، اپريل ١٩٦٠ء) — ناشر 'زندگي پبليڪيشن'، حيدرآباد؛ قيمت في پرچو ٨-٠.

(٢٣) رسالو "گل ڦل" (سالنامو)، سنڌي ادبي بورڊ،

(٢٤) شيشي جي دل — صفحا ١٢٥ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ١-١٢-٠؛ ليکڪ ڪلا پرڪاش؛ ملڻ جو هنڌ: 'ڪهاڻي پبليڪيشن'، هنسالي ٽئنڪ روڊ، بمبئي ـ ٢٨.

(٢٥) جن سوُري ڀانئين سيج (ٻه ڀاڱا) — صفحا ٢٣٨ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٻنهي حصا ٣-٠-٠؛ ليکڪ گوبند مالهي؛ ملڻ جو هنڌ: 'ڪهاڻي پبليڪيشن'، هنسالي ٽئنڪ روڊ، بمبئي ـ ٢٨.

(٢٦) تون ۽ مان — صفحا ١٣٢ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ١-٤-٠؛ ليکڪ ا. ح. جئسنگهاڻي؛ ملڻ جو هنڌ: 'اڪبر آشرم پبليڪيشن'، ايم. زيڊ. هاسپيٽل جي سامهون، لاڙڪاڻو سنڌ.

(٢٧) دل جو جام سدا پرپور — (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ١-٠-٠؛ ليکڪ ا. ح. جئسنگهاڻي؛ ملڻ جو هنڌ: 'اڪبر آشرم پبليڪيشن'، ايم. زيڊ. هاسپيٽل جي سامهون، لاڙڪاڻو سنڌ.

’رائيٽرس گلڊ‘ طرفان حيدرآباد ۾ ٻه ريون پيرو ادبي سمپوزيم ٿيو آهي، جنهن جي مفصل ڪارروائي اوهان ’مهراڻ‘ ۾ ڏني آهي. ادب ۽ سائنس — ٻئي انساني زندگيءَ جا اهڙا مُک موضوع آهن، جن جي پاڻ ۾ نسبت ۽ اثراندازيءَ کي جاچڻ به پنهنجيءَ جاءِ تي اڄ جي دور جو وڏو موضوع آهي. انهيءَ موضوع تي جيڪي به مقالا ۽ خيال‌آرايون پيش ٿيون آهن، سي سنڌي ادب لاءِ وڏي غنيمت آهن. هيءُ حصو ’مهراڻ‘ لاءِ هميشه جي زينت آهي.

آءٌ پانيان ٿو ته خط جي ختم ڪرڻ جو موقعو آيو آهي، تنهنڪري پنهنجي پسند جو هڪ شعر دهرائي، موڪل وٺندس:

’هلڪين ڳالهين ساڻ دلين جا بارَ جهڪا ٿي پولدا،
تنهنجي چپن سان لڳندي لفظ مٺا ٿي پولدا؟‘
(تنوير)

’مهراڻ‘ جو متوالو — نارائڻ شرما (بي. اي. آنرس)

حيدرآباد، فيبروري، ١٣، ١٩٦٠ع.



